# مهراڻ



ايڊيٽر- امداد حسيني

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 27] [نمبر 1

جنوري، فيبروري ۽ مارچ

1978ع

•

ايڊيٽر: امداد حسيني

مئنيجنگ ايڊيٽر: ظفرحسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر: ناشاد

سنڌي ادبي بورڊ

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.

فون نمبر 23888/6

مواد موڪلڻ جي ائڊريس

**ايڊيٽر ٽماهي "مهراڻ"**

**سنڌي ادبي بورڊ**

سنڌ يونيورسٽي نيوڪئمپس ڄامشورو سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس

مئنيجر

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

**في پرچو 6-00 رپيا** **ساليانو چندو 20-00 رپيا**

---

**Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline Hyderabad, Sind.**

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# سٽاءُ

[ 1 ]


● سوچ لوچ
● ويڙهيون ۽ ولهار — عبدالڪريم گدائي
● صبح ويل، آلا نيڻ — الطاف عباسي


## شاعري


1. شيخ اياز 9
2. سروپچندر شاد 13
3. تاج جويو 14
4. خاڪي جويو 15
5. ذوالفقار سيال 15
6. ابراهيم اسير ملاح 16
7. بشير سيتائي 16
8. ج.ع. منگهاڻي 17
9. راشد مورائي 18
10. ادل سومرو 19
11. امرتا بيدل 20
12. رسول ميمڻ 21
13. سارنگ ابڙو 23
14. ايس. نسرين 24
15. برڪت بلوچ 25
16. منظور قريشي 27
17. ڪنول لهاڻو 28
18. راهي چنا 29
19. شهناز ميمڻ 29
20. عثمان ميمڻ 30
21. آثار آرائين 31
22. عنايت ميمڻ 31
23. نا گپال 32
24. محمد يعقوب آريسر 33
25. اڪبر سومرو 33
26. واجد 34
27. احمد خان ملڪاڻي 34
28. اطهر سنگي 35
29. اياز گل 36
30. مختيار ملڪ 37
31. رحيم بخش قمر 38
32. غلام نبي مغل 38
33. محمد عثمان سولنگي 38
34. نيپراج صوفي 39
35. منصور ويراڳي 40
36. مير محمد پيرزادو 42
37. نثار بزمي 43
38. عزيز مهراڻوي 44
39. تنوير عباسي 45
40. الطاف عباسي 47
41. تهمينه مُفتي 49
42. نانگراڻي 49
43. شرجيل 50
44. نورالهديٰ شاهه 51
45. سحر امداد 54
46. امداد حسيني 56

## عبدالڪريم "گدائي"

### ويڙهيون ۽ ولهار

### بهار ايندو، قرار ايندو

اجهو موسم ڦري ساوڻي، خزان ويندي، بهار ايندو،
ڪجي گرنار پاسي ڪان، اجهو ابر بهار ايندو،
انهن جي ٻُور تي پونئرو ۽ ڦي بي اختيار ويندو،
ڪليون ٽڙنديون اميدن جون، دلين کي پڻ قرار ايندو،
وڻن ۾ برگ و بار ايندو،
ٿرن تي ٿيندا وسڪارا، سنگهارن ۾ سڪار ايندو،
بهار ايندو، قرار ايندو.

ڪري سينگار ساهيڙيون، سُهانا گيت ڳائينديون،
هٿن پيرن کي ميندي، مينڌ ۾ سندور لائينديون،
اندر جا راز رمزن ۽ اشارن ۾ ٻُڌائينديون،
ڪري هڪٻئي کي ٽڪايون، ڪِلي هر هر کِلائينديون،
۽ جوڀن تي بهار ايندو،
ٿرن تي ٿيندا وسڪارا، سنگهارن ۾ سُڪار ايندو،
بهار ايندو، قرار ايندو.

ڪُنواريون پاڻ ۾ ويهي، جِگن جا راز کوليند يون،
ننڍن تي آڱريون نيئي، نرالا ٻول ٻوليند يون،
قطارن ۾ ويهي جيڏيون، جوٽان هڪٻئي جون ڳوليند يون،
جڏهن هو پنهنجي سيني تي سيه واسينگ کوليند يون،
ته عاشق بي قرار ايندو،
ٿرن تي ٿيندا وسڪارا، سنگهارن ۾ سُڪار ايندو،
بهار ايندو، قرار ايندو.

دماما، دهل، شرنايون، ڪٿي ڏمچر مچائينديون،
ننڍيون نيئيون، ميڙي لاڏا ۽ سهرا خوب ڳائينديون،

●

هاء حياتي ڪاڪ محل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.

مون ۾ ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڪائي، آءٌ تہ هڪڙو تانءُ ٻڪل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.
اهو ڪڪر بہ ٻلارو، جنهن ۾ چوڏهينءَ وارو چنڊ لڪل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.
منهنجو سينو ڳاڙهو ڳاڙهو، منهنجا هٿ رت سان رڱيل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.
ڪوٺيان ويٺو قبرون جن ۾ منهنجون خوشيون دفنايل،
مومل منهنجو ماڳ ميان.

## غــزل

جنهن سان ويهي اوريم اورَ،
تنهن کي ٻيو هو ساڳيو غم.
جنهن ٻي مون کان سُرڪ َ مڱي،
تنهن کان لُڙڪ َکسي ورتم.
سُهڻي ڪَنڌن جي سيج مٿان،
سهٽا سرها خواب ڏنم.
رهبر هاڻ نہ مون کي روڪ،
مس مس ڳولي راهہ لڌم.
ڏس تہ حياتي تنهنجي لاءِ،
ڪيڏا ڪيڏا سورَ سٺم.
جنهن کان سنڙو درد مليو،
تنهن کي ڳوڙو گيت ڏنم.
اوندهہ ساڻ پريل جڳ کي،
جيءُ جلائي جوت ڏنم.
اڄا تہ الفت ولبڙي آهہ،
ونٿو آهہ ٻيو بہ جنم.
لکندم جيکي چاهيندم،
منهنجي هٿ وس آهہ قلم.

## فاصلو

مون چيو:
”ريل جي پٽڙين وانگر
اسان همسفر آهيون
ساٿي آهيون
سدا گڏ هلون
پر
ڪڏهن نہ ملون.“
تو چيو:
”ريل جي پٽڙين کي
سدائين ساڳي وٿيءَ تي هلڻ گهرجي
اهي
جيڪڏهن ملنديون
يا
فاصلا گهٽائينديون
يا
وڌائينديون
تہ
وڏا حادثا ٿي پوندا.“

## ٽمڙو

لنوي پيو ڪانءُ
ايندينءَ
ٻولي پيو هيانءُ

مور آڏامي ويو
ويڳاڻو
منهنجو باغ ٿيو

فون جي گھنٽي ٻُرندي
سُچاڻل آواز
ڪن ٺري پيا

ڪوئل جو آواز
مُرڪڙيءَ جهڙو منهن
ٻوڙ ٻي ايڏو نياز

نيڻ جهڙو نار
ٻري
نينهن وڻيون ٻهار

ٻاڻيءَ جو وارو
ٻُنا اکھاڙا
ٻوي پيو ٻارو

ٽڪس ڪريو معاف
ٻوڙ
ڪيو هاڻ هاڻ

ڏينهن سارو ڏُڪ
رات روئي ٻارڙا
مارين ٻنهنجي ٺڪ

ٻٽيءَ واري ڏينهن
وڏيرو
ڦوڪجي ٿيو شهنهن

سونا کهه ٻائي
ڇڏيو
سندن سولهن وڏائي
اوندهه جا سَوَ تهه
ڳروري هڪڙي اکيان
َڪائي ويا شهه

لهڻ نسوري جوت
هن اونداهي من ۾
ڪجهه ته ڪرڏا اوت

## طوفان

چنڊ جي آيرڻ ڪان اڳ،
هڪ ڪڪر آپ تي هيو،
جوت ڪي جنهن چنڊ جي،
چند گھڙين لئي ڍڪيو.

اوچتو طوفان آئيو،
جنهن سان ڪر ٿي ويو ڪڪر،
چانڊجي وئي روشني،
جڳ ڪيو روشن قمر.

# امن لاءِ

مون تي تلوار آڻي ڪرڻ ڪان اڳ سوچين ها!

مون کي ٻي جيئرو رهڻ جي آ تمنا تو جيئن
منهنجي سيني ۾ ٻه آ ساهه جيئن توکي آهه
منهنجي رڳ رڳ ۾ ٻه انسان جو رت آهه روان
منهنجي هڏ هڏ تي ٻه ماس آهه جيئن توکي آهه

مون کي حق آهه ته مان جان بچايان پنهنجي
جنگ جي مون کي ٻه همت آ جيئن توکي آهه
تون ته زور آهين مگر مان ٻه ته هيڻو ناهيان
منهنجي ٻانهن ۾ ٻه طاقت آ جيئن توکي آهه

پوءِ ڦٽباسين اگر هيڪڙو مقابل ٿياسين
ماس جي منهنجو ڪٽيو، تو مان ٻه ڪجهه رت وهندو
منهنجي جي ٻانهن ڀڳي، تنهنجي ڪا آڱر ٿي ڀڃي
ڇو وڙهڻ ۾ ڀلا ڇيهي ڪان بچي ڪو سگهبو؟

ڀاءُ! اڄ صلح ڪريون، سک سان رهون، اڪٺي وڌون،
اها تلوار ڀڃي ڀوري ڪري ڇڏ ڀرزا
نه ٿي تون مون کي ستائج نه مون کان ڪؤ ڪائج
نه مان ڀوڳيان نه ٿي تون هيءَ حياتيءَ جي سزا

مون تي تلوار آڻي ڪرڻ ڪان اڳ سوچين ها!

# لاٽونڙو

(ٻارائو گيت)

آءُ تہ لاٽونڙو ڦيرايون،
ياءُ گهڙي کن دل وندرايون.

سنهنجو لاٽون سُهڻو سُهڻو، رنگا رنگي ۽ من سُهڻو،
ڪاريگر ڪيئن آهي ٺاهيو، واهہ جو رنگ سان رنگ ملايو!
آءُ تہ هن سان روح ريجهايون،
آءُ تہ لاٽونڙو ڦيرايون.

آيس ٻَٽ جي ڏور وٽائي، ڳاڙها ڦُندڻ ان ۾ ملائي،
ويڙهي زور سان ٻٽ تي هڻندس، ليوڙي جهٽ ٻٽ هٿ تي ڪڻندس!
ڪيڏو هٿ تي هو ڪڪايون،
آءُ تہ لاٽونڙو ڦيرايون.

هٿ تي ڪڻندس هيٺ نہ ڊهندو، ڦرندو ڦرندو ساندهہ رهندو،
ٺڪجي ٻولندو گوهيون هڻندو، ٻوءِ گهڙي کن ساهہ ٻہ ڪڻندو،
ٻيهڻ جون واريندو واهون،
آءُ تہ لاٽونڙو ڦيرايون.

تون ٻہ ڪٺي اچ لاٽون ڏور، ٻوءِ ٻُڌايون ڪنهن جو زور،
لاٽون آهي سهڻو منهنجو، ناهي هن کان بهتر تنهنجو!
چونہ پلا ٻوءِ شرط ٻڌايون،
آءُ تہ لاٽونڙو ڦيرايون.

# شاعري

[پياري الطاف جو مڙهه جڏهن مقام ڏانهن نيو پئي ويو ــ ۽ مڙهه تي جڏهن سانيھ جي سُرهي مٽي پاتي پئي ويئي، تڏهن تنوير لارون لڙڪ ۽ لاڙي رهيو هو ــ ۽ شاهه جا هي بيت ۽ سُڏڪي رهيو هو:

ســون آهي تــنَ وَٽِ، پيرِينَ هڳهه چوڙيا،
ڪا مُنهين ۾ ڪــٿِ، نات سَجڻ سَباجها گهڻو.

ســون آهي تنَ هيٺِ، پيرِينَ پڳهه چوڙيا،
ڪا مُنهين ۾ ڏيٺِ، نات سَجڻ سَباجها گهڻو.

ســون آهي تــنَ جهلَ، پيرِينَ هڳهه چوڙيا،
ڪا مُنهيــن ۾ آلَ، نات سَجڻ سَباجها گهڻو.

جندڙي کيل تماشو،
ڀائيءَ منجهه پتاشو!

ـــ تهمينه مفتي

# ڪال ڳڏيوسون ڪاپڙي...

اهو لازمي نہ آهي تہ هر فنڪار هڪ عظيم مفڪر بہ هجي ۽ معاشري جو منطقي ۽ مثبت (Positive) تخيل بہ پيش ڪري سگهي، پر جيڪڏهن هو معاشري جي منفي (Negative) پهلو جي عڪاسي ڪري سگهي ۽ پڙهندڙ ۾ ان جي هر بڇڙائيءَ لاءِ نفرت پيدا ڪري سگهي، تہ هن جو رول بہ گهٽ نہ آهي ۽ هن جي فن کي بہ پائنده اهميت آهي. مغرب جي حقيقت پسند مڪتبي (Realist School of Litreture) اهڙي حقيقت پسند فن جي تخليق ڪئي آهي. ان مڪتبي ۾ ڊڪنز (Dickens) ايملي زولا (Emile Zola) وغيره اچي وڃن ٿا ۽ برصغير جي شاعريءَ ۾ "نظير" اڪبرآباديءَ کي اهو فخر حاصل آهي. مان فخر سان چوان ٿو تہ اسان جي "گدائيءَ" ۾ معاشي حقيقت ايترو تہ جرڪي رهي آهي جو ڪنهن بہ جوهريءَ جي جهول کي مات ڏيئي سگهي ٿي. "گدائي"، "بيوس" جو همعصر آهي..."گدائيءَ" جي شعور ۾ جو سماج جو آدرش آهي، اهو "بيوس" ۾ بہ نہ آهي. هن جو مجموعو هڪ جراح جي ميز آهي جنهن تي ماحول جو ناسور زده عضوو عضوو پکڙيو پيو آهي. هن جو ڪلام ڪاٽي وڏيرڪي رنگ ڍنگ، ڊيل ڊول ۽ رعب تاب جو ڪارٽون آهي تہ ڪاٽي هن جي هر سٽ ٽري لاٽ ٽري جي گولي آهي، جا هن دپڙ دونس ۽ پڪر پوسات واري ماحول کي دُون ۾ لڳي ٿي. "گدائي" جنهن دور جي پيدائش آهي تنهن ۾ سياست جي اهميت جذباتي نعره زنيءَ کان زياده نہ هئي ۽ ان دور ۾ ايترو بہ تاريخ ۽ سياست جو شعور، جيترو "گدائيءَ" ۾ ملي ٿو، وڏي غنيمت آهي. شال هن کي اجا بہ عمردراز ملي. هن کان پوءِ شاهہ ڀٽائي صاحب جي اها سٽ بي اختيار زبان تي اچي ويندي:

ڪال ڳڏيوسون ڪاپڙي، پاٻو پان پري.

جي اوهان بہ مون وانگر ڪنڪر هٽائي هيرا ڏسندؤ، تہ اوهان کي يقين ٿي ويندو تہ "گدائيءَ" جو ڪلام اسان جي ادبي ورثي ۾ هڪ املهہ اضافو آهي.

شيخ اياز

("ساڻيهہ جا سُور" جي پيش لفظ تان)

# شيخ اياز

## جهڙ ۾ جهيڻي باهڙي

(شيخ اياز جي اڻڇپيل مجموعي ’لٽو سج لڪن ۾‘ مان ڪجھ وايون
”مهراڻ“ 1976/2-1 ۽ 1977/2-1ع ۾ ڇپجي چڪيون آهن.
هن پرچي ۾ پڙهندڙن آڏو ڪجھ وڌيڪ وايون پيش ڪري رهيا آهيون.)

●

ووڙيندي مون واٽ،
لٽو سج لڪن ۾.

ڇپر منجھ ڇپي ويا،
اونهين اوچا ڪاٽ،
لٽو سج لڪن ۾.

ڪيڏو آهڪو پنڌ هو،
نه ڪا چانو نه ڇاٽ!
لٽو سج لڪن ۾.

اونداهي ۽ اوجهرو،
رهتو جيئڻ جاٽ،
لٽو سج لڪن ۾.

●

ڪامَ نہ ڪرهي مار
سوتي منجھ مهارَ
جنهن ڪي پنهونءَ پوئيا.

ڳولي پنءَ پنهور جي
جنهن جي نيڻ نهار
ڪام نہ ڪرهي مار

ٿليون ٿوٿرن سان ميان
جن ۾ ڀنڊڙ ڀڪار
ڪام نہ ڪرهي مار

ڪونجَ ٻڌين ٽوڪيت جي
جنن ڪا ڪونجِ آڌار!
ڪام نہ ڪرهي مار

●

جهيڻي آڳاريِن
ڪيمن ميڪيان هنڙا.

ڇو هنن پيالءَ پٽ جا
ڏيڻا ٿو ڀاريِن.

منهنجيءَ آڃ“ آسات ڪي
جَرڪي جيڏاريِن.

واري جيئڻ جا جهلا
مون کي ٿو ماريِن.

او شل سرچي سڪ سان
ٻرچيي پيئاريِن!

ء پو اوت آلاوَ جي
سٿيء تي هاريِن؟

●

سانجهيء سِڄ ٻڏو
رڻ ۾ پئي راتڙي.

ڪُڪي اڄ نہ ڪونجڙين
هنيو روهہ ٽڏو!
رڻ ۾ پئي راتڙي.

تاري ٽِمڪو ناهہ ڪو
سارو آپ پُڏو،
رڻ ۾ پئي راتڙي.

هاءِ ٻر مون ساڻاريو
سِتان لَڪِ لڏو،
رڻ ۾ پئي راتڙي.

تِن کي چئو ايترو
'ڪرها! ڪهتِ ڪڏو!'
رڻ ۾ پئي راتڙي.

●

ڪيتي رات پئي
رڳو روهہ رَئي
نہ ڪو ٻڪُ نہ ٻهيڙو!

ڪينوڻ ڪجي آپ ۾،
ڪاريء ڪپ وئي،
نہ ڪو ٻڪُ نہ ٻهيڙو!

جهڙ ۾ جهيڻيء باهہ جئن
ڪُوڪَر ڪونج ڪئي،
نہ ڪو ٻڪُ نہ ٻهيڙو.

چپ سيلايئہ اوچتو،
مون کي چنگ ڏئي،
نہ ڪو ٻڪُ نہ ٻهيڙو.

●

واڪا ڪريِ واءُ،
ڪيڏو تتيء تاءُ،
ڪيڏا ڪوسا ڪَڪَرا.

اهڙي سِڄ اپار ۾،
ڪهڙو سات سماءُ،
ڪيڏا ڪوسا ڪَڪَرا.

ٻهنجن پيرن جو پيو،
چرڪائي پڙلاءُ،
ڪيڏا ڪوسا ڪَڪَرا.

ماڳُ نہ پيڙو پاڳ ڪي،
لُڻ لَنءِ پو بہ لڳاءُ،
ڪيڏا ڪوسا ڪَڪَرا.

آءُ آساهو ڏير ڏي،
مون کي ڏرتي ساءُ،
ڪيڏا ڪوسا ڪَڪَرا.

●

ڪَڪَرِ جهڙ ڪارو،
ليڙا ساندا لَڪ ۾.

اکين ڪان اوجهل ٿيو،
ٻنهون پنارو،
ليڙا ساندا لَڪ ۾.

جن لئہ مُنهنجا ٻول ڄمُن،
گريون ساڻ ڳنُلن،
اکيون جن جي آسري.
جن وٽ منهنجون ڳالهڙيون،
ڄمُن ڦُل ڦاڳ ڦُلن،
اکيون جن جي آسري.
جن سان منهنجو نينهن ڄمُن،
سانوڻ مينهن وسن،
اکيون جن جي آسري.

●

تُنهنجي تات تڳاءِ،
تنهنجي توهہ جيئان پيو.
مون کان ٻو منهنجا ٻرين،
سڏ نہ هوندو ساءُ،
تنهنجي توهہ جيئان پيو.
ڀنڊ تکيندو ڀيرڙا،
واکا کندو واءُ،
تنهنجي توهہ جيئان پيو.
لڪن ۾ پيو لڙکندو،
مُنهنجو لونءِ لڳاءُ،
تنهنجي توهہ جيئان پيو.
ڪهڙيءَ ڀَر ايندين ٻرين،
ڪنهن کي سڏ سماءُ؟
تنهنجي توهہ جيئان پيو.

●

تُنهنجيءَ جوڙ جهلڪ
موهَن، مون مَن موهيو.

مون ۾ وَر وَر وسوسا،
پيار نہ کائي ڀڪ.

مون من کامُهہ ويڙهيو،
ٻاهر جهولا جهڪ.

ڀٽ ڀنڀور تي ويا،
مون لئہ تيرچا لڪ.

ڪوڙ ڪٺوريءَ تون ميان،
ورچي ناس نہ نڪ.

ڏک ٻہ ڏاڙهونءَ ڳُلڙا،
ڏک ٻہ ڪهڙا ڏڪ!

مون ۾ سڀ کان اڳ ۾،
تُنهنجي مينهن مهڪ.

او شل اڇين اوچتو،
واريءَ ڦُلن آڪ!

صدين کان سرچي وڃي،
منهنجو ڀَل ڀلڪ.

## سروپچند ر شاد

### چنني پاسي ٿيو چنائو

ڪنهن جو وهيو آ رت، آلاڙي،
چنني پاسي ٿيو چنائوا

ڪنهنجو روز آتو مد ماتو سج ڪري سواگت، الاڙي،
چنني پاسي ٿيو چنائو.

ڪنهنجا گيت ڳائي وڻ وڻ تو، پريت ڳائي پربت، الاڙي،
چنني پاسي ٿيو چنائو.

وات وات تي واس گان جو، وک وک تي امرت، الاڙي،
چنني پاسي ٿيو چنائو.

سروپچن جا سر هنن ۾، آڏيءَ سان الفت، الاڙي،
چنني پاسي ٿيو چنائو.

ڳيرو گهاءُ گلابي چاهن، مورڪ چاهن مت، الاڙي،
چنني پاسي ٿيو چنائو.

# تاج جويو

## ٽنڪا (Tanka)

●

نِيرَ نِيرَ نِيرَ آڪاش-
ماڻهوءَ جو وچ روڊ تي
رَتَ ۾ لت پت لاشُ!
ڪولي پيو ڪو ڪيسن ڪي،
ڳولا ۾ آ پئسن جي.

●

پورهيت منهنجا ياءُ!
سينو چيري ڌرتيءَ جو،
تنهنجو هٿُ-ڇُهاءُ،
پيٽُ پري ٿو ٻستيءَ جو-
سَٽُ نه تنهنجيءَ هستيءَ جو.

●

موتين-مالهائون،
ڳوڙها ڳوڙها ڳل تي،
اڻڏٺ ريکائون-
هنج لڙا ڄڻ تل تي،
آجري آجري جَل تي.

## منهنجا گيت گلاب

اوجل جر سمان، سپنو منهنجي سوچ جو!
جنهن ۾ جيئڻ جوت آ، آزاديءَ ايمان،
سپنو منهنجي سوچ جو!
مارڳ ۾ وڙهندي مران، منهنجو موت مهان،
سپنو منهنجي سوچ جو!
آزاديءَ جي آس ريءَ، مور نه مان انسان،
سپنو منهنجي سوچ جو!

●

پورهيت- پگهر واسنا،
منهنجا گيت گلاب،
سارو لوڪ سڳنڌيو!
آهه صحيفو سونهن جو،
ماڻهوءَ مک ڪتاب!
منهنجا گيت گلاب.
انسانيت جي عشق جو،
نيارو آهه نصاب!
منهنجا گيت گلاب.
ڌرتيءَ سينڌ-سنوار ريءَ،
ساريون سوچون خواب!
منهنجا گيت گلاب.

## خاڪي جويو

### وائي

ڀيرين ڀنڊ وسار،
اکين جي آڌار،

پنج پرينءَ جي پيچري.

آڏو لڪ آيا ٽيا،
ٽاڪي ٽن ڪي ٽار،

پنج پرينءَ جي پيچري.

ترهو وڏيءَ تار مان،
پنهنجو ڀار آڪار،

پنج پرينءَ جي پيچري.

ڪاهوڙين جي ڪوچ جا،
’خاڪي‘ خيال نہ ڪار،

پنج پرينءَ جي پيچري.

## ذوالفقار سيال

●

سهس صديون اڳ
پيلو وڻُ هيم
هاڻي پنهنجي جُوڻ مٽائي
ماڻهو ٿيو هان

پر منهنجي اندر
رنگ اڃا آ ساڳو
ڳوُنچ گلن مان
رت نهيو آ

پوءِ بہ پنهنجي چهري تي
پيلو رنگ سجائي
(ٻنا ڪنهن چاهنا جي)
ورجايان ٿو
پنهنجي ئي تاريخ

## ابراهيم اسير ملاح

### منهنجي دلڙي سينهن جي ڦڙي

سمنڊ کان رتل
آسمان کان تتل
بي يار و مددگار
نه هن پار نه هن پار

تپي تنور جيئن
ساڙيو سور تيئن
دردن جا داستان
دل اندر مهمان

درياهه جو نه نيايو
هوا ئي آئي ويس
نه ڪي آڪاس اتڪايو
نکي ٿي ڪري پيس

منهنجي سنڌي سوغات
ڦڙيءَ جي جا بات
تي الا لا
آ ذات

منهنجي دلڙي سينهن جي ڦڙي

## بشير سيتائي

### ڏينهوءَ وارا ڏنگ

(نيڙو)

پري اندر ۾ آگ
ذات نڪتي ڏيهه ۾
چوري ٿي چڙوا ڳ

ڪاري رات اماس
وينگس وچ بازار
ويچي ون ۽ واس

گهر چڏي ڪر ساڻ
ڳاڏڙ ساڏڙ ٿي وئي
اونداهي چانڊاڻ

اڄ وري جاتر
جيون جو جنسار
پاڇا ۽ پونر

هي ڪوڙا ليڪا
ڪنهنجي هٿ ۾ ٻڌي جي
لاهي ليڪ ريڪا

آلا! اڪهاڙا انگ
ڪيرسهي نه ڪ جان تي
ڏينهو وارا ڏنگ

ڪله جا ڪهڙا ٻيار
اڄ به ٻچ نه ڪڪل ائي
سونهن نگر جي نار

# ج. ع. منگهاڻي

## پرهه ڦٽندي، صبح ٿيندو

جوٽيون ٻاري، اوندهه ٽاري،
سهرون موتين پرڙيون آڻي،
هارينداسين ڍڳ ڪناري،
مندر سپنو سچو ٿيندو،
پرهه ڦٽندي، صبح ٿيندو.

سانجهي ايندي، وينديون راتيون،
ماڪ لڙيءَ جو رمجهم رمجهم،
وسنديون خوشين جون برساتيون،
جيءَ ۾ سرڪي جهول جهليندو،
پرهه ڦٽندي، صبح ٿيندو.

جوت جرڪندي جڳ سمورو،
ٻهڪي ٻهڪي آنندو،
هيلان نه رهندو خواب اڌورو،
ماڪ پيو هيٺ کي سلائيندو،
پرهه ڦٽندي، صبح ٿيندو.

## وائي

ويني ويني هنج ۾، ماڪ پيو ڳهرين،
ڪوجهي ديهه ڏرين!

وک ڪٿي هيڪڙي، ٻئي ٻيو ورن،
ماڪ ايندو توکري، سوچي ٿي لڙهن،
ڏاڍي جي اکيان ڏري، سس ٿو ڏرهن،
ڪوجهي ديهه ڏرين!

## راشد مورائي

# نظم

ڇيڙين تو جي ديواني کي،
دل جا درد ٻڌي سگهندين تون؟

ڇو پنهنجو آرام ڦٽائين، ديواني سان جو ڳالهائين.
اڄ رات لڙي وئي آهي، ڇو هيئن ننڊ ڦٽي وئي آهي؛
تون دانا ۽ مان ديوانو، مات رهڻ ڏي من ستانو.
پٿر ڇو تو اڇلائين، سمنڊ رهڻ ڏي ماٺو سائين.
مات! متان ڪا وير چڙهي پئي، ۽ ڪنهن جو احساس لڙهي پئي؛
بس! متان برسات وسي پئي، هانءُ ڦِسي پئي، اک ۾ ٻُسي پئي.
قيام ٿيندي لڙڪ لڙي پيا، جي، ڳوڙها ٿي چار ڳڙي پيا.
ياد وري ڪا تازي ٿيندي، ڪنيل، ڪنجي ٻازي ويندي.
دل تي مس قابو پيو آهيان، چاڪ رهڻ تو هاڻي چاهيان.
دور غمن کان گهاريان وينو، اونارن کي ناريان ويٺو.
توکي آ لاچار ٻه گهڙو، چرين لئه ويچار ٻه ڪهڙو!
سور ستا جاڳائين ڇو تو، ڇُنڊ ڦٽ چيڪائين ڇو تو.
ميروان موت، شڪار ستوڪان، رحم ڪري ڏس حال غريبان.
ڪنهن جي دل تي درد وڏي ڇو، هيئن ڏک ۾ ڪو ڪنهن کي ڏڏي ڇو.
هيءَ جا پرده پوشي آهي، بهتر سا خاموشي آهي.

ڇيڙين تو جي ديواني کي،
دل جا درد ٻڌي سگهندين تون؟

## ادل سومرو

# ڌرتيءَ تي دوزخ

جڏهن جڏهن پيا
گندي پاڻيءَ جي ڍبن پر تان
جهريل جهوپڙ پرسان
اچي لنگهين ٿو ته ٽڪ ٽڪ اکين ٿو
ڌڪار مان تون ناسن تي رومال رکين ٿو
ڪرپ منجهان تون منهن ۾ سوڻ وجهين ٿو
چوين ٿو:
”هي گندا ۽ جهريل جهوپا
سندر سماج جي چهري تي
ڪارنهن جو چٽ ٽڪو آهن
۽ رهواسي
هيچ نيچ ۽ جاهل آهن
انهن جهوپڙ ۾ رهندڙ ماڻهن
ڪنهنجي جوت اجهائي ڪونهي
ڪنهنجي لڄ ڪٿائي ڪونهي
انهن ويچارن سادن ساڻهن
جيڪو ڏاڍو ڏاريو آهي
گوندر منجهه گذاريو آهي
سور سهن ٿا ماٺ رهن ٿا
روز مرن ٿا روز جين ٿا
ساري ڏينهن جا ڏنپ سهن !!
آپ ۾ تارا روشن ڏسندي
ليڙون ليڙون جهول جهلن ٿا
چنڊ ڪري ٿو تن تي چٽرون
تارا ٽهه ٽهه ٽهڪ ڏين ٿا
۽ هوءَ دوزخ جهڙي ڌرتيءَ تي
ساگو ڏک جو ڏينهن تپي ٿو
سورن جو سج اڀري ٿو

# امرتا بيدل

●

ساري گهر ۾
ديپ جلائي
پاڻ سجائي
تلڪ لڳائي
گجرا پائي
جوين جوت جلائي
توکي مست بڻائڻ ڪارڻ
تنهنجي دل وندرائڻ ڪارڻ
توکي پائڻ، ماڻڻ ڪارڻ
تنهنجي سيني ڳالهين آڏو
مون پنهنجو ڪنڌ جهڪايو آهي
جنڊڙيءَ ڪجھ سمجهايو آهي
تنهنجي ڪارڻ
جيءُ جرڪائي
ويٺي آهيان
پر تون راتا
ڪنور ڪيڏو
هڪ پيرو جڻ
رسي ويو آن
موتي مور نہ آيو آهين
هاڻ هلي آ سائين،
ڏس مون ڪيڏا سانگ رچائي
توکي ساجن ساريو آهي
دل جو ديپ جلايو آهي

●

تون نہ ايندين
تہ چا
تو تي سمجهيو
تہ مان
تو سوا
ڪيئن رهنديس جدا
پر مون
ڳالهيون پياريون
سن ٿي من ۾
د پائي چڙيون هن
ءَ ڪن کي
اجايو سڏي
وساري چڏيو
ءَ اهو
شام جو ڪڏ کهڻ
ءَ راتيون سجيون
جاڳندي ڪاٽيل
بڻجي ڪارا ڪڪر
وسي ءَ گجي
نيٺ آڏري ويا
چڻ ڪوئي
غم نہ هو
چڻ ٿيو
ڪجھ نہ هو
آءُ زنده آهيان
ڏس جيئان ٿي اچا
تون نہ ايندين
تہ چا
تو تي سمجهيو
تہ مان
تو سوا
ڪيئن رهنديس جدا.

# رسول ميمڻ

## رَت جي ريٽي رُت ۾

ڳاڙهي رَت جي ريٽي رُت ۾، ٿو سج سنجها جو ايئن لڳي،
ڏينهن دسي ڏاڍ سان، جيئن رات جو حبشي ڪنڌ ڪپي.
آ لانگ ورائي سانت سوار ۽ هيٺان آپ جو سينو آ،
آ ڪيڏي مونجهه انڌيرن ۾، هر تارو ڇڻ تہ پسينو آ.

چنڊ ڪي هرهر ڏنگ هڻي ٿي، رات جي نانگڻ زهر پري.
۽ زهر جهڙي چانڊوڪيءَ جي، اپ مان ٿو چنڊ ڏاڪ ڪري.
آ جيئن وسيهر چپ هڻي، ائين ڪاري رات جو سايو آ،
چنڊ ٿڌو هيڊو ۽ هاريل، سورج پاڻ ڏنگايو آ.

هن بيٺل رات جي پاڇيءَ تي، آ سانت جو سَينوَر ڪيڏو ڪنو،
ڪنهن وقت کي آهي واڍ وڌي ۽ ڪهڙيءَ گهڙيءَ کي گهُٽو ڏنو.

هر سورج هيڏڙي سنجها جو ٿو، اپ ۾ پنهنجو رتُ رَلائي،
۽ پنهنجي بڇيل پيلاڻ ڪٺي، ٿو انڌيارن ۾ چنڊ سڏائي.
هر ٽڪل ٽنل پيلو چنڊ، هت روپ لٽائي ويندو آ،
پر ڍرڪي ڍرڪي مقتل ڏي، ڪا ٻاڪ ڦٽائي ويندو آ.

## دوري

ڏوران ڏوران چنڊ ڏسي، جاڳي پيو هو من جو مور،
پڙڪي ڪائي پوءِ آڏاسيو، هاءِ اسان جو من چڪور.
تارن ۾ سو ترندو ويو، ڦڙ ڦڙ پرڙا ماري من،
سڀ ستارا سانت هيا ۽ ڪونہ چُريو ٿي ڪوئي پن.
ائين انڌيارن ۾ اڏري اڏري، چندرما کي ويجهو پائي،
وڃي ڪريو هو آونڌي منهن، هو سڀ پنهنجا کنڀ ڪوهائي.
هُن پنهنجا آلا نيڻ ڪٺي، پوءِ سهڪي سهڪي سوچيو هو،
ڇا چنڊ رڳو ٿي ڇائي آ؟ هن انڌيارن لئي لوچيو هو.

# سارنگ ابڙو

●

شهر سڄي جي فوٽ پاٿن تي
اڪا اگهاڙا
بنا غسل
بنا ڪفن جي
بنا قبرن جي
جيڪي لاش پيا آهن
هرڪو ايندڙ ويندڙ
لاش ڏسي ٿو
ٿورو ڪنبي ٿو
ٿورو سوچي ٿو
اڳتي وڌي ٿو
۽ پوءِ پيهر
ڪم لڳي ٿو
ساڳين ڪوڙن سپنن ۾ -

●

اڄا ياد آهن مون کي اهي ڏينهڙا
جڏهن تون
من ڪناري ويهي
ميريو جي سانت ساگر ۾
پريت جا پٿر اڇلائيندو هئين
من جي ماٺيئن موجن ۾
محبت جي مستي مچائيندو هئين
۽ لهرن جي لئي تي لالڻ!
گيت گلابي ڳائيندو هئين
اڄا ياد آهن مون کي اهي ڏينهڙا
- پر ڏس، تو بن سانول
ڪيڏي آهي اداسي ڇانيل
تو بن ڪو پي ناهي جيڪو
ميريوَ جي سانت ساگر ۾
پريت جا پٿر اڇلائي
من جي ماٺيئن موجن ۾
محبت جي مستي مچائي
۽ لهرن جي لئي تي
گيت گلابي ڳائي

## ايس . نسرين

●

وقت جي هر آهٽ تي
لکين لوچن
هزارين لمحا
لتاڙجن ٿا

دل جي هر ڌڪار تي
الهن پلسر جن
ساري هستي
ساڙيل وسني

اندر جي هرهڪ آهه تي
لڙڪ سوين اکڙين ۾
هرڪو لڙڪ آسڻهه
پوءِ ته ڪوڏيهه جو ڍ رهي
نه لڙي
نه دل جو رَتُ هئي.

●

سور سرير منجهه کهڻان کهڻان
ڪهن ڪي ڪن ٿسي وڻان وڻان
سورن جا سهني آڪمرا
لمن ڪلي ڪهن ڪشان ڪڻان
ڦڪر فراق ساهه سَڪاپو
ورهه ڪڙس ڪشان ڪشان
لوڪ سچي جا طعنا مهڻا
همه هيه هڙا هشان هشان
جا لڳي هار سينگار ڪريان
ان ڄڻ ۾ ٿي جهان جهان

# برڪت بلوچ

## رات لڙي وئي آ

رات لڙي وئي آ،
هاڻ ڪوبہ نہ ايندو،
لاٽ وسائي ڇڏ،
رات لڙي وئي آ.

اداس ڇو جيئڙو ٿئي،
ڪنهن جو اوسيئڙو ٿئي،
ڪير ڪو جاڳندو۔
اٿ ڪڙڪي ڏئي آ،
رات لڙي وئي آ.

ڪو بہ نہ ايندءِ،
ڪو بہ نہ پڇندءِ،
ڪو بہ نہ توکي پرچائيندو.
ڪنهن کي ڪالهہ پئي آ،
رات لڙي وئي آ.

## نظم

دنيا شيشي جو گهر،
جيڏانهن نهاريون،
آرسيون ئي آرسيون.

ڪهڙا آهن تارا،
ڪهڙا آهن جلوا،
روشنيون ئي روشنيون.

درياءَ ڪير ڏارا جو وهي،
ڇوليون روشنيون پئي هٽي،
تارا ٽولڙيون،
ڇوڪريون ئي ڇوڪريون.

## شاعر ڇڻ تہ ڪنيار

سونهن سمائي اندر ۾،
هانءُ سندم هيڪار.

سُرها سُرها ساهہ ڪٽان،
رابيل ڇڻ روح ۾ —
ٽانگر ٽوئرن سان ٽيئار،
هانءُ سندم هيڪار،
سونهن سمائي اندر ۾.

ڳاڙها تلڪ، ڪجليون اکيون،
اندلٺ ڇڻ آڪاس منجهہ —
ڇتسالي ڪئي ڇتڪار،
هانءُ سندم هيڪار،
سونهن سمائي اندر ۾.

سوچن جي ڇڪ مان،
ڪيڏي ٿو گيت لوان —
شاعر ڇڻ تہ ڪنيار،
هانءُ سندو هيڪار،
سونهن سمائي اندر ۾.

# منظور قريشي

## هڪ ميرانجهڙي سانجهيءَ جو

هڪ ميرانجهڙيءَ سانجهيءَ جو

هوا جي ٻورالن جهوٽن ۾
ميندي‌ءَ جي ڀني خوشبوءِ هُئي
—۽ تون
سينهن وساڙي جهڙو
پيشانيءَ تي تلڪ لڳائي
ڇم ڇم ڇم ڇيرينديءَ ڇير
ڦول سجائي وارن ۾
سنڌيا کي ڀيٽ ڏيڻ لاءِ
گل ڪٽي، ديپ جلائي
نديءَ ڪناري آئي هئينءَ

—۽ مون
گيت گلابي ڳائيندي
لهرين مان ليڙا پائيندي
ناءُ ڪي تنهنجي ويجهو آندو
ڇر جا ڇنڊا اڇلائيندي!
تنهنجو ديپ اجهايو هو

هڪ ميرانجهڙي سانجهيءَ جو!

## دوها

سنڌ ٻـ بدلي، واءُ ٻـ بدليو، هاءِ وسي ويا سينهن،
جڳ جي ساري ريت مٽي، پر مٽيا نہ پنهنجا ڏينهن.

آءُ اڱڻ اڄ پير گهمائي، کولي پنهنجا وار،
من ٿو چاهي ٻادل ٻڻجان، ورسايان اشعار.

لهر لهر پئي پريت پڪاري، هوريان ونجهہ هلاءِ،
گيتن جي ٻيڙيءَ ۾ وينو، سنهنجو ساجن ڳاءِ.

# ڪنول لوهاڻو

## راڳي

هي ڪير ڪملو ڳائي ٿو!
هت ماڻهو گونگا ٻوڙا ٿي،
هت پينگ ممورا ٻونگا ٿي؛
هي ڪهڙي جوت جلائي ٿو؟
هيءَ اڻڪٽ ڪاري رات آماس،
آ چنڊ ستارن ڪي ٻنواس؛
هي واڻن لاءِ واجهائي ٿو!
هن جوءِ جا جوڳي روڳي ٿي،
ڪن ٿاهه نڀيءَ جا نوڳي ٿي؛
هي ٻن ٻن ٻيٽ وڄائي ٿو!
او راڳي، تنهنجا راڳي امر،
ٻيت امر تنهنجا ٻاڳ امر؛
تنهنجو ڪيڏارو من ڀائي ٿو!

## سٽ

جڻن :
بوند لڏي
پل جڳ
ٿڻن :
سون ٻه سمايون
هڪڙيءَ سٽ ۾
سڀ سرهايون!

## ٽڪرا ٽڪرا ٽِڪ

ٽاڪ منجهند جو ڪنواري ڇوري
ٽڪ ٻڏي ٿي ٽڪ ۾ جانچي
ڇاتيءَ تان ڪجهه ڪپڙو سيري
جوڀن ڪي ٿي لڪ ۾ جانچي

ٽڪ جي آڏو ٻيني ٻيني
شام ٿئي ٿي، چمڪن ٿا تارا
رات لڙي ٿي
چنڊ ڇڇرجي ٿو
ٽڪرا ٽڪرا ٽِڪ ٿئي ٿي
لڙڪن سان گڏ
تارو تارو ڇڄي پوي ٿو!

## راهي چنا

### سڏ

هَو ڏس
هَو ڏس
ہاٽ واٽ تي
مُنهن مُنهن مشعل
هٿ هٿ پٿر
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾
هوڪا واڪا.
اچو اچو، هاـ اچو اچو
مشعل مان ہي مشعل ہاريُون
سورج کي رستو ڏيکاريُون

### ٽيڙو

جيون جوڙي جوٽ،
صبح سانجهيءَ ـ
سچي کيي موٽ.

## شهناز ميمڻ

### نظم

جڏهن کان
مون سوچيو هو،
مون چاهيو هو،
مان تنهنجي آس ٿيان.
جيئن تون منهنجي آس آهين.
جڳ گذري ويا،
پر مان ـــ
اڄ ٻه ان آس جيان،
نراس نہ آهيان.

# عثمان ميمڻ

رات اجالي چوڏهينءَ جو چنڊ
آءٌ اڪيلو
نديءَ ڪنارو
پورالو من، سوچان وينو:
هيڏي جيون ساگر مان
مون جي موتي ميڙيا آهن
موتين جو ڪو ملهه به آهي!
مون ڪان موتي وٺندو ڪير؟
منهنجو پنهنجو ٿيندو ڪير؟
ها پر شايد:
ڪو ٻيو ناهي، ڪو ٻيو ناهي.

رات اجالي چوڏهينءَ جو چنڊ
آءٌ اڪيلو
نديءَ ڪنارو
پورالو من، سوچان وينو:
چنڊ الائي ڇو ٿو چمڪي!
ڪنهن جي ڪاڻ ورهائي وينو هيڏو نور؟
ڪنهن ته پرين ڪي ڳولي ٿو
پنهنجون راتيون رولي ٿو.

ها پر ان جي ريت اها آ
صدين ڪان هي اڀري ٿو
اڀري ٿو ۽ آلهي ٿو
ڪنهن ته پرينءَ ڪي ڳولي ٿو
ڪنهن لئه راتيون رولي ٿو
ها پر شايد:
ڪو ٻيو ناهي، ڪو ٻيو ناهي.

رات اجالي چوڏهينءَ جو چنڊ
آءٌ اڪيلو
نديءَ ڪنارو
پورالو من، سوچان ٿو
منهنجي من ۾ آخر ڇاهي؟
مايوسيءَ جون غارون آهن
(ڏيل به ڏارون ڏارون آهن)
غارن ۾ اونداهي آهي
اونده ۾ خاموشي آهي
خاموشيءَ ۾ آخر ڇاهي؟
ها پر شايد
ڪو ٻيو ناهي، ڪو ٻيو ناهي.

## آڌار آرائين

### ڏات

جڏهن سمهي ٿو لوڪ لڪاءِ
سنهنجي
چَپَ چَپ تي
ڳَلَ ڳَلَ تي
آڪ آڪ ۾
رڳَ رڳَ ۾
تار تار ۾
صدين کان ننڊ پيل - پنڊ پهڻ ’هوءَ‘
ڪرَ موڙي ٿي جاڳي!

( 2 )

پٿر ٿي ويا نيڻ پئي
ته ٿئين اک جاڳي
آن جي اوسيئڙي ۾
جنهن کي اوهين نٿا ڏسو!

## عنايت ميمڻ

### غزل

لک ڪٿي ڪو لالچ ڏي پر
ڏرتيءَ کان ڪا دوري ناهي
ڪنهن سان ياڳ جي بازي کوڙي
هر ڪا نينگر نوري ناهي
ڌرتيءَ جو آ بار اسان تي
پن مٽن جي پوري ناهي
قلم جو ملهه ڪيو ٿا ڪنهن لئه
سورنهن سالي ڇوري ناهي

# ناگپال

## مورکتا

اداس آڪاش
وياڪل فضا
سرءُ جا پيلا پن
۽ ڪونل جا ورلاپ
او وڇڙيل وڇايل پرين
من تو چئيم ته
ڪائنات سميٽي
توکي ڳوليان
جي نه ته
تيلي هٿي پنيت پڙڪايان
ڪلندي هنبوڇيون هڻندي
تِپي پوان
۽ ڪائنات سان گڏ
توکي ۽ پاڻ کي
رک ڪري ڇڏيان
جيئن وري نه وڇڙون
۽ خدا به
جي چاهي ته
جدا ڪري نه سگهي

## جيون

جيون ورهه جو ڏيک
پيٺو آ
مري جي ۽ جي مري
به ته رهٺو آ
هي جيون جو هيڏو جنسار
هي آشائن جو سنسار
ڪيلي روئي ۽ روئي ڪيلي
جيتي هارائي بي
نه ڇڏئو آ
چو ته
حياتي پنهنجي حرفتن سان
ڏک ڏرد
ايذاءَ عذاب
پيڙا ۽ پڇتاءَ سميت
جيئڻ لائق آهي.

## محمد يعقوب آريسر

### سانيٽ

سانوڻ آيو ٻوند وسي ٿي، سرهيون ٿيئڙيون سايون ٽاريون
ڍيل ٿلهي تڙڪول ڀريان ٿي، گوچارن ۾ مور نچن ٿا
ڪارَ آتر جي ڀامي ڏسجي، پرجي ڳرجي مينهن وسن ٿا
ٻور ڪنڌن جو پورو پورو، پيرن سان جهر ڪاريون چاريون

جهوڙي جهوڙي گيت ٻڌن ٿا، ساري ڏيهه ڏياٽيون ڀاريون
ڪونج جي وڻ گونج ڪنديا ۽، ساوا ٿي ڀيا روهيڙا
ٿر جي ڏرتي ائين لڳي جڻ، تنهنجو منهن ۽ موهيڙا
واهه وري پيو واهوندن جو، آهه ڀريتم گڏجي ڳهاريون

سرليون سرليون ڪڙڪيون ڪٽڪن، جهڙيون تنهنجون ڀرين ڀچارون
جهنگ سجي ۾ چنگ وڄن ٿا، بوڙيندن جون منڙيون ٻوليون
سرڪي سرڪي چنچل چوريون، ڏاچورن تي پير رکن ٿيون
سانوڻ آيو ياد اچي ونئين، لوڪ سٺي ڀيو منهنجون ڪارون

من ۾ موج مچي وئي آهي، ڇاتيءَ منجهه ڇڏن ٿيون ڇوليون
او پرڏيهي مند وري آ، آ ته ڪري ڪي آس آلوليون

## اڪبر سومرو

### نيڙو

هيڪل وياڪل
ماڻهن جي هن ميڙَ ۾
منهنجو من ڀاڳل

ڪيڏو آهين ڏور
هاڻ ته اچ سائين
ڇٽي رهيو آ ٻور

رَتَ جي لامَ
ڏينهن جا ڀوڀان ڀساهه
ويڳاڻي ڪا شامَ

جهونو سڪل ٻڙُ
ڇيري ويئي ماڻ ڪي
ڪنهن ڇيري جي رڙُ

## واجد

### ڪنواري سوچ

گذريل سورهن سالن کان
منهنجي هردي ۾ هڪڙي
ننڍڙي خواهش
پلجندي رهي آهي
سورهن سال لڳاتار
سوچيندو رهيو آهيان
جيڪر رات جو دير اچڻ تي
مونتي ڪائي ڪاٺي
ناراض ٿئي
نيڻن ۾ شوخي آڻي
ڪوڙي سوڙي ڪاوڙ جوڙي
ائين نهاري گهوري
جڻ چاڻ وڙهي
۽ آءُ سندس گلابي مُک ۾
پيار ۽ هلڪي ڊپ وچان
تڪيندو ئي رهجي وڃان
تنهن وير سندس
چنڊ جهڙي سهڻي چهري تي
هارجي پون ڪيئي مڻ سُرڪن جا
۽ سندس تاڻيل پرووُن
ڀرپور جي اٿلڪي چنڊ جيان
خوشين جو سنيهو ڀڄي
منهنجو روح ڇَڏڻ ريجهائي!

## احمد خان ملڪاڻي

●

شام جا گهنڊ
وڄندا آهن جڏهن
هن زندان جي برجن تي
۽ سج ڪنهن اونداهي
غار جي اوناهين ۾
غرق ٿيندو
ويندو آهي جڏهن
ايندو اٿم ياد تڏهن
ته آهي اشارو اهو
انت جو
موت جهڙي مانت جو!

# اطهر منگي

## غزالا رفيق جي دل ٽٽڻ تي

دل ڪعبو آ،
دل ديول آ،
دل مندر آ،
دل آ ڪليسا-
جنهن ۾ ٿئي ٿي
پيار جي پوڄا-
ڪنهن جي
دل کي
جهوريون جهورڻ
ڳنٽيون ڳارڻ
ڪنهن جي
دل کي
مونهن سنواري
پيار، جيئاري
ڪنهن جي ميٺ ڪان پئي نرم
ٿئي ٿي دل
ڪنهن جي
دل ٽٽي
شيشي جهڙي
آجري آجري
نازڪ نازڪ
صاف شفاف
ٿوريءَ چوٽ تي
ڀڄي ڀري پئي
ڀرزا ٿي پئي!

## پـــرم

نفرت
نفرت
نفرت آهي
مون کي اهڙي جيون کان
نفرت آهي

جنهن منجهه نه چاهيندي پي
اهڙن ماڻهن سان
ڪرڻي ٿي ڏند ٽيڙ پوي
جن سان روح جو رشتو ناهي
جن سان من جو ناتو ناهي
دل ديول ۾ جن جي ڪائي
مورت ڪانه سمايل آهي
نفرت
نفرت
نفرت آهي
مون کي اهڙي جيون کان!

# اياز گل

## غزل

توسان نينهن نيارا ٿي پيا، ڏينهن ته مرڪڻ وارا ٿي پيا.
چاهت اهڙو رنگ رچايو، چهرا چنڊ، ستارا ٿي پيا.
تنهنجو من ئي منزل منهنجي، اکڙيون اکڙيون چارا ٿي پيا.
توکي دوست ڪيوسي دلبر، دشمن دنيا وارا ٿي پيا.
ماکيءَ جهڙا مٺڙا ماڻهو، چاڪڻون ڏوهه کسارا ٿي پيا.
يادون، سپنا، خط اوهان جا، جيئڻ ڪاڻ سهارا ٿي پيا.
ڏورانهين ڪنهن ڏيهه وڃن پيا، خيال پيي وڻجارا ٿي پيا.
ڪن جون راتيون روشن هونديون، پنهنجا ڏينهن به ڪارا ٿي پيا.
مرڪي مرڪي ڏک ڏسياسي، ٻڌندڙ روئڻهارا ٿي پيا.
جيڪي "گل" ڏڪاريا دنيا، سي ئي توکي پيارا ٿي پيا.

## ترائيل

چُپُ چپن تان سانت سڪي جا، تاڪا ٽوڙيو يار!
من ڪيڏو نه اڃي ٿڪي ٿو، گيت ٻُڌڻ جي لاءِ؛
گوندر گهايل ڌرتيءَ ڪان منهن ائين نه موڙيو يار!
چُپُ چپن تان سانت سڪي جا، تاڪا ٽوڙيو يار!

تارڻ ٻدران پيڙي هٿ سان، ڇو ٿا ٻوڙيو يار!
سور رهيو آ ڪهڙو باقي، هاڻ سهڻ جي لاءِ؛
چُپُ چپن تان سانت سڪي جا، تاڪا ٽوڙيو يار!
من ڪيڏو نه اڃي ٿڪي ٿو، گيت ٻُڌڻ جي لاءِ؛

# بختيار ملڪ

## ٽنڪا (Tanka)

رڙي ڪنهن جو ننگ،
پاپيءَ جي ڪِنهن نذر ڪيو؛
ننگو سارو انگ.
جيون ڪنهن جو زهر ڪيو،
هي ڇا ٿا پيا قهر ڪيو!

واءُ ٿي ڇاٿيا ڪَکَ
ڦڪڙيل ميڙن ڦڪڙيون
ٻارن ۾ پيا هُلَ
سونهن سڳنڌ جون ڇوليون
ڦٽڪن پوٽنرن ٽوليون

## تصويرون (هائيڪا)

ڇمپا چنمبيلي رابيلَ،
چٽن قول چهر تي؛
اڏرن ٿا هر ويلَ!

سنجها ٿاٽي ڪير،
مون وٽ آهي ڇڏي ويو؛
لفظن جو هڪ ڍير!

ڪاڳر هي ڪورا،
لکيو منهنجا لفظ ٿا؛
وڃن هر ويرا!

لفظ نٿا لکجن،
چٽن جي ٿو چاهيان؛
خيال نٿا چٽجن!

پيءُ وڃي بازار،
گڏجي هلڻ جي لاءِ؛
ضد ڪري ٿو ٻار!

## رحيم بخش قمر

●

مون کي رب جي نانءُ
موڪل ڏي ملير وڃان.

وسندي مينهن ملير ۾،
عمر، ڇايس آنءُ.

لڳي هتي بند لوهه ۾،
هتي ٿيٽڙو هانءُ.

وٺا مينهن ملير تي،
ٺريو دل جو ٿانءُ،

'قمر' ٿئي شل ڪيت سان،
ويڙهين منجهه وهانءُ.

## غلام نبي عاقل

●

والي وطن تي وارِ،
ويڙهيچن جي ويا ڪرِ؛
بند ۾ ٻڪون ڪاتيان،
ٻئي جا آءُ ٻنهوارِ.
ڏونرن ڪاڻ ڏيهاڙيون،
سُڏڪان ٿي سنگهارِ.
سهيءَ لٽپ ملير جي،
ڀرور ڀاڪ ڀيارِ.
آڇا ڪٺن ٿي اوڍيان،
ڪَنُ جي آءُ ڏنارِ.
'عاقل' ڪي الله تون،
ملڪ انهيءَ ۾ مارِ.

## محمد عثمان سولنگي

●

هوت هليا هنگلاج، پنهنجو پنهنجو پنڌ پڄائي.

راتو رات رمي ويا، ڇڏي رسم رواج.
سُڃ ڪري ويا من کي، تَنُ ڪري تاراج.
'عثمان' هليا اڌ رات جو، سوري سامي ساج.

هوت هليا هنگلاج، پنهنجو پنهنجو پنڌ پڄائي.

# نيپراج صوفي

## ڀيج ڀيج

ڀر ڀٽن جي چنڊ ڀري، ولهار تي وس ڀيج ڀيج،
ڀر وسي تڙڪول ڀر، گوچار تي وس ڀيج ڀيج.

وس وچوٽي وس ٻـ واٽي، لڪ ڳاڏيجي ڀر سڄو،
کيٿ کوهر ويٺرون هر گهار تي وس ڀيج ڀيج.

منڙيوني ڪيرٽي تون تڙ منٽي را جا ڀري،
ڀالوا ۽ ڏيپلو لڪميار تي وس ڀيج ڀيج.

پار برهم ڪان وٺي تون لڳ امر جي ڪوٽ سان،
چار نوري چاچري نوتيار تي وس ڀيج ڀيج.

ٿر وسي ۽ ڪس وسي، جي ڳان اسولڪ رو وسي،
آب چيڪو ڪوٽ تيٺن چيلهار تي وس ڀيج ڀيج.

تون ڪڪر هين ڪرم رو جي هون تنا ٿو اوڙڪان،
ڏيس مان جو هي آڇون گوڏيار تي وس ڀيج ڀيج.

حب لياري نٺين مليري، ڳاج ۽ هنگول سپ،
تار ٻارڻ ٿي وهي مُنهنبار تي وس ڀيج ڀيج.

ڪيرٿر سارو سري، ڪرچات سوڏو ۽ پٻ سنگهر،
لس وسي لاهوت ۾ لڪ ٻار تي وس ڀيج ڀيج.

ڪيچ ۽ مڪران، سرحد ڏس ٻلوچن جي وسي،
لاڙ ڪاڇي تي وسي ڪهسار تي وس ڀيج ڀيج.

سنڌ لئي "صوفي" چوي وس ٿي سڪاري تون سڄڻ،
سبز ڪر سانيهہ جي سهڪار تي وس ڀيج ڀيج.

## "منصور" ويراڳي

### زنده باد

منهنجي وطن جا گلشن، گلزار زنده باد،
گل ڦل چمن رکيو ڇا، خس خار زنده باد.

آهي وطن جي گلشن جو حسن لا زوال،
قدرت کيو آ بيشڪ ان کي عطا ڪمال،
جنگ جنگ تي جڳ ۾ جرڪي جلوو سندس جمال،
سائيءَ جي سجاوٽ، سينگار زنده باد.

سائيءَ ۾ سدا ٿيو، ساونگ رنگ لائي،
والي ڪري وڏا وڻ، وهواهه وس وسائي،
پورب پڇم ٿو پلپل خوشين جا گيچ ڳائي؛
برڪت جي بوندڙين جي وسڪار زنده باد.

ساوڪ پريون هي پوکون، سانگين لئه نيڻ نار،
سنهڙا هي سنگ سهڻا، هيڻين جو هار يار،
پلهار پار پيڙا، تن تان ته وار وار؛
سارن جو هيءُ ملير ۾ ملهار زنده باد.

مهراڻ جون هي موجون، من مست ڪن مدام،
ساگر جي ڇوٽ چولين ۾ پرت جو پيام،
ڪنڌن تي گاهه پوڻا، وڻ ٽڻ به عام جام،
وڌراهه هي وطن جي وڪار زنده باد.

جهنگل ۾ پيچرا ڇڻ ڪٽيون ۽ ڪهڪشان،
ڪٻڙن ۾ ڪُڙڪُٻيتا، تارن جا ڪاروان،
خيما اڇي هنيا هن ڌرتيءَ تي آسمان:
جبّار جون هي جوڙون جنسار زنده باد.

ڊوڏي جي دل هتي ڏس، هوشوءَ جون حشمتون،
سهڻيءَ جي سوز مستي، مارئيءَ جون جرئتون،
جهڪيل انهن جي آڏو، دنيا جون قوتون:
سانجهي مٿير منڙا، منٺار زنده باد.

ساٿي سماجهڙا سڀ، ساڻيهه لئه سهاڳ،
ڏونگر ڪي ڏوري ڏينهان، راتيون رهن سجاڳ،
ٻجڏي ۾ سر جهڪائي، واليءَ سان ڪن وهاڳ:
جهرجهنگ ۾ تنين جي، جهونگار زنده باد.

جيسين جهان ۾ ايرن، شمس و قمر ستارا،
تيسين رهن هي قائم، نرمل نوان نظارا،
گل پوش واديون ۽ چشما چمن پيارا:
قدرت سندي عطا جا، اسرار زنده باد.

شل ديس جي جُوانيءَ، ماڻي سدا بهار،
هر روح کي منجهانئس، راحت رمي قرار،
بلبل به منڙا نغما، ڳائي هي بار بار:
’منصور‘ جا هي قومي، اشعار زنده باد.

# مير محمد پيرزادو

## اَن - داتا

انّ جو داڻو:
هار ۾ ڪڏهين پوئبو ناهي،
ڇو ته اهو ڪو موتي ناهي!
پوءِ به ڪيئي هار ڇڏي،
سورنهن ئي سينگار ڇڏي،
انّ ڪڻي جي ڪيڏ او سائين،
پڇبو آهي!
انّ جو داڻو:
اک مان ڳاڙيل،
ڪوسو ڪارو ڳوڙهو ناهي!
جو جذبن جا جولان ڪٺي،
۽ سورن جا سامان ڪٺي،
سٿوَ دليون گهائي ويندو آهي!
پوءِ به ڪيئي لڙڪ لتاڙي،
پرهه-ڦٽيءَ کان پوياڙيءَ تائين،
بکيا ڏکيا جيئرا لاشا،
پنهنجو ٻن گنوائن ٿا،
۽ پوءِ انّ اپائن ٿا،
انّ ڪڻي تان پاپ ٿين ٿا،
انّ ڪڻي تان پيار ٿين ٿا.
انّ ڪڻي تي دنيا قائم،
اِن سان ئي وهنوار هلن ٿا.
انّ ڪڻي سان اڄ جا رشتا ناتا،
ڌن ڌن ٿا،
ڌن ڌن ٿا!

هرهڪ دل تي انّ ڪڻي جو راڄ هلي ٿو؛
اِن تي ئي سنسار پلجي ٿو.
انّ جو داڻو:
جڻ ته سڄي مانڊاڻ منڊيل جي ڪُنجي آهي!
پر جو اِيءَ ڪُنجي ٿو ناهي،
ريٿو رت ٻنين ۾ هاري؛
تنهن جي عيوض انّ اپائي،
اڄ به اگهي جڻ ننگو آهي!
اڄ جو ساٿهو ان مٿان ته عاشق آهي،
پر جو انّ کي انّ بنائي،
تنهن کي جيئڻ حق نه آهي.
پوءِ به هو پيو ان اپائي!
پوءِ به هو پيو ان اپائي!

# نثار بزمي

## ڪتبو

نثار بزمي ولد محمد حسن جوڻيجو
جنم: 13-6-1924ع
موت: ................
خدا جو بندو سڄي حياتي غمن ۾ گهاري
سَڻيڪو ورهين جي عمر ۾ ئي خدا
کي پيارو ويو ويچارو
مٽيءَ جي هيٺان دٻيو پيو آ
غريب شاعر
عجيب شاعر!

## درخواست

جناب والا!
اسان جو هڪ عرض آهي سائين!
اميد آهي ته اگهجي ويندو:
ته سائين منهنجا،
نثار بزمي ولد محمد حسن جوڻيجو
اديب، عالم، عوامي شاعر
اسان جي لئي ٿيو عذاب آهي
ڪهي ٿو چاڻيءَ کي ٿاڻي اٿين جڻ نواب آهي
اسان جي ڳالهين جا شعر ٺاهي لکي پنن تي ڇپائيندو آ
اسان کي رسوا ڪرڻ جي ڪارڻ
نشي ۾ هردم رهي ٿو غافل
ڪڏهن ته مرڪي به ڏسندو آهي
ڪڏهن ته گاريون به ڏيندو آهي
ويو آ بگڙي مزاج هڻ جو
اکيون ڪڍي ٿو اڇي سهڻ ڏي
وجهي نه ڪوئي خنام ٻاري
ڪٿي کو پٿر وجهي نه ڪوئي غريب ماري
انهيءَ چرئي کي وجهڻ کپي ڪاٺ ۾ اي صاحب!
خدا جي ٿالي
اسان کي هڪڙي مٽي ڦيرڻي کان بچايو
سائين!

# عزيز مهراڻوي

•

آهو ڏينهن
منهنجو
آخري ڏينهن هوندو
جنهن ڏينهن
اِهو اڌورو احساس
ويڙهي ول وانگر
منهنجي وجود کي
گهيري ويو ته
هاڻي جيئڻ لاءِ
ڪو ڪارڻ ناهي رهيو—
سچ ته
مون کي
ان ڏينهن جو
ايترو انتظار آهي
جيترو
شاڪيہ منيءَ جي مورتيءَ اڳيان
گيان ۾ وهنتل
وئشيا کي
نجات جو—
جڏهن ته
آءٌ ڄاڻان ٿو
مون کي نجات به ناهي ملڻي
پوءِ به
هي هٿ اکر
ثابتيءَ طور
رڪارڊ تي رهن
”پنهنجي وهايل رت جو جوابدار آءٌ پاڻ آهيان“

# تنوير عباسي

## منهنجي اک ۾ سج جو تيک

•

شرم ٻوٽي جهڙن ساڻ ڪومائجي
توکي هٿ لايان ٿو تون ٽيڙي ٿي پوين
مان ڪو مضراب آهيان ۽ تون ساز جڻ
جو ڇُهڻ ساڻ يڪدم ڇيڙي ٿي پوين
هير جان ننڊ مان توکي جاڳايان ٿو
۽ تون مکڙيءَ وانگر ٽيڙي ٿي پوين
سج جي روشنيءَ جو جهٽي اولڙو
چوڏهين چنڊ وانگر ڪيڙي ٿي پوين.

•

(ٽيڙو)

ڇهرو ڪاوڙيل،
۽ ڪالر تي ڪوٽ جي-
ڪلنڊڙ گُل" لڳل.

## هيءَ حياتي

رات
ڪنهن جي تات ناهي
وقت خالي ٿانءُ ناهي
ذهن ڪوئي نانءُ ناهي
هيءَ حياتي ڀوءِ ٻه چاهي؟
ڪجهه نه آهي
ڪجهه ته آهي

## منهنجي اک ۾ سج جو تيڪ

مان ڪو ڪورو ڪاڳر ناهيان
جنهن تي چاهيندين جو لکندين
ٻار جي ڦڙهي ناهيان جنهن کي
ميٽيندين ۽ لکندو رهندين
اڻ ڊهندڙ تحرير مان آهيان
۽ پنهنجي تقدير مان آهيان
مان آهيان هڪ ازلي ليڪُ
منهنجي اک ۾ سج جو تيڪُ

# الطاف عباسي

## وصيت

جي مران ڏيهه ڀڄڻ کان اڳ ۾
موت منهنجي تي ڪو ماتم نہ ڪجو
سنڌ ليءِ ساهہ کي سيني ۾ سانڍي ايندم
روح کي جسم مان نڪرڻ کان جهليندم ڏاڍو
موت کي منٿ ڪندم:
”ايترا سال چڏيو ٿئي جيئرو
هاڻ ڪجهہ ترس تہ ساڻيهہ رسان.“
منهنجي من جي اها منشا آهي
سنڌڙيءَ لاءِ مران
سنڌڙيءَ منجهہ مران
سنڌ جي هنج ۾ پارن جيان مان ڪنڌ رکي ساهہ ڏيان
۽ جي پوري ٿئي منشا منهنجي
لاش منهنجي کي دفن ڪين ڪجو
ساهہ منهنجو آهي سنڌڙيءَ جي ٻلي
پر مٺل جسم بہ سنڌڙيءَ کي ڏنم
نيڻ منهنجا ڏجو ڪنهن انڌي کي
ايل ايم سي ڏي نيجو منهنجو لاش
مڙهہ منهنجي کي کو چيري ڦاڙي
۽ ڏسي
منهنجي اندر ۾ ڪا سنڌڙيءَ جي بہ سڪ آهي يا
رڳو سڌڙيو آهيان
لاش منهنجي کي کو سنڌي چيري

۽ وڏو ويڄُ ٽئي
۽ وطن جا سوين بيمار صحتياب ڪري
۽ جي چاهيو ٿا قبر منهنجي اڏڻ
(توڙي اُن جو نہ ڪوئي آهہ ضرور)
سومري ڀاءُ جي ڀر ۾ ڪو منارو اڏجو
منهنجي جذبن جيڏو
پر انهن ڪان بہ اُچوا

●

تون ٿي چوين
مان پيڻ ڇڏي ڏيان!
ناممڪن
ٽيستائين
پيئند و رهندس
جيستائين
پيريل آهن
تنهنجا نيڻ ٿڌورا!

## تهمينہ مفتي

تون ۽ مان
آد ڪان
هيڪلا هيڪلا
رڻ ۾ آجايل مورجان
رڙندا وتون
تون ۽ مان
ڏکن سکن جا
گناهن ۽ ثوابن جا
ڪنهو لاشا
پنهنجي سوري پاڻ کڻيندا
زندگيءَ جي اڻ کٽنڙ واٽ تي
هانداڻي رهون ٿا
نہ مرون ٿا نہ جيئون ٿا!

## نانگراڻي

### ماٿار

ڌرتيءَ سان منهنجي صبر جي
ڀيٽ نہ ڪهو – چو جو،
ڌرتي صبر ڪري ڪري
نيٺ ڦاٽي ٿي
اندر جي آڌمن کي
آلن جو روپ ڏئي ٿي
باهر ڪڍي ٿي
پر مان
اندران اندران ڪامان پچران
ٻهران برف رهان!

# شرجيل

●

ڪا خوشي آهي توکي
جو ويڙهجي سيڙهجي
پنهنجي خوبصورت هٿن ۾
ڪو پيڪيٽ کڻي آئي آهين
ڏاڍي فارمل
۽ پرائي پرائي پئي لڳين
ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي
مان ساڳيو آهيان
رکيو وقت جا فاصلا آهن
ها، مان ڪاوان ٿو
تو پيڪيٽ کولي
چاڪليٽي ڪريم لڳل
خوبصورت ڪيڪ رکيو آهي.
مون وٽ،
چاقو، ڇُري ۽ ڪانٽو ڪونهي.
ها، ترس—
مون وٽ، پينٽنگ نائيف گهڻا آهن.
پوءِ تنهنجي خوبصورت هٿن ۾
پينٽنگ نائيف ڏسي
الائي ڇو
اُنين محسوس ڪيم
ڄڻ تون
ڪنهن جو اندر چيري رهي آهين.
ڄڻ—
"گلن" ڪان،
"ڪنڌن" جو ڪم وٺي رهي آهين.

●

لڪي سگهين ته لڪجانءِ
جو تمام اڪيلو آهيان
پري ۽ پري تائين
ڪجهه ڪونهي
نه آواز-
نه جسم-
نڪو ٽڏي هير-
نڪو جهولا-
۽ مينهن-
اڪيلو آهيان ڏاڍو
لڪي سگهين ته لڪجانءِ

# نورالهديٰ شاهه

## عبادت

ڏيئو جلائي ساري رات
گيان ـ ڏيان ۾ گم آئون
پئي نهاريان
تنهنجا نيڻ
جتان ڦٽندي پرڀات

منهنجي انگ انگ ۾
جرڪن ڏيون
تنهنجن هٿن جيون ريکائون

ٻه ماڪ ڦڙا
ائين پرجي آيا آهن
منهنجين نيرين نسن ۾
جيئن ـ رت ڦڙا

بند چپن ۾
جهولڻگاريان پئي
تنهنجي نانءُ جا سٽئي سُر

گيان ـ ڏيان ۾ گم آئون
پئي نهاريان
صدين کان
تنهنجن هٿن جيون ريکائون
جتان ڦٽندي پرڀات

ڏيئو جلائي ساري رات
گيان ـ ڏيان ۾ گم آئون ـ

## سٽريات

ڪالهه اڃا
منهنجا هٿ جهلي پنهنجن هٿن ۾
ٻئي چپ رکي چڏيا هيائين
منهنجين آڱرين تي
۽ چيو هٿائين
ايترو نه لڪندي ڪر-
جي اهي آڱريون به ٽڪجي پئون
ته ڪيئن اوندا هين ۾
منهنجو چهرو ڇهي ڏسنديئن
۽ ڪيئن آئون محسوس ڪندس
تنهنجين آڱرين جي سينديءَ جهڙي خوشبو
تون-
منهنجي چهري جي بيحد ويجهو
(ساهه کان به ويجهو)
پنهنجا چپ رکي، ڇو نٿي جهونگهارين
آهي سيٽي سيٽون
جيڪي تون لکڻ ٿي چاهين-

## آدم جي نانءُ

هرڪا عورت
ناهي تنهنجي هم بستريءَ لاءِ
هر عورت جو بدن
ناهي خلقيو ويو
رت جي هڪڙي بوند لاءِ
جنهن مان تنهنجو نسل وڌي سگهي

هرڪا عورت اوچي برانڊ جي سگريٽ ناهي
جنهن کي تون ٻن ڇڻن ۾ اڪائي سگهين
جنهن جو بدن
ٻکايل ڪُتي سمان
لوئين ۽ چيرين ڦاڙين
هڏ هڏ چباڙين

هوءَ دانگيءَ جي ڪارنهن به ناهي
جو پنهنجي پوٽ تي مَلين
۽ آرسيون سيٽي ڇڏين
پور پور ڪري

# حوا

منهنجي بدن تي
ايترا ڪاٺ
جيترا آڪاس جا تارا
هر ڪاٺ
من جي پيڙ ڪان ٻه
گهرو اٿاهه

ڪيتريون
بي نانءُ ڪهاڻيون
ٻڪايل ٻار سمان
چٽين ٽيون
منهنجي بدن جي پوترتا

منهنجين اڪيلاڻين جا ساٿي
رات جي گهور آونداهين ۾
منهنجي بدن جا سيئي ڦٽ چٽي
منهنجيءَ مَٽ ۾ ڇڏي
هر ڦٽ جو مُلهه
آونداهين ۾ گم ٿيو وڃن
نئين سج اڀرڻ ڪان اڳ

آئون
آدم جي وندر جو
خوبصورت رانديڪو
آئون
حوا
ازل ڪان تنها!

## سحر امداد

هن چيو هو:
”تون منهنجي راتين جو چنڊ
ڏينهن جو سورج آهين!“
اڄ مان
پنهنجي آياڳ جي آونداهين ۾
ٺوڪرن تي ٺوڪرون کائي رهي آهيان!

## سنجوڳ

ماڪيءَ لار جيان
نينهن
ڳڙي پيو

## اوسيئڙو

پل پل ڪوڪن جان
ماس ۾
ٽنبجي رهيو آهي

## اسپيس - ايج

بس جي فوٽ بورڊ تي
هڪ هٿ سان لڙڪيل
جيون

## پوز

جيئن ’پيا‘ چاهن
سانول سپرين ائين ئي گهاريون
ٽريڊيشنل جيون

## امداد حسيني

منهنجو سڄو ڪٽنب رهيل هو ٽيهاڙ تي
۽ هيٺ آءٌ هيڪلو ويرين جي ور چڙهيل
ماڙيءَ مٿان آڳهاڙي مٿي ساڻ پيرون
ڪچي وٽي نهار — رڳون تاڻجي ويون
ذرتيءَ تي پير مون ٻه ڪنپائي ڪٽي ڇڏيا
۽ دشمنن جي اک منجهان مون نه اک ڪڍي.

# ڪارڻ آڪارڻ

ماٺهو پهرين ڪارڻ ڳوليندا آهن
۽ اسان وٽ ڪو بہ ڪارڻ ڪونهي
نہ رئڻ جو
نہ کلڻ جو
هلو سائين،

تہ پوءِ اسان وٽ جيئڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟
ڪارڻ ضروري بہ آهي؟
پر انهيءَ سوال جو ڪارڻ آهي؟
اهڙو سوال جنهن جو ڪو جواب ناهي
سڌ آهي پنا پڙاڏي جي
پنڇي آهي اڪيلو ۽ اُداس
وشال نيلاڻ ڪان پري
جنهن جو ڪنهن وڻ تي آکيرو ناهي

تہ سائين منهنجا،
توهان انهن ماڻهن وٽ وڃو
جن جي ڪيسي ۾
چالو سڪا آهن
منهنجي مُٺ ۾
ڪجهہ بہ تہ ناهي
ليڪ بہ نہ ـــ

---

سنو ٽيو جو مرڻ وارا مري ويا
ڪارڻ آڪارڻ
بنا جواب طلبيءَ جي
ڪوڙي جيون سان سچا رهي
آلهي ويا هُن پار.

---

منهنجي گگن نراڙ تان
سڀ ستارا ڪڙي ويا آهن

سائين،
توهان ڪي انهن ماڻهن وٽ وڃڻ گهرجي
جيڪي سورج ڪارو ڏسندا آهن
منڙا، پاءُ (اوري آءُ،
خوب خوشيءَ سان داڻو ڪاءُ)
مان ڪا موونگ چيئر ناهيان!

●

ٻرسڻ ٻن بادل، ڪالهه لنگهي ويا ڪيترا.

پياسا ٿي رهجي ويا، سڀ تَرايُون تَلَ.
ڪوهر ڪنڌر ٿي ويا، ٻٺر ٿي پيا ٻَلَ.
هر ڪنهن ماڻهوءَ جي مٿان، ڪورن ڪاٽي ڪَلَ.
هونئن ته ڪيڏي هيج مان، ڪاڏي انگ اڇَلَ.
اڄ ته سڄُ مٿي مٿان، پيرن ڏرُ تتَلَ.
ملير سونٽي مارئي، آس اها آنجهلَ.
ڪيئن لنگهيا هوندا آلا، پاڻيارِيءَ جا پَلَ.
ويڙهه وڃان ته ڪٿي وڃان، لينگها لينگها ڳَلَ.

ٻرسڻ ٻن بادل، ڪالهه لنگهي ويا ڪيترا.

●

بس بس بادل بس وو، منهنجو جيءُ جهڙالڙو.

منڊ ٻه آ منڙي جيان، منڊ مٿي ڇا وس وو.
جتي وسي ٿو مون پرين، آتي وڃي تون وس وو.
اڪڙين بس ڪي ڪٿي، ٻوندن ڪانهي بس وو.
جهڙ هجي جاني هجي، پوءِ ته ڪانهي ڪس وو.

بس بس بادل بس وو، منهنجو جيءُ جهڙالڙو.

●

آهوئي لوڪ
منهن موڪ
آتما تائين
جُڳن جي ڪارنهن مَليو
ڪوهن جهڙا وات پٽيو
اڪر اڪر ۾ زهر ڀري
جيپَ جهڙي ڪري
توهر ٻانهون ڦهلايو
سايون هيڊيون ڳاڙهيون
سگنلز اکيون ٻيرڪايو
رستو روڪيو بيٺو آهي

او سرڳهه نيٽي
او سورج ونسي
آپ ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ جيڪا ريکا آهي ـــ ڌور
تنهنجي منهنجي نراڙ جي ريکا آهي
پنيان نهارڻ سان
سڀ ڪجهه ڀنڀ ڀڻ تي ويندو
ريک (ليک پيار جو) ڊهي ويندي

او جيڏي
او سرتي
پاڻ ڪي هلندو رهڻ گهرجي
هٿ ۾ هٿ پايو
آن ريکا تي نيڻ کُپايو!

●

مون مٿان رُئندي سوين مينهن لنگهي ويا آهن
اک ۾ رک ٽيو آ پيو هرڪو ڳوڙهو
۽ ترائيل ليکئي ڏينهن لنگهي ويا آهن
مون مٿان رُئندي سوين مينهن لنگهي ويا آهن

جڻ ته پيلي مان ٻُڪيا شينهن لنگهي ويا آهن
وڻ جي ٽُڙ جيان ساهه ۾ آهيان سوڙهو
مون مٿان رُئندي سوين مينهن لنگهي ويا آهن
اک ۾ رک ٽيو آ پيو هرڪو ڳوڙهو

●

مان ڊٺل ٿي سهي اَجڙيل سهي کنڊر ٿي سهي
ٿورڙي دير جي مون ۾ وهي وسرام ڪرين
مان سڄو اَڄ سهي سُڃ سهي ٻر ٿي سهي
مان ڊٺل ٿي سهي اَجڙيل سهي کنڊر ٿي سهي

هڪڙي سنسان ڳهڻيءَ منجهه ٿُريل گهر ٿي سهي
ڇو نه ڪجهه دير وهي ٿورڙو آرام ڪرين
مان ڊٺل ٿي سهي اَجڙيل سهي کنڊر ٿي سهي
ٿورڙي دير جي مون ۾ وهي وسرام ڪرين

## ڪهاڻيون

- علي بابا
- مهتاب محبوب
- قاضي خادم
- عبدالجبار جوڻيجو
- ڪيهر شوڪت
- رعنا حنيف صديقي
- رزاق مهر
- حميد سنڌي
- ظفر حسن
- حليم بروهي

## ڳالهه

- ولي محمد طاهرزادو

## ناٽڪ

- علي بابا

● اڄ جو انسان اڪيچار مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. اڄ جي انسان کي آرام ۽ سڪون کهڻ، بي آرامي، اڻ تڻ ۽ وسوسا وڏندا پيا وڃن. انسان، درپيش پيچيده مسئلن کي حل ڪرڻ چاهي ٿو، انسان انسان کي سمجهڻ چاهي ٿو، ۽ ساڻ پاڻ کي سمجهڻ چاهي ٿو، ۽ اهو سلسلو جاري آهي. انسان ۽ انسان جا اڪيچار مسئلا اديب جا بنيادي موضوع آهن، ڇو ته اهي هن جا به مسئلا آهن. تنهنڪري هو جيڪي ڪجهه به تخليق ڪري ٿو ۽ پڌائي ٿو، تنهن ۾ هو سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ساڻ شامل (Involve) آهي. اها شموليت (Involvement) ان رچيا لاءِ تڏهن اثرائتي ۽ مفيد ثابت ٿيندي، جڏهن ليکڪ پوري سچائيءَ ۽ ديانتداريءَ کان ڪم ورتو هجي، بيءَ صورت ۾ اها رچنا کوکلي لڳندي.

● هڪ ڪهاڻيڪار لاءِ اهو ممڪن ڪونهي ۽ نه ئي اها تنقيدي حقيقت نگاري (Critical-realism) سمجهي ويندي، ته مڙني موضوعن ۽ مسئلن کي هڪ ئي هيئت (From) ۽ اسلوب (Style) ۾ پيش ڪري. ڪنهن موضوع لاءِ صحيح ڍنگ ۽ طرز ادا اختيار ڪرڻ لاءِ رچناڪار کي گهڻو اکواڻ سوچڻو پوندو آهي. ڪو موضوع اهڙو هوندو آهي، جنهن لاءِ بيانيه (Discriptive-Narrative) انداز موزون هوندو آهي، ته وري ڪو اهڙو موضوع هوندو آهي، جنهن لاءِ علامتي (Symbolic) انداز بيان مناسب هوندو آهي. جديد رچنائن ۾ ته هرطرح جا تجربا ڪيا ويا آهن ۽ اڪثر بيانيه لکڻين ۾ علامتي عنصر به هوندو آهي. انهيءَ ڪري ئي جديد ادب ۾ ٽيڪنڪ جي تجربن کي گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي، فقط انهيءَ مقصد ڪاڻ ته خيال جي اظهار کي مناسب ۽ موزون شڪل ملي سگهي.

— ممتاز مهر

("زندگيءَ جو وهڪرو" جي مهاڳ تان)

# مهتاب محبوب      سُريت

ٻن ڪلاڪن جي ڦٽ ڦٽان ڪان پوءِ سندس منهن جي موڪري تختي، ميناڪاري ڦلن وارين چانديءَ جي سڳين سان ڳتيل چوڙين ۾ ڪندن وانگر پئي ٻهڪي. گلابي گربيءَ جي ائن والن جي ڳوريءَ شلوار تي، چڱهچ سائي شيفون جارجيٽ جو ھُرمچ جي پرت سان رنو ۽ پهراڻ پاتي، عطر جي اڌ شيشيءَ سان پنهنجو انگ انگ مهڪائي، جنڊيءَ جي هندوري تي آهلجي، پٽ تي لڳل گهڙيال ۾ اکيون ڪپائي، هُن سگريٽن جا سوٽن تي سوٽا پئي هنيا، ته ڪڏهن ٽا چار وچن جو تيزگام اچي. گهڙيال جا ڪانٽا ٻه سندس اکين وانگر هڪئي هنڌ ڪُپجي ويا هئا؛ پر ٽِڪ ٽِڪ سا چِٽي ٻڌڻ ۾ پئي آئي. اوسيئڙي ۾ اوٻاسيون ڏيندي ڏيندي پيهرن واري ننڊ جي ويل ٻه ٽري ويس. جڏهن ڪان ڪنهن ڊائجيسٽ ۾ پڙهيو هئائين، ته پيهرن جي ننڊ سان حسن ۽ جوانيءَ ۾ واڌ ۽ نکار اچي ٿو، تڏهن لاڪر پيهري واري ننڊ سندس لاءِ ڪنهن عبادت گذار جي نماز وانگر عين ثواب تي پئي هئي- پر خير... نمازون ٻه ته ڪڏهن ڪڏهن قضا ڪرڻيون پونديون آهن؛ تنهن ڪري اِهو ڪو سنجهائيندڙ مسئلو نه هو، چو ته ڪيس خبر هئي، ته اِها ڪسر اونهئين صبح جو دير سان اٿڻ ۾ پوري ٿيئي هئي. ڪيس اها به خبر هئي ته ان آگهور ننڊ جا نشا پيهرن واري ننڊ کان هزارين درجا حُسن ۾ نکار ۽ نواڻ پيدا ڪندا آهن.

اِنتظار جي عذاب کان بچڻ لاءِ، هوءَ مينديءَ رتن پيرن سان هندوري جي لَسي ۽ چلڪڻي ڪاٺ تي وچٽ ڪري جهونگارڻ لڳي:

بِرهه دل ڪي ڪيو بي حال آ

هائي هڪڙي گهڙي جڻ سال آ...

گيت مزو ڏنس ۽ پنهنجي آواز جي لئي تي پاڻ موهت ٿي پئي. سوهه ۾ اکيون گهڙيال تان هٽي ويس. پهرين مصرع کان پوءِ ٻي مصرع ... ٽين مصرع ۽ اڃا چوٿين مصرع پئي ڳاتائين، ته ٽيڪ اُن مهل تيزگام جي سيٽي ٻه ڪن تي پيس. هوءَ انهيءَ دم شينهڻ وانگر اُچل ڏيئي اٿي ۽ آرسيءَ اڳيان پيهر پنهنجو پرپور جائزو وٺڻ لڳي. چيلي باداميءَ جهڙي رنگت تي، نڪ جي مست رنگي لونگ، ڪجلين اکين واري وٽندڙ نقشن ۾ جڻ ڪالاٽ ٻاري ڏني هئس. سانت پَري

”سور ڪان لڳ پيا ساٿا ٿينم ...“
وري ساڳيو سهاپو شروع ڪيائين.

”دلبر اچا ڪيترو تڙپائيندين، هاڻ ته پارهن به لڳي ويا!“

”پنهنجي وات ته پارهين ڪان پوءِ شروع ٿيندي آهي سهڻا“.

شوخيءَ مان وراڻيائينس ۽ پوءِ دير تائين ڳالهيون سُهاڙيون ڪري سڀ ليڪاچوڪا لاهي ڦان تي سمهي رهيا.

سومل، هوئن ته ڪڪڙ جي پهرئين دس سان ئي اٿي ڪڙي ٿيندي هئي، تنهن ڪي اڄ ڏهه لڳي ويا. هن جي اچڻ ڪري هميشه ڪيس دير سان جاڳ ٿيندي هئي. اها ڪا نئين ڳالهه ته نه هئي؛ پر هر پيري ڪيس دير سان اٿڻ تي اچايو تعجب ٿيندو هو.

”آئي الا! سج متي چڙهي آيو، نه چانهه نه پاڻي. نپاڳو ڪير وارو ئي هليو ويو هوندو. الائي ڪهڙا ڪيپ چڙهيم، جو آواز ئي ڪونه پڌومانس“.

هو، جو نوم ويهاڻن ڪي پڪ وجهيو اونڌو ٿيو پيو هو، تنهن ڪي به سومل جي آواز تي جاڳ ٿي. ڪر موڙيندي چيائينس: ”جاني، هاڻي ججهي ڪنڊ وجهي سليماني ڪٺي ناهي، هينئر مون ڪان هليو ڪونه ٿيندءِ جو وجي ڪير وٺي اچان“.

سومل وهنجڻيءَ ۾ ٽوال صابڻ ۽ بالٽي پري رکي آئي، پوءِ سليماني چانهه جو ڪوپ آڻي ڏنائينس جنهن کي پيئڻ ڪان پوءِ هو اٿڻ جهڙو ٿيو. وهنجي‌سهنجي ٽوال جي گوڏ ڪري ٻاهر آيو، ته هن سلوار ۾ اڳ پئي وڌو. ڪپڙن پائڻ ڪان پوءِ گِلهو ٽوال ڏيندي چيائينس: ”ٻلا ڪا نيرن پيرن ته ناهي، رڳو سليماني چانهه جي اڌ ڪوپ تي ٽاريندينءَ چا؟ منهنجو ته پڪ ڪان هيانءُ ٿو لُڙهي“.

”الله پناهه ڏيندي، هيانءُ لڙهي تنهنجي دشمنن جو، تون منهنجي سر جو تاج، گلي جو هار، توڪان سواءِ منهنجو پيو ڪير آهي“؟

”پوءِ اٿ پلا ڪو بيلو ڪر، پڪ ڪان سران ٿو“.

”سرن تنهنجا ويري ۽ جيڪي توکي ڏسي نه سهن. آءٌ پاڻ اٿي تنهنجي ڪاڻ آفراٽا پچايان؛ پر پانيان ته اِهي گهڙيون به توسان ويهي گهاريان، رڌڻي ۾ چو وڃايان؟“

”ڍؤ بنا ڍوليا، ناهي ساچهه سونهن جي“ هن آئيني آڏو وارن ۾ تيل هڻندي چپن ۾ جهونگاريو.

”ڪالهوڪيون ’پڪيون پڪايون‘ پيون آهن. اڄ ڪٺي ڪائي چڏ. ڪجهه نه ٿيندو ٿي. انب به ميڙي پُسائي رکيا اٿم، چئو ته ٻه چار آڻي ڏيانءِ، انهن سان ڪائي حالي هيانءَ جهلو ڪري وٺ، ڏينهن به اچي چڙهيو آهي، ٻنپهرن جو ته هوئن به هوٽل تي ڪائيندا سين“.

# قاضي خادم — پر هوا پڙهڻ ڪونه ڄاڻي

[باغ ۾ گلن جي وچ تي هڪ پٿر تي
اُڪريل ڪتبو ”گل ڇنڻ منع آهي.“]

ڊسمبر جي شروعات هئي. هڪ موسم سرديءَ جي، ٻيو اسلام آباد، پر ڳالهه اهڙي هئي جو آءٌ اصل صبح ساڻ نيرن ڪائي گرم ڪوٽ ۽ سوئيٽر پائي سيءَ ۾ ڏند ڪڙڪائيندو، گلاب ۽ چنبيليءَ واري باغ ۾ اچي پهتس. ڪار بيهاري ٻاهر نڪتس ته اصل ماشائي ڦري ويا. هڪ ته سخت سيءُ، ٻيو آسمان تي ڪڪر، وري باغ جو ٿڌو ٿڌو ڇپراٽو. اصل ڄمي ويس. مٿان وري انتظار به ڪرڻو هو: هن يارهين بجي اچڻ جو چيو هو ۽ اڃا نَو مس ٿيا هئا.

آءٌ باغ ۾ پوکيل گلاب جي مختلف ڪِنن جا نالا پڙهي رهيو هوس، ته منهنجي نظر انهن تختيءَ تي وڃي ڪُتي، جنهن تي لکيل هو ’گل ڇنڻ منع آهي.‘ انهي تختيءَ جي هيٺان ڪيترا ڪومايل گل ۽ پن پيا هئا، جيڪي پڪ هن واديءَ جي سرڪش هوائن اُڇاٽائيءَ ۾ ٽوڙي ڦٽا ڪيا هئا. ۽ هاڻ اهي هوا جي زور تي هيڏانهن ڪان هوڏانهن اڏامي هلڪي کڙکڙ جو آواز ڪري رهيا هئا. انهن ڪان ڪي پيرن هيٺان چيپاٽيندو. آءٌ ڪيترو پنڌ ڪري اڪيلو هليو ويس ۽ وري ساڳي رستي تي واپس اچي در جي ويجهو بيٺس، ته من ڪو انساني مهانڊو نظر اچي: پر هتي ته اصل خاموشي لڳي پئي هئي. آءٌ بس هڪ هنڌ رومال وڇائي ٿڌي ۽ آلي ڇپر تي ويهي رهيس.

هن سان منهنجي انهيءَ ڏينهن صبح جو ٽيڪسلا جي عجائب گهر ۾ ملاقات ٿي هئي، جتي هوءَ ڪيترن طاقن ۾ رکيل گوتم جي مختلف مورتين ۾ ڏاڍي غور سان ڏسي رهي هئي، ڄڻ ته نرواڻ جي ڳولا هئس. هوءَ پنهنجي انهيءَ حال ۾ ايڏي ته مگن هئي، جو اها به خبر ڪانه پيس، ته آءٌ سندس پويان بيٺو آهيان، تنهنڪري جيئن ئي هڪ مورت ڪي ڏسندي ٻيءَ مورت ڏانهن وڌي، ته مون سان ٽڪرائجي پئي. هن جو مون سان ٽڪرجي، ’ساري‘ چوڻ جو انداز مون کي ڏاڍو وڻيو. ايترو ته وڻيو، جو آءٌ ’اٽ از آل رائٽ‘ به نه چئي سگهيس ۽ پوءِ سوچيم، ته مس مس اهڙي ڪنهن جملي چوڻ جو موقعو مليو هو سو به وڃائي ڇڏيم.

گوتم جي چهري تي ابدي سڪون جا واضح ۽ چٽا اهڃاڻ ڏسندي به، ميوزم جو هال مون کي ڏاڍو سرد پئي لڳو. رت ڄڻ ته بدن ۾ ڄمي رهيو هو. مون هٿ پتلون جي کيسي ۾

”نقلي مورتي ته اصليءَ کان به سهڻي ٿي لڳي.“ هن وري چيو.
”زمانوئي نقل جو آهي.“ مون چڙ ته گائيڊ کي چيو.
”هنن پراڻو ڊائلاگ.“ هن چپ ڊُولا ڪندي مورتيءَ ۾ گهوريندي چيو.
”ڊائريڪٽ ڳالهه ٻولهه هجي ته ماڻهو ڪو جواب به ڏئي سگهي. ڪيئن؟“ مون وري گائيڊ کي مخاطب ٿيندي چيو. هن ڪجهه نه سمجهندي به ڪنڌ لوڏيو.
”سائين، هيءَ اشوڪ اعظم جي اها تلوار آهي، جيڪا جنگ کان پوءِ هن ڦٽي ڪري ڇڏي هئي.“ گائيڊ ٻڌايو.
”جنگ کان اڳ ڦٽي ڪري ها ته هزارين ماڻهو ڪونه بچي وڃن ها.“ هُن به گائيڊ کي چيو، جنهن اها ڳالهه به ڪانه سمجهي. ”پراڻين شين کي ڏسڻ سان آخر ملي ڇا ٿو؟“ هن پنهنجي منهن چيو.
”اولڊ از گولڊ.“ مون وراڻيو.
”هنن نين شين کي اگنور ڪري، اولڊ کي گولڊ ثابت ڪرڻ وري ڪهڙي دانشمندي آهي؟“ هن وري پنهنجي منهن چيو.
”نين شين کي پرکڻ لاءِ وقت گهرجي.“ مون هن ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ چيو.
هن مون ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ٻاهر ويندي ويندي گائيڊ کي چيو ”ريسٽ هائوس هينئر ڪليل هوندو يا نه؟“
”ريسٽ هائوس چوويهه ئي ڪلاڪ ڪليل آهي.“ گائيڊ وراڻيو ۽ هوءَ شال کي ڪلهن تي ٺيڪ ڪندي، ڏاڍي بي نيازيءَ سان ديل جيان ٽلندي هلي وئي. چڙ ته ٻتي وسامي وئي.
مون به بي دليءَ سان باقي رهيل شيون ڏٺيون ۽ گائيڊ کي ٽپ ڏيندو ٻاهر نڪري آيس. تڪڙ ته مون کي به ڪانه هئي. جنهن ڪم سان اسلام آباد آيو هوس، سو پورو ڪري ڇڏيو هوم. اڃا ٻه-چار ڏينهن رهڻ جو به ارادو هئم. جنهن دوست وٽ رهيل هوس، تنهن جي ڪار منهنجي حوالي هئي ۽ همراهه پاڻ ڪم ۾ سوگهو هو. سو بي فڪري ئي بي فڪري هئي ۽ وري هيتري سهڻي ڇوڪري جا ڏئي، ته دل چاهيو ٿي، ته ٻه گهڙيون هن کي ڏسان. هونئن به سهڻين شين کي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق اٿم. گلابي گل هجي يا گلابي چهرو. سونهين ۽ خوشبو جو هميشه ديوانو رهيو هوس ۽ خاص ڪري اسلام آباد سان ته ڪيترين سهڻين يادون سلهاڙيل. هينئر به مون گهٽ ۾ گهٽ، هڪ ڏينهن جي ڪنهن هڪ گهڙيءَ کي خوبصورت بڻائڻ ٿي چاهيو، ڇو جو وري واپس پنهنجي ساڳي ورڻو هئم، جتي ساڳيو دهل ساڳيو راڳ. زال ۽ ٻار، جهيڙا، گوڙ ۽ خرچ. مطلب ته زندگيءَ کي ساڳئي رستي تي هلائڻ کان اڳ مون هميشه وانگر اهو سوچيو ٿي ته جيڪڏهن قرار جون چند حسين گهڙيون ملي وڃن ته ڏاڍو سٺو. هونئن به آءٌ اهو سمجهڻ ۾ حق تي هوس، ته هُن خود به مون سان ملڻ چاهيو ٿي، نه ته ويندي ويندي اهو ڇو اطلاع ڏئي وڃي ها ته ڪيڏانهن پئي وڃي!

# عبدالجبار جوڻيجو — پُتلي

نالو تہ ڪو پيو هوس، پر ڪيس پتلي سڏيندا سين.

گهر جي ڏاڪڻ ڪي ڪل چار ڏاڪا هئا، پر پتليءَ جي عمر هئي ڏيڍ-بہ سال. هوءَ جڏهن بہ ماءُ جي بي‌خبريءَ جو فائدو وٺي در تائين ايندي هئي تہ ڏاڪا لهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ۽ گهر جي سامهون سيدي جي دڪان وارو چاچو خيرو ٽپ ڏيئي دڪان تان هيٺ لهندو هو ۽ کيس پڪڙي مٿي چاڙهي اتڪل سان اندر روانو ڪري در ٻيڪڙي ڇڏيندو هو. اجا ڪنهن گراهڪ لاءِ سيڊو تورڻ لاءِ ساهمي هٿ ۾ ڪندو سس هو تہ پتلي وري بہ در ڪولي ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ جي ڪوشش ۾ ڏسبي هئي. هُو ساهميءَ مان هٿ ڪڍي وري بہ ساڳي ڊيوٽيءَ تي لڳي ويندو هو. ڏينهن ۾ اهو عمل الائي ڪيترا ڀيرا ورجائبو هو.

پوءِ هن پتليءَ کي پيرڙين ڪندي ڏٺو، اسڪول ويندي ڏٺو. هُن پتليءَ جي مئٽرڪ ۾ پاس ٿيڻ تي مٺائي ورهائي. هُو ڏاڍو خوش ٿيو، پر دل ۾ هڪ خواهش هيس تہ پتلي ڪاليج ۾ نہ پڙهي ۽ پردو ڪري، گهر ۾ اندر رهي ۽ پنهنجن وڏن جي پيروي ڪري.

چاچو خيرو بہ عجيب ماڻهو هو. هُو پرائي اولاد ۾ بہ ايڏو موهہ رکي ويٺو هو.

هُو پراڻن خيالن جو ماڻهو هو. پتليءَ جا مائٽ بہ هئا تہ پراڻن خيالن جا، پر زماني جي رفتار کي ڏسي ڍري پئي پڏيا ۽ تريا. اجا هو ڪجهہ سوچين تنهن کان اڳ پتليءَ خود پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو ۽ پيءُ کي چيائين تہ 'زماني جي رفتار سان هلڻو آهي. اڄ جاهل رهڻ نٿي چاهيان' ...

چاچو خيرو کهڙي ليکي ۾ هو. هُن بہ اِها بدخبر ٻڌي ۽ ڪجهہ سوچي تنهن کان اڳ هُن پتليءَ کي ڪاليج ڏانهن ويندي ڏٺو. هوءَ اجا بہ چادريءَ ۾ هئي. البت پتليءَ جي نئين چادري ڪجهہ ٻيءَ طرح جي هئي. گهٽيءَ مان لنگهندڙن جو گهڻو ڌيان چادريءَ ڏانهن ڇڪجي پئي ويو. اڳتي جي خبر چاچي خيروءَ کي بہ نہ هئي.

حقيقت ۾ ڪاليج جي شروعاتي مهينن ۾ پتليءَ ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ آيو هو. هُن جو لباس ڪجهہ توروئي فئشني ٿيو هو. البت پراڻي طرز جو لباس پائيندڙ ۽ بدصورت ڇوڪريون، توڙي ليڪچرارئيون کيس گهڻو پسند ڪونہ هونديون هيون ۽ هوءَ ڪاليج جي انهن ڇوڪرين کي بہ پسند ڪونہ ڪندي هئي، جيڪي ڪانئس سونهن ۽ فيشن ۾ سرس هيون.

چاچو خيرو تہ هرويرو پيو اندرئی اندر پچرندو هو. پرائي ڌيءَ کي پنهنجي ڌيءَ سمجهڻ ڪري هُن پنهنجو پاڻ کي ڪئي تڪليف ۾ وڌو هو. سندس پراڻا خيال ڪيس ستائي رهيا هئا. هُو پتليءَ کي ڪاليج ويندي ۽ موٽندي ڏسندو هو تہ ڪيس ايتري خوشي نہ ٿيندي هئي، جيتري پتليءَ جي ننڍي هوندي جي زماني ۾ ٿيندي هيس. خوشي تہ خوشيءَ جي گهر پر هاڻ تہ گراهڪن کي ڪنڌ ٻدران لوڻ پيو توريندو ڏيندو هو. ڪو هڪل ڪري چوندو هوس: 'چاچا، چريو ڏتورو تہ ڪونہ پيتو اٿئي؟؟ تڏهن هو ڇڙڪ ننڊ مان سجاڳ ٿي پوندو هو.

پتليءَ کي ڪاليج ڏانهن ايندي اڪثر ڪن ڇوڪرن جي تيز نظرن، اشارن ۽ تازن فلمي گانن جو شڪار ٿيڻو پوندو هو. هُن جو خيال هڪدم پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏي هليو ويو، جنهن ڇيو هو تہ ڪاليج جي پڙهائي ضروري ڪا آهي. اِهو ٻہ سوچيائين تہ منهنجو ڀاءُ ٻہ تہ ڪنهن کي ڏسي گانا ڳائيندو هوندو. اِهو خيال ايندي ئی رستی ۾ ملندڙ هر ڏنگي ڇوڪري کي معاف ڪري ڇڏيائين. هين تہ معاف ڪيو پر هنن مان هڪ ڇوڪري کيس بلڪل معاف نہ ڪيو. گهٽيءَ مان نڪري روڊ تي ايندي هئي تہ هُن کي آتي پنڊ پهڻ وانگر بيٺل ڏسندي هئي. پتلي ٿورو اڳتي نڪرندي هئي تہ آن پنڊ پهڻ ۾ ڇڙڪ ساهہ پوڻ شروع ٿيندو هو ۽ اڌ منٽ ۾ پاڻ کان چڱو مفاصلو پويان هُو پاڇي وانگر چرندو پيو ايندو هو. هڪ فرمانبردار نوڪر وانگر ڪاليج جي گيٽ تائين پيو پنيان ايندو هو.

پتليءَ ڪوبہ خيال نہ ڪيو، ڇو جو آهو ڇوڪرو پري پري هوندو هو. البت ڪڏهن ڪڏهن ڪنڪو ٿيندو هوس. آن جو ذڪر پتليءَ شازيا سان ڪيو، جيڪا سندس ڪلاسي هئي.

پتلي رڳو شازيہ سان گهري هئي شازيہ هڪ شاهوڪار ماڻهوءَ جي ڌيءَ هئي. ڏاهہ ٿوهہ ۾ ٻہ پتليءَ کان ڇهري هئي. آن کی ڏسي پتليءَ پنهنجو روپ بدلائيندي ٻئي ويئي. سال جي آخر ۾ هُوءَ سچ پچ پتلي ٻڄي پيئي ۽ شازيا سان گڏ هلڻ چلڻ جي قابل ٻڄي ويئي. پتليءَ جو پيءُ مالي حيثيت ۾ شازيا جي پيءَ کان گهٽ هو: پر ساهيڙين اِهو ويڇو نہ رکيو. سنگت ڇٻو ئی اِن کی آهی تہ اوهين ڪليءَ دل سان دوست کی چاهيو. چاهڻ آهی چاهڻ سان. سياڻا، جيڪي هاڻ قبرن ۾ ستل آهن، تن جو تہ چوڻ آهي تہ جي هُو نہ چاهی تہ ٻہ اوهين چاهيو. اهڙا سياڻا جي هن مشيني دور ۾ هجن ها تہ ڪين پنهنجو رايو بدلائڻو پوي ها. نہ چاهڻ سان ٻہ چاهجي: سو ناممڪن 'نہ ڪونهي: پر مشڪل آهي ۽ پاڻ کي ٻہ پيرا ماري اُئين ڪري سگهجي ٿو. هنن ٻنهي ساهيڙين جا خيال ڪجهہ اهڙن ئي دائرن ۾ هئا. شازيہ ڪاٻہ ڳالهہ ڪندي هئي تہ پتلي آن کي فلسفي جو ويس ڍڪائيندي هئي ۽ اڪثر هر ڳالهہ جو نفسياتي جائزو وٺندي هئي. شازيا فلسفي ۽ نفسيات ۾ گهٽ هئي، آن ڪري ها ۾ ها ملائيندي رهندي هئي اڪثر پتلي انساني لاڳاپن ۽ رشتن ناتن تي ٻہ شازيا کي وڏا وڏا ليڪچر ڏيندي هئي. شازيا انهن مان ڪجهہ هضم ڪري سگهندي هئي، ڪجهہ فلسفو رڳو هن جي ڪنن جي پاڙين

هو. پتليءَ جو فلسفو جيڪڏهن ميدان ماري سگهيو ٿي، ته شازيا کي ڪو به اعتراض نه هو. پر هاڻي بال ٻئي طرف هو. پتلي هڪ هارايل جواريءَ مثل هئي. هوءَ پنهنجي پياري ساهيڙيءَ کان هارائي چڪي هئي. اهڙي هار، جنهن کي پڙهيل ڇوڪريون ڪافي وقت تائين نه مڃينديون آهن ۽ جي لاچاري حالت ۾ قبول ڪري ورتائون، ته ست نه سهي سگهنديون آهن. نه رڳو نروس (Nervous) بلڪ توائي ٿي وينديون آهن. پاڇي سان وڙهنديون آهن. پنهنجي من گهري خوشبوءِ بدلائي ڇڏينديون آهن. هڪڙن بدران ٻيا ڪتاب پڙهنديون آهن. پتليءَ به ائين ڪيو ۽ بي. اي ته به پاس ڪري ويئي.

شازيا بي. اي ۾ ناڪام ٿي. تورو گهڻو پيار جو چرچو به ٿي ويو. پاڙي جو هڪ واندو جوان ديسي دلبر معاملي کي مشهور ڪرڻ لڳو. ڳالهه اها شازيا جي پاڙي ۾ هئي. پتليءَ جي پاڙي تائين نه پهتي هئي. جي پهچي ها ته چاچو خيرو پنجن سيرن جو تورو ڪٽي ارسطو جي مٿي ۾ وجي هڻي ها.

ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ڪا چرڪائيندڙ ڪانه ٿي، جيتوڻيڪ ٿيڻ کپي ها. ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ اُن کان پوءِ جي واقعن مان انجام جي خبر پئجي ويندي آهي. جيتوڻيڪ انجام کان ماڻهو اڪثر بي‌خبر ٿيندا آهن. باهه کي باهه، پاڻيءَ کي پاڻي ۽ طوفان کي طوفان نه سمجهندا آهن ۽ جڏهن مٿان اچي ڇپ ڪندي اٿن، ته پوءِ ويٺا قسمت کي لوڻيندا آهن ۽ اڪثر انهيءَ روج راڙي ۾ اصل ڏوهاري بدران ڪنهن گس ويندڙ بي ڏوهيءَ کي ڏوهي ٺهرائيندا آهن. پر پتلي ائين ڪو نه ڪيو.

ارسطو شازيا جو سڱ گهريو. پتليءَ کي اها سُڌ به پيئي. ماڻٽن غريب ڇوڪرو ڏسي انڪار ڪيو، سو به پتليءَ ٻڌو. شازيا آپگهات جو دڙڪو ڏنو، سو به پتليءَ ٻڌو. دڙڪي دهمان جي نتيجي ۾ هائوڪار ڪيائون، سو به پتليءَ ٻڌو. هن لاءِ انهن ڳالهين ۾ خوشيءَ يا ڏک جو ڪو چٽو پهلو ڪو نه نڪتو.

البت چاچي خيروءَ کي پتليءَ جي ڏک جي خبر دير سان پئي. جڏهن ٻهريون پيرو هن ڏٺو ته پتلي گهر ڏي موٽي ته پرس هٿ تي نچندو ڪو نه پئي آيو. اها شازيا ۽ ارسطو جي شاديءَ جي رات هئي. باوجود دعوت ۽ زور ڀرڻ جي به پتلي شاديءَ تي وڃي ڪو نه سگهي. سڄو هفتو هن جي حالت خراب رهي. نيٺ هوءَ گهر کان نڪتي. هن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي. ڳالهين ڪندي دير ڪو نه ٿي لڳي، پر وقت پنهنجي رفتار سان ٿو گذري.

هڪڙي شام جو چاچي خيروءَ جي هٿ مان مورڳو گيهه جي پيالي سوڌي ساهمي ڪري ٿي. هن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. دنيا ڪيڏي نه وسيع هئي. پتلي پرس هٿ تي نچائيندي پئي آئي. ٻانهن ۾ پرس جو ڪشو ڦرندو ويو. ڌرتيءَ گردش پئي ڪئي. جاگرافي پڙهيل ڪو نه هو، پر هن اکين سان ڏٺو ته ڌرتيءَ گردش پئي ڪئي.

ها، مون جهڙو حساس هنن حالتن ۾ رهي نہ سگهندو. پاڻ ايڊجسٽ ڪري نہ سگهندو. تہ پوءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪيان؟ ڪهڙو!؟

هو ڪافي دير تائين منجهيو وينو رهيو. ڪوبہ حل ڳولي نہ سگهيو. ڪابہ روشني ڏسي نہ سگهيو. سندس نهار وهندڙ واهہ تي هئي، جيڪو هاڻي اوندهہ ڪري ڪارسرو ٿيندو ٿي ويو.

ها هڪ رستو آهي. آخري رستو. جيڪو مون کي اختيار ڪرڻ گهرجي يا ڪرڻو پوندو. خودڪشي... ها آپگهات ئي سڀني مرضن جي دوا آهي. ۽ مون کي اها دوا استعمال ڪرڻ گهرجي. ان ۾ ئي نجات آهي. ٻي ڪا واٽ ڪانهي. تازو هڪ مصور بہ تہ ائين ڪيو نہ؟ واهہ جي ڳالهہ ڪيائين: I prefer to die rather than live a life of shame

ها مون کي بہ ائين ڪرڻ کپي. هن شرمسار زندگيءَ مان ائين ڇوٽڪارو ملندو. اهوئي واحد طريقو آهي. ”موت ۾ ابدي سڪون آهي.“ ڪيڏي نہ شاندار فلاسافي آهي. هر مسئلي جو حل. هر مونجهاري جو خاتمو. آنند ئي آنند. شانتي ئي شانتي. مڪتي، هميشه لاءِ مڪتي!

پر مان اڃا مانڪو ڇو وينو آهيان!؟

ڇو!

ڇو؟

شايد مان ڊڄان ٿو. ڳيدي. يا اڃا جيون سڌرڻ جي آس! نئين شروعات جي اميد. جيتوڻيڪ مون کي ڄاڻ آهي تہ اهو سڀڪجهہ سوچڻ اجايو آهي. واريءَ تي ڪوٽ اڏجي نٿو سگهجي...

پوءِ بہ جيئڻ ٿو چاهيان!... هيتري واهيات، ذليل ۽ ڪريل زندگي- پوءِ بہ زندهہ رهڻ جي چاهنا. پوءِ بہ جيون سان پريم!...؟... نہ هاڻي مون کي حياتي ڪونہ کپي. ڪونہ گهرجي هيءُ جيون. واهيات... پر منهنجي خودڪشيءَ سان گهر جي ڇا حالت ٿيندي؟ امان ۽ بابي سان ڇا وهندو؟ ڀينرن ۽ ٻارن جو آئيندو ڪيڏو نہ اونداهو ٿي ويندو؟ هن کي ڪجهہ نہ ڏنو اٿم پوءِ بہ تہ هنن جون اميدون، آسون ۽ تمنائون مون سان لاڳو آهن نہ؟ هنہ هنہ... هہ... نہ...

هو پاڻ تي کلڻ لڳو.

وري ڏس، ڪهڙا نہ آرگيومنٽ ڏاهڻ شروع ڪيا اٿم. اصل مان پاڻ ذليل آهيان. مون ۾ ايڏي اخلاقي جرئت آهي ڪانہ. ڊڄڻو...؟ ها ڳيدي آهيان. انهيءَ شيءِ کان ٿو ڊڄان، جيڪا هڪ ڏينهن تہ هوندي بہ اچڻي آهي. تہ پوءِ جڏهن هن زندگيءَ ۾ ڪابہ سونهن، ڪابہ سرهاڻ ڪانهي، تہ موت اچڻ کان اڳ ان جي آجيان ڇونہ ڪرڻ کپي. مصيبتن مان پاڻ ئي پنهنجي جند آزاد ڇونہ ڪجي؟ ڪنهن شيءِ جي انتظار جو فائدو ڪهڙو آهي؟ فائدو بہ ڪهڙو آهي؟...

مونجهہ -

سوچ -

ها آپگهات ئي -

پوءِ؟...

ڳوٺ ۾ رهان؟ ڳو...

ڳوٺ ۾ وري... پلا ڪراچيءَ ۾ وري...

نہ ڪراچيءَ ۾...

تہ ڪاڏي وڃان؟ ڪجهہ تہ ڪرڻ کپي. ڪو تہ ڇوٽڪارو هجي. ڪو تہ هوندو.

ڪهڙو آهي!؟

ڇا ڪيان! هان؟...

آپگهات... ڳوٺ... ڪراچي...

آ... ڳ... ڪ... ڳ... ڪ... آ...؟

آخر ڇا ڪرڻ کپي؟ ڪجهہ تہ ڪرڻ ئي کپي-ڪو بہ هڪ فيصلو... ها، ڪو بہ هڪ...

پر ڪهڙو؟ ڪاڏي وڃان؟ ڇا ڪريان؟

انهيءَ پل تي منجهيو وېٺو آهي.

سوچ لوچ ۾ آنڌمانڌ جي تياس تي ٽنگيل هئو!

●

ريڪ ۾ رکيل ڪتابن تي جڏهن دز چڙهي ويندي آهي، تڏهن اهو تنقيد جو ڪم هوندو آهي، تہ انهن کي چنڊي ڦوڪي، جرڪائي نئين سنئين پڙهڻ تي هرڪائي- ائين ڇڇي ويل تحريرن جي اهميت جو پتو پوندو ۽ آهي ڪتاب آڏوهيءَ جي ڪاچ ٽيڻ کان بہ بچي پوندا-- ۽ ان لاءِ ”فلاڻو ناراض ٿي پوندو“ يا ”فلاڻي کي اهميت ملندي“ جي چڪر کان آجو ٿيڻو پوندو. تنقيد هيلتائين جو آسري نہ سگهي آهي، تہ آن جو ڪارڻ بہ ”فتوائن“ ۽ ”ياري باشيءَ“ وارو روايتي لهجو آهي، ان کي تياڳڻو پوندو. ذاتي وٽت-اٿوٽت کان مٿي چڙهڻو پوندو--ڇاڪاڻ تہ تنقيد هيٺ ڪرڻ جو نالو ناهي.

# رعنا حنيف صديقي — پولار

ثمرين گيٽ تي بيٺي هئي. جڏهن هن جي ڪار سامهون اچي بيٺي، بينا ڪار سان هيٺ لٿي ۽ ڪار جو گيئر (Gear) وري سٽارٽ ٿيڻ لاءِ بدلايو ويو، ته ثمرين ڪار جي دريءَ ۾ اندر جهاتي پاتي. ”او نو، ادا منظور توهان ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ توهان ڪي اندر اچڻو پوندو. آءٌ توهان ٻنهي ڪي پنهنجي پاڻ سان ملائڻ ٿي چاهيان No excuse me please —“ منظور خان ڪي نه چاهيندي به لهڻو پيو.

ثمرين جو پاڻ عمر، جيڪو عالمي شهرت جو چترڪار ته نه، پر هڪڙو شيشاگر هو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ جرمنيءَ ۾ پنهنجن ڪرسٽان (Crystals) جي نمائش ڪرائي موٽيو هو، بينا ۽ منظور سان ملاقات ٿي هيس ۽ منظور کان سندس آئل ڪمپني بابت پڇڻ لڳو، جتي هو مئنيجر هو.

بينا ڪي پارٽيءَ ۾ الاهي پراڻا ساٿي ملي ويا. هوءَ پيرس ۾ پنهنجي ٽن سالن جي پڙهائيءَ بابت ٻڌائڻ لڳي ۽ ڪانئن سندن باري ۾ ڳالهيون پڇڻ لڳي. ٿوري دير کان پوءِ بينا پنهنجي مڙس ڏانهن نهاريو، جيڪو بيوسيءَ جي حالت ۾ بيٺو، عمر جي سوالن جا اڻٽا سبتا جواب ڏيئي رهيو هو. هن ڪي پاڻ ڏانهن نهاريندي ڏسي، منظور ڏاڍيءَ مشڪل سان عمر کي ڇڏي هن وٽ آيو ۽ سرپاٽ ۾ چيائين: ”آءٌ وڃان ٿو هتي اجايو ڦاسي ويو هوس. پوءِ ايندس توکي وٺڻ.“

بينا جي چپن تي مرڪ پکڙجي ويئي ۽ هن هائو ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. هن جو چهرو امن ۽ شانتيءَ جو ڳالهائيندڙ چتر هو، جو هن جي من ۾ به امن ئي امن هو. نه صرف پاڻ سان بلڪ پين سان به امن امان!

منظور بناڪنهن ڪان موڪلائڻ جي هليو ويو ۽ بينا ديوار تي ٽنگيل مغل پينٽنگ ڪي ساراهڻ لڳي. ايتري ۾ عمر به آرنج جوس جا گلاس کڻي هن جي پاسي ۾ اچي بيٺو.

”ثمرين وٽ ڪي ڏاڍيون قيمتي ۽ قديم شيون آهن.“ بينا هڪڙو گلاس کڻندي چيو.

”ها، ثمرين جي هنن تي ڏاڍي دل آهي.“ عمر چيو ”پر اسان ڪي انهن پراڻن antiques ڪي رڳو ساراهڻ کپي، آرتي نه ڪرڻ کپي.“

”توهان ٺيڪ ٿا چئو، آءٌ به سوچيندي آهيان، ته انهن ڪي ايتريقدر چاهي اسان پنهنجي زماني جي فن ۽ هنر کي وساري ٿا ڇڏيون. پنهنجن قوتن ڪي گهٽ ٿا سمجهون.“

”ثمرين پڻي پڙهايو تہ تو انڊورٽائزنگ (advertising) ۾ ڪي نوان ۽ خاص ميڊيا (media) ڪب آندا آهن. تنهنجي ڪم جي ڏاڍي واکاڻ پڙهي اٿم.“ عمر سنڌس باري ۾ چيو.

”نہ، اهو صحيح نہ آهي. آءٌ تہ رواجي ڪم ڪندي آهيان، جيڪو ڪم ونڊر بہ هوندو آهي ۽ هونئن بہ اسان سڀئي گڏجي ڪندا آهيون.“ بينا مرڪندي چيو. ”خاص تہ توهان جهڙا ماڻهو آهن، جيڪي سچي قوم جي سيپتا ۽ آرٽ جي رهبري ڪندا آهن. قومن ۾ ڪن ۾ هڪڙو پيرو ڪو جينيس (genius) اڀرندو آهي، جيڪو پنهنجي قوم جي اتهاس ۾ انقلاب آڻي ڇڏيندو آهي.“ هن عمر ڏانهن پنهنجي ڳالهہ جي پٺڀرائيءَ لاءِ ڏٺو، جيڪو سنڌس ڳالهہ ڏاڍي ڌيان سان پڙهي رهيو هو. ”اهو جينيس (genius) ڪهڙي بہ شعبي جو هجي. چترڪار، ليڊر يا سائينٽسٽ. توهان بہ انهيءَ آتم پد تي پهچي ويا آهيو.“

”پر فنڪار تہ سڀ selfish هوندا آهن. هو پين جي لاءِ نہ، پر پنهنجي satisfication جي لاءِ ڪنهن تخليق کي جنم ڏيندا آهن. اها پي ڳالهہ آهي تہ اسان قوم جا سونهان آهيون. ڀاڳ وارا تہ توهان آهيو، جيڪي unconsciously قوم جي اڳواڻي ڪندا آهيو.“ عمر جي مرڪ ۾ ٽوڪ هئي. بينا کي هن جي سچ چوندڙ مرڪندڙ اکين کان الاءِ ڇو ڊپ محسوس ٿيو.

”لڳي ٿو تہ توهان اسان جي پيشي کي سٺو نٿا سمجهو. ائين تہ نہ آهي جو توهان advertising کي فن جو دشمن ٿا سمجهو؟“ بينا پڇيو.

”دشمن تہ نہ، پر ها، ان کي soap operas ۽ entertainment shows وانگر اوچي قسم جي فن جو هيٺاهون substitute ضرور سمجهندو آهيان.“

”ڪجهہ بہ سمجهو، پر اسين تہ عام ماڻهن وٽ پهچي ويندا آهيون ۽ هنن کي ذري گهٽ جندڙيءَ جي اوچن قدرن سان سڃاڻپ ڪرائيندا آهيون.“ بينا پنهنجي ڏندي جو پاسو ونڊي وراڻيو.

”تون چا بہ چوين پر ڳالهہ اها آهي تہ اسان create ڪندا آهيون ۽ توهان نقل ڪندا آهيو.“

”چڱو سائين، مڃيوسين.“ بينا هٿ جوڙيندي چيو ۽ پيئي کلڻ لڳي. ”پر پوري طرح تڏهن مڃينديس جڏهن توهان مون کي پنهنجي glass work جو ڪو پيس ڏيندئو.“

”تنهنجو مڃڻ تہ مون کي اِلاهي مهانگو پيو.“ عمر کلندي چيو.

”بينا عمر کان شيشي جي فن بابت پڇيو. ”توهان مون کي ڪجهہ blowing glass بابت پڙهايو. هونئن تہ هميشه فيڪٽرين ۾ ئي گلاس جون ڪارائتيون شيون هزارن جي تعداد ۾ ٺهنديون آهن، پر توهان تہ glass blowing کي individual art جي پڪيڙ ۾ آڻي فن جي دنيا ۾ نواڻ آندي آهي.“

”هي فن منهنجي ڳولها تہ اصل ڪانهي، پر هيءُ اهڙو فن ضرور آهي، جنهن ۾ هر ڪلاڪار کا نئين شئي آڻيندو آهي. دنيا ۾ ڪي بہ ٻہ پيس هڪ جهڙا نٿا ٿي سگهن. شيشي ۾ ايتريون تہ خوبيون آهن، بينا، جو آءٌ هر پيري کا نئين شئي ٺاهيندي حيران رهجي

ويندو آهيان، ڇو جو هر پيري مون تي ان جو ڪو نئون گڻ ظاهر ٿيندو آهي. مون ڄاڇيو آ ته شيشو ڇيڪي مٽيءَ ڪان به وڌيڪ نرم ۽ لچڪيدار آهي. هي هڪڙو ڌاتو آهي، پر ساڳي وقت هي ڀاڻيات liquid به آهي. اهڙو liquid جنهن کي پگهرايو وڃي، ته ماڪيءَ جهڙو محسوس ٿئي ٿو. پوءِ ان کي پنهنجي مرضيءَ پٽاندر blow pipe سان ڦوڪي ڪو به آڪار ڏيئي سگهجي ٿو. پيو ته ان ۾ روشنيءَ ۽ رنگن کي به ڪٽب آڻي سگهجي ٿو." عمر پنهنجي آرٽ جي باري ۾ ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ بينا اچرج ۽ دلچسپيءَ سان ٻڌندي رهي.

رات جو جڏهن منظور بينا کي وٺڻ آيو، ته عمر بينا جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو: "لڳي ٿو، تون پاڻ کي under estimate ٿي ڪرين."

گهر ڏانهن ويندي، بينا سوچڻ لڳي ته عمر جو ڇا مطلب هو. هن منظور ڏانهن ڏٺو. جيڪو ڏاڍي سڪون ۽ لاپرواهيءَ سان ڪار هلائي رهيو هو. 'عمر ائين ڇو چيو؟' هن پاڻ کان سوال ڪيو. سندس سوچون Pendulum وانگر عمر کان منظور ۽ منظور کان عمر تائين لُڏي رهيون هيون. سندس نهار منظور جي Profile تي اٽڪيل هئي. خوش ۽ مطمئن منظور، شريف ۽ خاموش. 'ڊنيد جيئن بند ٿيل ۽ بيڻل' بينا پنهنجي منهن ڀُڻڪيو.

"ڇا؟" منظور سمجهيو بينا ڪيس ڪجهه چئي رهي هئي.

"ڪجهه به نه." بينا گهرو ساهه کڻندي چيو. ڇهري تي اهوئي سڪون.

رات جا ٻه لڳا هئا. بينا کي رات جو رڳو ٽي-چار ڪلاڪ ننڊ ايندي هئي. جڏهن هوءَ سمهڻ لاءِ ليٽندي هئي، ته احساس ٿيندو هئس، ڄڻ هوءَ اجايو وقت وڃائي رهي هئي ۽ هوءَ آٽي اچي Studio ۾ ڪم ڪندي هئي. هن مهل به هوءَ Sketches ٺاهي رهي هئي. سندس ڏيان ٻئي ڪمري ۾ سٽل منظور ڏانهن ويو. پيءُ جي مرضيءَ سان بينا هن سان شادي ڪئي هئي. پٽس جي چونڊ تي هوءَ منظور سان ملي، هن سان ڳالهايائين ۽ هائو ڪيائين. پيءُ کي آٽت هو ۽ منظور خوش هو، ته هن کي پسند ڪيو ويو آهي- پر بينا ڇا هئي؟ هائو ڇو ڪيائين؟ اهو ڪو به سمجهي نه سگهيو.

انسان ٻن دنيائن ۾ رهندو آهي. هڪڙي ٻاهر جي دنيا Concrete ۽ محدود، جنهن ۾ انساني سنگ قائم هئا. ٻي اندر جي دنيا: پوراڻي ۽ وشال. بينا جو سڄو وقت اندر جي دنيا ۾ گذرندو هو. ٻاهر جي دنيا جي وجود کي هوءَ بيشڪ لازمي سمجهندي هئي: پر ان سان ذري گهٽ ڪو به ناتو نه هئس. تنهن ڪري ان سان ٺاهه هو، امن هو! انهيءَ امن جي ڪري ٻاهر جي دنيا، اندر جي دنيا جي ڪڏهن به وچ ۾ ڪانه آئي. شادي ٻاهرين دنيا جو لازمي ڀاڱو هئي. انهيءَ ڪان وڌيڪ شاديءَ جي ڪا به اهميت ڪانه هئي.

بينا جي ذهن جي ڪُن جي ڪنهن به وڪڙ ۾ منظور جو وجود ڪونه هو. ان ڳالهه کان منظور شايد اڻڄاڻ هو. هو ته رڳو ان ڳالهه ۾ئي مگن هو، ته سندس زال هڪڙي وڏي گهر جي

ڇوڪري آهي، پڙهيل لکيل! بينا آڏو منظور جي ٻن اڻپڙهيل پيرن ۽ ماسيءَ جي ڏيئرن جا معصوم چهرا اچي ويا. هن کي محسوس ٿيو، ته هوءَ ۽اڻ هڪڙو چمڪندڙ ٿانءُ هئي، جنهن جي ابتي ٻاسي Made in England جو ليبل لڳل هجي ۽ جنهن کي ڪنير پنهنجي ٿي هٿن سان جوڙيل ٿڪر جي ٿانءُ تي سرسي ڏي! 'هي پنهنجا ٿانو انديري جاءِ ۾ چو ٿو ڦيٽي ڪري؟ ڇڻ ان سيٽيءَ سان هن جي ڪابه ماڻتي ڪونهي.' بينا کي ڀهريون پيرو منظور تي ڪاوڙ آئي، ڇو جو منظور ڀهريون پيرو هن جي اندر جي دنيا ۾ Interfere ڪيو هو ۽ سندس هميشه جيان امن پسند من ۾ جنگ ڇڙي هئي.

... ... ...

عمر گهٽو ڪري ثمرين ۽ بينا سان ملڻ سندن آفيس ۾ ايندو هو ۽ Advertising کان ملڪ جي معاشي حالت کي نقصان جي باري ۾ بحث ڪري ڪيس ڇيڙائيندو هو ۽ هوءَ ٻنهن جا Lay Outs ٺاهيندي ويندي هئي ۽ سوٽ ۾ جواب ڏيندي ويندي هئي.

هڪڙو پيرو هوءَ ثمرين جي گهر ويٺي Sketches ٺاهي رهي هئي. عمر به اتي ويٺو هو. ثمرين فون جي گهنٽيءَ جو آواز ٻڌي فون Receive ڪرڻ هلي وئي.

"آءٌ توکي سمجهي ويو آهيان ته تون ڇا آهين." اوچتو عمر بينا کي چيو.

بينا حيران ٿي ڏانهس ڏٺو. "پر آءٌ ڪا اهڙي Mysterious شخصيت ته ڪانه آهيان، جو توهان جي سمجهه ۾ نه اچان. هڪڙي عام ڇوڪري آهيان!"

"ياد اٿئي، ڀهريون پيرو جڏهن آءٌ توسان مليو هئس، تڏهن توکي ڪجهه چيو هئم؟"

"نه ... ڇا چيو هيئي؟" پر عمر جي اکين ۾ حقيقت ٻڌي، بينا ڊچي ويئي ۽ اکيون هيٺ ڪري چيائين، "ها، ياد اٿم، پلا ٻڌاءِ ته آءٌ ڇا آهيان؟" هن ڳالهه ڦيرائيندي پڇيو.

"تنهنجي اسٽار Cancer توکي آرسيءَ وانگر پڌرو ڪري ڇڏيو آهي." عمر چيو. "تنهنجي اسٽار جو نشان Crab آهي. اندران نرم ۽ نازڪ، پر ٻاهران لاپرواهي ۽ سخت مزاجيءَ جو خول چڙهيل!"

"ڇا مطلب؟" بينا شايد وڌيڪ چٽائيءَ سان ڪجهه ٻڌڻ پئي چاهيو.

"اهوئي ته تون ڏکن ۽ ايذائن کان بچڻ لاءِ محبت جي جذبي کان به بچڻ ٿي چاهين. پر اهو ايذاءُ انهن ايذائن کان، جن کان تون بچي رهي آهين، وڌيڪ پوائتو آهي."

"بس؟ يا ٻي ڪا ڪسر رهجي ويئي آهي؟" بينا جي آواز ۾ سندس ڇهري جهڙي شانتي هئي، پر سندس احتجاج جي ان انداز عمر کي Disturb ڪري ڇڏيو.

"هڪ ٻئي جي Analysis ته سٺي ڳالهه آهي بينا. تون به مون تي Criticize ڪري سگهين ٿي." هن چيو.

"آءٌ ته ماڻهن کي ڪڏهن به نٿي سمجهي سگهان. ڪير ڇا آهي؟ اهو سوال ته منهنجي ذهن ۾ ڪڏهن به نٿو اچي." اهو هو به سچ. بينا ايتري قدر Introvert هئي، جو هن پنهنجي

خول کان نکري پڻ کي ڪڍهن بہ نہ ڏنو هو. هن ڳالھ بدلائي عمر کان سوال ڪيو:
”پلا هڪڙي ڳالھ ٻڌاءِ. تون Cancerians تي چنڊ جي اثر کي ڪيتري حد تائين درست ٿو سمجهين؟“ ۽ عمر سمنڊ جي لهرين ۽ چنڊ جي اثر هيٺ اچڻ واري اسٽار Cancer جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو.

... ... ...

رات جا چار لڳي رهيا هئا ۽ بينا Studio ۾ پنهنجي ميز تي ويٺي ڪم ڪيو. ڪم ايترو ضروري بہ ڪونہ هو، پر پوءِ بہ اڄ ڪيس اصل ننڊ ڪانہ پئي آئي. هن ڪم ڇڏي ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي پنهنجون ٿڪل اکيون ٻوٽيون. ٿوري دير کان پوءِ اکيون کولي اڳيان پٽ تي لڳل تصوير کي ڏسڻ لڳي، جنهن تي چار سال اڳ ڪيس Photography Club پاران انعام مليو هو. ڳاڙهي، پيلي آڪاش تي هڪڙو اڪيلو ڪارو پکي اڏري رهيو هو:

’جهونجهڪڙي ۾ ڪارو ڪڇي
منهنجو من، جيون ٻن
اڏري اڏري پوندو ٿڪجي
تنها تن، منهنجو من
جهونجهڪڙي ۾ ڪارو ڪڇي.‘

هن کي اياز جو نظم ياد اچي ويو ۽ تڏهن ئي تنهائيءَ جو احساس ڪنهن چاتل سچاتل ڏک جهڙو لڳس. اهو ڏک ڪيس پهريون ڀيرو پيرس ۾ لڳو هو، تڏهن هن پنهنجي من اندر امن آئي سوچيو هو: اڪيلائيءَ جو احساس تہ هر فنڪار کي ٿيندو آهي. هو پنهنجي فن ۾ ايتري قدر ٻڏي ويندو آهي، جو ٻاهرين دنيا جا سڀ ناتا ۽ پيار وڃائي ڇڏيندو آهي.

پر اڄ ... اڄ وري هي خيال ... احساس هئس تہ عمر سان ملي ٿيو آهي. عمر، جنهن هن جي ڪٽ لڳل ذهن کي Metal Stimulation ڏني هئي. جنهن جو Subtle humour منظور جي سستي مذاق کان ڪيترو نہ مختلف هو. اڄ شدت سان احساس ٿيس تہ جيڪر مڙسهنس وهندڙ نهر هجي ها، بند ٿيل ۽ بيٺل ڍنڍ نہ، تہ هوءَ پاڻ کي ڪيترو نہ سوڀياڳڻ سمجهي ها!
هوءَ مايوسين جي اونهي اوڙاهہ ۾ ڪري رهي هئي، جتان واپسيءَ جي ڪابہ وات نہ هوندي آهي. سندس اکين آڏو پراڻو ڏٺل ڪنهن فلم جو ڏيک گهمي ويو: جنهن ۾ هڪڙو پولاري (Astronaut) پنڌ کان راڪيٽ جي ٻاهر رهجي ويندو آهي. راڪيٽ اڳتي زوزات ڪري نڪري ويندو آهي ۽ هو ويچارو پولار (Space) جي اونهي اوڙاهہ ۾ ترندو رهندو آهي. نہ پنيان ڪو ماضي، نہ اڳيان ڪو مستقبل!

”هي چا پئي چوين ماسي!“ هو وائڙو ٿي ويو.

”ها ابا، جڏهن تون ڪم تي ويندو هئين تہ ميران ويچاري هين هُن جي گهر وجي پورهيو ڪندي هئي. هاڻي جڏهن اها شيءِ ٿي هلي وئي تہ لڪلڪاءَ ڇا جو.“

پيرل جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويا. هن پنهنجو نوس وجود برف جيان ڳرندي محسوس ڪيو. سيني ۾ هلڪي هلڪي سور جون سٽون آيرڻ لڳس. جهڪيل ڪنڌ مٿي ڪٽي هڪ نظر ٻارن تي وڌائين، جيڪي ڏانهس خوف وچان ڏسي رهيا هئا ــ ۽ ٻي نظر چادر ۾ ڍڪيل ميران جي لاش ڏانهن ــ وڌائين. هن جي اکين ۾ ڀهريون ڀيرو ميران جي لاءِ ڳوڙها ڀرجي آيا. ٻيءُ کي رئندو ڏسي ٻار ماءُ لاءِ وري روئڻ لڳا، ۽ هن اڳتي وڌي ٻارن کي ڀاڪرن ۾ ڀريو ۽ ڍورن وانگر ڍڪڻ لڳو.

●

ڪهاڻي لکڻ ۽ ڪهاڻي جنمڻ ـــ ٻہ الڳ واتون آهن. هڪ ٺهيل ٺڪيل وات آهي، جنهن تي بنا ڪنهن ڪَٽڪي پير ڌري اڳتي وڌي سگهجي ٿو ـ ۽ ماڳ (پُڄاڻي) تي رسي سگهجي ٿو. ٻي وات نئين ۽ اڄاتي ماڳ ڏانهن ويندڙ وات آهي؛ ان وات تي پير ڌرڻ لاءِ تجربي جي جوکم کڻڻ جو ساهس ضروري آهي؛ ائين ئي هڪ ڪهاڻيڪار ـــ هڪ ڪلاڪار پنهنجي تجربي ۾ ڀرپور شرڪت لاءِ، پڙهندڙ جي من ۾ آسيو اتساهہ پيدا ڪري سگهجي ٿو.

# پرئڪٽيڪل ائسٽرالاجي

(طنز ۽ مزاح)

حليم بروهي

ائسٽرالاجيءَ جو مطلب آهي علم نجوم، ۽ علم نجوم جو مطلب آهي نجوم جو علم. لفظ نجوم دراصل انجم جو جمع آهي. انجم جي معنيٰ آهي تارو، ۽ تنهنڪري علم نجوم جو مطلب ٿيو تارن جو علم. انجم نالي هڪڙي ڇوڪري ٻه هوندي هئي جنهن کي ڏسي اسان کي احساس ٿيو هو ته انجم تمام سهڻو نالو آهي، ۽ پوءِ اسان علم نجوم سکيو. جيڪو تارا ڏسي اوهان کي اوهان جا افعال ٻڌائي، تنهن کي انجم شناس چئبو آهي. جنهن انجم کي اسان سڃاتو هو، تنهن کي اسان ڪجهه غلط سڃاتو هو، ڇو ته هن اسان کي ڪڏهن ٻه نه سڃاتو. هاءِ انجم!

هاڻي پاڻ سمجهون ته علم نجوم ڇا آهي، هي تارا ڇا آهن، هنن تارن جو اسان جي زندگيءَ سان ڪهڙو واسطو آهي، اسان جي زندگيءَ جو اسان جي مستقبل سان ڪهڙو تعلق آهي (هيءَ ستٽ اجائي آهي)، اسان جي مستقبل جو اسان سان ڪهڙو تعلق آهي (هيءَ ست ٻه اجائي آهي)، ۽ انجم اسان جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن اسان وٽ اڪيلي ٻه ايندي يا سدائين پنهنجي ساهيڙيءَ کي پاڻسان گڏ آڻيندي رهندي (فقط اهائي هڪ ستٽ ڪم جي آهي). علم نجوم ٽيڪنيڪل ضرور آهي؛ پر ايترو ٽيڪنيڪل ٻه ڪونهي جيتري ٽيڪنيڪل انجم آهي. هاءِ انجم!

اسان ڪيترو ٻه لڪي ڇپي جنم وٺون، ڪيترا ٻه ۽ ڪهڙا ٻه پري — ڪاشنس وٺون ته اسان جي جمڻ وارو لقاءُ ڪوبه نه ڏسي؛ پر اسان جو ڪامياب ٿيڻ ناممڪن آهي، ڇو ته ڪونه ڪو هڪڙو تارو، اسان جي قسمت جو تارو بڻجڻ لاءِ، آسمان ۾ اسان جي جمڻ جو انتظار ڪري رهيو هوندو آهي. اسان جي ڪامياب جم تي دائيءَ کان ٻه وڌيڪ خوشي اُن تاري کي ٿيندي آهي. اسان کي اهو تارو نظر اچي يا نه اچي؛ پر جهڙيءَ ريت اهو تارو اسان جي جمندي ئي ڪڇيون هڻندو، تاڙيون وڄائيندو، پهرئين هائوس کان پئي هائوس کان ٽئين هائوس ڏانهن روانو ٿيندو آهي، تنهن مان پڌرو ٿيو پئي، ته اهو تارو اسان جي جمڻ وارو نظارو ٻاقائدي ڏسي رهيو هوندو آهي. نوٽ — جنهن سان پڇي نه سگهجي تنهن کي عزت ڏجي، تنهنڪري مائرن کي گهرجي ته ٻار ڄڻڻ وقت مٿي تي پوتي رکن. من تاري کي حيا پئي ۽ هليو وڃي. ٻيو نوٽ — هاءِ انجم!

هي تارو، جيڪو اسان جي جمڻ وقت اسان ۾ اکيون وجهيو ويٺو هوندو آهي، سو تمام امپارٽنٽ تارو آهي. ائسٽرالاجيءَ ۾ هن تاري کي 'برٿ اسٽار' چئبو آهي؛ پر پاڻ هن تاري جا

افعال ڏسي، آن کي هن مضمون ۾ 'ٻيجيا تارو' چوندا‌سين. هن مضمون ۾ جڏهن ٻه اسان ٻيجيا تاري جو ذڪر ڪريون، تڏهن اوهان سمجهي وڃو، اسان جو اشارو برٿ اسٽار ڏانهن آهي. هاڻي اسان ٻه مثال ڏينداسين. هڪڙو مثال اسان جو پنهنجو آهي، ۽ ٻيو مثال اسان پنهنجي پياري انجم جو ٿا ڏيون. (هاءِ انجم!) هونئن فقط انجم جو مثال ئي ڪوڙ آهي. اسان جو پنهنجو انٽريسٽ به انجم ۾ ئي آهي (هاءِ انجم!)

اسان جو پنهنجو برٿ اسٽار وينس آهي، جو ته اسان جي ڄم وقت اهو تارو اڀري رهيو هو، ۽ انجم (هاءِ انجم!) جو برٿ اسٽار مارس آهي، جو ته انجم جي ڄم وقت اهو تارو اڀري رهيو هو. اسان هي ٻه مثال اجايا ورتا آهن، جو ته هاڻي اسان کي پاڻ کي خبر نٿي پوي، ته اڳتي ڇا لکون! پر خير، ماهر ائسٽرالاجرس وانگي پاڻ هڪڙو سوال اٿاري پنهنجي جند ڇڏايون ٿا. سوال آهي ته اسان کي خبر ڪيئن پوي، ته فلاڻي انسان جي ڄمڻ مهل فلاڻو تارو اڀري رهيو هو؟ جواب تمام سولو آهي، ايترو سولو جو نينڍڙو ٻار به ٻڌائي وجي؛ پر الائجي ڇو اسان کي نٿو اچي. اسان ڪتاب ۾ ڏسندا آهيون، ته ڪهڙي ڏينهن، ڪيتري بجي، ڪهڙو تارو اڀري رهيو هو. جنهن ڪتاب ۾ لکيل هوندو آهي، ته ڪهڙي ڏينهن، ڪيتري بجي، ڪهڙو تارو اڀري هيو هو، تنهن ڪتاب کي يوفيمري چئبو آهي. يوفيمري لکيل اهڙي نمولي هوندو آهي، جو يوفيميرس پڙهڻ ۾ ايندو آهي؛ پر اصل اچار يوفيمري آهي. يوفيمرين جي جمع کي يوفيمرانڊس چئبو آهي. هاءِ انجم! (نوٽ ـ هاءِ انجم چوڻ لاءِ هي موقعو مناسب نه هو.)

پر ترسو. ڀهرين اسان ڏسون ته اسان ڪٿي ڪا غلطي ته نه ڪري آيا آهيون. ها، اسان هڪڙي عظيم‌الشان ۽ شاندار غلطي ڪري آيا آهيون. اسان جو ڪم هو ته ڀهرين اسان سمجهايون ها ته هائوس ڇا آهي ۽ سائن ڇا آهي، ۽ پوءِ سمجهايون ها ته برٿ اسٽار ڇا آهي. تنهنڪري هاڻي اسان وري ٻي نهايت شاندار غلطي ڪنداسين. اسان ڀهرين سمجهائينداسين ته سائن ڇا آهي، ۽ پوءِ آرام سان ويهي پڇتائينداسين، ته اسان ڀهرين هائوس ڇو نه سمجهايو. انجم جي طبيعت به اهڙي هئي. پاڻ سان پاڻيهي پنهنجي ساهيڙي وٺي ايندي رهي؛ پر پوءِ جڏهن اسان کي سندس اها ساهيڙي وڻڻ لڳي، تڏهن پاڻيهي ويهي پڇتائڻ لڳي، ته اڪيلي ڇو نه ايندي رهي. هاءِ انجم جي ساهيڙي! شرمائڻ جي ڳالهه ڪانهي؛ پر ائسٽرالاجي آهي ئي منجهيل معاملو. هونئن ائسٽرالاجيءَ آهي به سراسر ڍوڪو. ڀلا تارن جو انسان جي زندگيءَ سان ڪهڙو واسطو؟ پر تنهن هوندي به ائسٽرالاجيءَ مان ايترو فائدو ضرور آهي، جو گهٽ ۾ گهٽ اها خبر پئجيو وڃي، ته تارن جو انسان جي زندگيءَ سان ڪهڙو واسطو آهي.

# اوسارَ

## الطاف جي ياد ۾

سيئي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هلئا،
روئان رَهَن نه سپرين، آيل کريان کيئن،
مونکي چاڙهي چيئن، وئو وَڏچارو اوهري.
ــشاهه

## گدائي صاحب جي ياد ۾

هيءَ رات ڪٽڻ تي آئي آ، باقي ٻه گذاري ويندا سين،
پر ويندي ويندي سنڌڙيءَ جي، هيءَ سينڌ سنواري ويندا سين.
آ نيٺ "گدائي" مرڻو پر، هيءَ ساهه سنڌن ۾ آ جيسين،
هن حب وطن جو پوين ۾، هڪ ٻارڻ ٻاري ويندا سين.

# مضمون

● نسيم احمد کرل

● غلام احمد ايل. بدوي

● سمرسيٽ ماهم

نجم عباسي

فورم

● الهداد ٻوهيو

سجاڳ

تبصرا

پڙهندڙن وٽان

ٽانڊاڻي جي لاٽ

جي جيءَ کي جيارين

هن پرچي جا ڪجهه لکندڙ

پهچ

● ”گدائيءَ“ سنڌي ادب ۽ فن جي تاريخ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. پراڻين تحريڪن ڪانگريس، خلافت تحريڪ ۽ مسلم ليگ وغيره کي نظرانداز ڪري، رڳو سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ کان وٺي صوبائي آزاديءَ، ون يونٽ جي قهرسازيءَ، وري صوبائي آزاديءَ واري دؤر ۾ فنڪارن ۽ شاگردن، اديبن ۽ شاعرن، دانشورن ۽ نوجوانن سان گڏجي، سنڌ ان باطل شڪن تحريڪن ۾ گدائيءَ ڪيترو عملي حصو ورتو آهي، اگر ان کي ٿي بيان ڪجو وڃي ته، پوءِ هوند وڏو وستار ٿي پوندو. (گدائي) بزم ۽ رزم، محفل ۽ مجلس، جلسي ۽ جلوس ۾، هر موقعي تي نوجوانن سان گڏ رهندو آيو آهي.

— غلام محمد گرامي
(”پکڙا ۽ پنهوار“ جي مهاڳ تان)

● چاچو گدائي، سنڌ جو اهو شاعر آهي، جو ڪيترن دورن جي مختلف خيالن جي مڪتبن ۾ رهي، وقت ۽ سوچ جي سفر ۾ وک پٺتي نه رکي، اڳتي ئي وڌندو رهيو آهي. هو هر دؤر ۾ ترقي پسند رهيو آهي ۽ صحيح معنا ۾ عوامي شاعريءَ جو زنده مثال ٿي عوام آڏو پيش ٿيو آهي.

— رشيد ڀٽي
(”پکڙا ۽ پنهوار“ جي سڃاڻپ جا سنيها تان)

● جيئن حمزو رسول، پنهنجي ديس داغستان جي سخت پهاڙن، خوبصورت چشمن، سُندن ماڻهن ۽ اتان جي ماحول کي پنهنجي فن ۾ چٽيندو آهي، بلڪل اهڙيءَ ريت چاچو گدائي پنهنجي فن ۾، ڏاڍي جرئت ۽ بيباڪيءَ سان سنڌ وطن جي ماڻهن ۽ انهن جي ڪرپل معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتن جي اپٽار ڪندو آهي. قلندر صفت ۽ فاقه مست هوندي به ڪيس ائين لِڪڻ کان ڪو به نه روڪي سگهيو آهي، نه روڪي سگهندو.

— تاج بلوچ
(”پکڙا ۽ پنهوار“ جي سڃاڻپ جي سنيها تان)

(16) ڏسو لئمبرڪ جو ڪتاب 'دي ٽيررسٽ'. ان مقابلي ۾ سپاهي ڪو ڪوڙ مٺو.

(17) مارشل لا جو دهقاني آچار، پوءِ بيماريءَ تي ٻه اهو نالو پئجي ويو.

(18) پيسو حڪم سڏيندا هئا مارشل لا ڪورٽ جي ان آرڊر کي، جنهن ۾ نظربند ڪي Till further orders تائين واڙيو هو.

(19) هڪ ٽڪ جا ته جملي ووٽرئي يارهن هئا.

(20) پَنِ جو نوڙ: نوڙ سياڻتو هوندو آهي سچ جو يا واڻ جو، پَنَ جو نوڙ نه نهي نه ڪري.

(21) چڙهه جون پوڙڪيون: پوڙڪي مڇي هميشه چاڙهه ڏانهن ٻچندي آهي. مطلب آهي موقعي پرست ۽ Oppertunist.

(22) ٻَرَ: نيم يا رواج. چوٽي آهي، جنهن جي وچجي گهر تنهن جي ڪجي ٻَرَ.

●

---

"خلوص ۽ اخلاص سان ياڪر پاڻي ملڻ وارو الطاف عباسي زندگيءَ جي راهه تي هلندي، هٿان وڃائجي ويو آهي ته ڪئين دليون وسائي ڇڏيون اٿس. سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سچو شاعر ۽ اديب اهڙي وقت ۾ جدا ٿي ويو آهي، جڏهن اسان جي ٻوليءَ ۽ ادب کي سندس گهرج هئي. هو پنهنجي عام فهم ٻوليءَ ۾ جيڪي به لکندو هو، تنهن ۾ چڻ ته جادو هو. سيني کي موهي ڇڏيو هئائين. اڄ ڪئين رسالا سندس ڪلام سان پريا پيا آهن، پر الطاف پاڻ موجود نه آهي."

ايڊيٽوريل روزانه "هلال پاڪستان"

8- فيبروري 1978ع

---

# ٻيدل فقير

غلام احمد ايل - بدوي

شڪارپور ڪان اٽڪل پنجن ميلن جي مفاصلي تي، چوٽي شاخ جي ساڄي ڪپ تي، هڪ ننڍڙي بستي آهي، جنهن جو اصل نالو ته ”بخشيو آنڙ“ هو، پر هن وقت ”ٻيدڙي فقير جي ڳوٺ“ جي لالءِ مشهور آهي. شڪارپور جي چوڌاري ڪيٺائي ننڍڙا ڳوٺڙا آهن، پر هن ڳوٺ ڪي مکيه اهميت آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ ڳوٺ ڳچ سال اڳ هڪ درويش جي رهڻ جو مقام هو، جنهن پنهنجي نغمہ سرائيءَ سان سنڌي ادب ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو. هن درويش جو اسم گرامي ٻيدل فقير هو ۽ عوام ۾ ”ٻيدڙي فقير“ جي نالي سان اڄ به مشهور آهي.

اڄ کان اٽڪل هڪ صدي اڳ ”بخشي آنڙ“ جي ڳوٺ ۾ هڪ شخص ٿي رهيو، جنهن جو نالو ”عبدالواسع“ هو، جنهن کي عام ماڻهو وسيو سڏيندا هئا. هو نهٺو ۽ لماڻي طبيعت جو مالڪ هو. انگريزن جي حڪومت جو اوائلي دور هو. هر طرف سُکر ۽ سٿائي هئي. سادگي راحت سمجهي ويندي هئي، ڪوڙ ۽ فريب ايڏو عام نہ هو. وسيو فقير ٻہ-ٽي ايڪڙ زمين جا آباد ڪري، سُکيو ستابو گذاريندو هو، پر هڪ غم کيس مايوس ڪندو رهندو هو: آهو هو تہ کيس ڪابہ نرينو اولاد ڪانہ هئي، جنهن ڪري هو سدائين پيرن فقيرن ڏي پيو پنڌ ڪندو هو. روايت آهي تہ هڪ ڀيري هڪ مجذوب فقير اچي سندس ڳوٺ کان لانگهائو ٿيو. ان جي نالي جي خبر نہ پئجي سگهي، پر فقير کيس ”نانگو مست الستي“ جي لقب سان سڏيندا آهن. فقير وسيي ان مجذوب جي پيٺ ورتي: جنهن سندس عاجزيءَ کي ڏسي دعا ڪئي. ٿوري وقت کان پوءِ کيس نينگر پيدا ٿيو، جنهن تي ”ٻيدل“ نالو رکيو ويو. سندس ولادت جو صحيح سال معلوم ٿي نہ سگهيو آهي: پر فقيرن کان معلوم ٿيو آهي تہ فقير صاحب پاڻ فرمائيندو هو تہ جڏهن آخري ليٽ اچي بس ٿي ۽ ريل جي بند ٻڌڻ لاءِ انگريز آفيسر زرخيل جي سڙڪ جي اوپر کان تنبو هڻي اچي ويٺا، تڏهن منهنجي عمر اٽڪل 18 سال هئي. شڪارپور ۾ ريل جو بند سنہ 1883ع ڌاري ٺهڻ شروع ٿيو هو. جيڪڏهن فقير صاحب جي زباني روايت کي ڏسجي ٿو، تہ سندس ولادت جو سال اٽڪل روءِ 1885ع ٿئي ٿو.

زباني روايتن مان جيئن معلوم ٿئي ٿو، فقير صاحب پنهنجي والدين جي هنج ۾ لاڏ ۽ ڪوڏ سان پليو، پر جيئن هو وڏو ٿيندو ويو، تيئن ماڻهن کان دور دور رهڻ لڳو. ان ورهين جو ننڍڙو ٻار، جهنگن ۾ چاليندو ۽ واٽن تي ويهندو ٿي رهيو. سندس والد کيس ڳوٺ جي مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو، مگر مڪتب جي فضا کيس راس نہ آئي. هو مڪتب کان نڪري

حڪم ڏنائين، تہ هن نوجوان کي پير جي ڳوٺ درگاهہ تي وٺي وڃ. فريد ۽ فقير بيدل جي والد، پير صاحب جي حڪم جي تعميل ڪئي. هو فقير صاحب کي وٺي، پيرين پنڌ، پير جي ڳوٺ روانا ٿيا. ان زماني ۾ راشديہ درگاهہ جي سجادہ تي، ناميارو بزرگ پير حزب الله شاهہ سجادہ نشين هو. جڏهن پير صاحب جي خدمت ۾ بيدل فقير کي آندو ويو، تڏهن ڏسندي ئي پاڻ واکو ڪيائون: "هيءُ روهڙيءَ وارو 'بيدل' تہ نہ آندو آٿو؟" فريد ادب سان جواب ڏنو، تہ: "نہ سائين، هيءُ اسان جي ڳوٺ جو نينگر آهي ۽ سندس نالو بيدل آهي." پير صاحب اهو ٻڌي فرمايو، تہ: "ٺانءُ تہ سٺو آهي، پر سنڀاڻ جي دير اٿس." ننڍڙو بيدل، پوءِ سندس ارادتمندن ۾ داخل ٿي ويو. ڪجهہ وقت مرشد جي خدمت ۾ رهي، موٽي ڳوٺ آيو، جتي خاموشيءَ سان، رات ڏينهن ياد الاهيءَ ۾ گذاريندو رهيو. هاڻي سندس زندگي جڻ هڪ سالڪ جي سطح تي اچي ويئي. ماڻهن جون دليون ڏانهس ڇڪبيون ٿي رهيون. وقت گذرندو ويو ۽ محبت جي آگ، جا اڳ ڀڙڪا کائي اٿندي هئي، هاڻي نورانيت ۾ تبديل ٿي ويئي، جا هڪ صوفيءَ جي آخري منزل آهي. فراق جي منزل، وصال جي مقام ۾ بدلجي وئي:

محب مٺيءَ جي گهر آيو، ميندي سون اچي لايو.
سرتيون هار سينگار ڪري، سرهي سيج وڇايو.
جنهن تہ ڏني ڏک ڏور ٿيا، سرتيون ڪم ٿيو سجايو.
سير ڪستوري واسيا، پيرل پير اچي پايو.
اڳڻ "بيدي" جي عيد ٿي، پرينءَ پاڻ پسايو.

بيدل فقير سلوڪ جي منزلن کي ماڻيندو، هاڻي جوانيءَ جي سن کي اچي پهتو هو. محبت جو مچ اندر ۾ مچندو ٿي رهيو، پر ٻاهر سڪون ئي سڪون ٿي ڏٺو. سندس والدين مٿس زور آندو تہ هو شادي ڪري، پر فقير صاحب دنيائي ٻنڌڻ کان آزاد رهڻ ٿي گهريو. مٿس گهڻو زور آندائون، پر هو پنهنجي فيصلي تي اٽل هو. پيو چارو نہ ڏسي، سندس والد کيس مرشد کان امر ڪرايو. مرشد جي حڪم جي مڃتا ڪرڻ پيس، سندس شادي ٿي ويئي. جلد ئي سندس والدهہ وفات ڪري ويئي، ۽ ٿورو پوءِ سندس والد بہ راهہ رباني وٺي ويو. هاڻي گهر جو سڄو بار مٿائنس اچي پيو، جنهن کي فقير صاحب ڏاڍي سهڻائيءَ سان نڀايو. فقير صاحب کي شاديءَ کان پوءِ، ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون. سندس وڏي فرزند جو نالو عبدالحڪيم هو، جو ڪجهہ عرصو گذريو تہ وفات ڪري ويو آهي. سندس وچٽ پٽ محمد مقيم نہ رڳو لائق پٽ هو، پر پيءُ جو حال محرم ۽ دل جو دوست هو. هن ۾ ننڍپڻ کان ئي فقير صاحب وانگر مستيءَ جو جذبو سمايل هو، ان ڪري ماڻهو کيس "مست مقيم" جي نالي سان سڏيندا هئا. سندس مُک مان عجيب جلال پيو بکندو هو، وڏو محبتي جوان هوندو هو. اوچتو ئي للکهہ جوان ليٽي پيو.

جوانيءَ جو موت، سو بہ هڪ لائق فرزند جو، فقير صاحب ان صدمي کي نهايت صبر سان سٺو. جوان پٽ جي ياد ۾ سندس آخري مرثيو هو:

وَرَ لـڳـي ڪنديس وَسَ، لهنديس لعل لڪن سون.
انگ لکيو منهنجو اڳهين، آهُ ڪٿن سٽيـان مَسَ.
ووڙينديس وڻڪـار ۾، ڏيهہ ڏيندو مان کي ڏَسُ.
ڪاهيون ويندس ڪيچ ڏي، وٺي گورن جو آڏون ڪسُ.
ايندو پاروچو 'بيدل' چوي، پوندن ڪو شـال ترسُ.

سندس ننڍي فرزند جو نالو ميان عبدالڪريم آهي، جو هن وقت گادي نشين آهي.

بهرحال، هن صدمي فقير صاحب تي وڏو اثر ڪيو، تان جو دليوي زندگيءَ جو ماڻ بہ اچي پريو. بيماري ڪا خاص ڪانہ هئي. 12- آڪٽوبر 1939ع– 27- شعبان 1358 هجريءَ تي سندس روح جو بولبلڙ پڪي، جسماني پڃري کي ڇڏي، پنهنجي ابدي ۽ دائمي زندگيءَ جي مقام ڏانهن آڏري ويو. ڪنهن درويش سندس وفات جي تاريخ هن ريت لکي آهي:

"طلب المولي فقير صاحب تارڪ الدنيا"

فقير صاحب جي عقيدت مندي جي حلقي ۾ پري پري کان ماڻهو اچي اندر جي آسات آجهاڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا. ڏينهون ڏينهن اها رجوعات وڌندي رهي، وتس مذهب ۽ ملت جو ڪوبہ امتياز نہ هو، هندو ۽ مسلمان هڪ ئي رنگ ۾ رتا تي رهيا. ماستر ٽانورداس شڪارپوري، جو سندس در جو پاڻديٽڙو هو ۽ پاڻ چڱو شاعر بہ هو، فقير صاحب جي روحاني فيض جو هيئن تو ذڪر ڪري:

3- ڊسمبر 1929ع تي ڀائي ڪيلورام، چُونگن جو ماستر پمنداس، روهڙيءَ واري ڀائي ٽيئون رام جي هڪ ٻالڪ سان گڏجي، فقير صاحب جي درشن لاءِ سندس ڳوٺ ڏانهن وياسون. صبح جو سوير چوٽي شاخ تي پهتاسون، سيءُ ڳچ هو، آسمان تي جهڙ هو، پر فقير صاحب جي پريم ۾ ٿڌ جي ڪابہ پرواهہ نہ هئي. ڏهين بجي ڌاري فقير صاحب جي درگاهہ تي پهتاسون، عجيب رنگ لڳل هو. هڪ مريد سندس هيئيون ڪلام تي چيو:

يـار بـنـا ٻـيـو ڪـيـر، ڳهٽيون ڳهير تو ڳهائي.
وَنجڻ آڦرَب ويجهڙو، تنهن ۾ فرق نہ آهي قير،
هـنـدو سـومـن هيڪڙو، ناهي ويـري نڪو ويـر.
رڻ ڪـٿـوريءَ واسـيـا، سَرها ٿـيـا سڀ سـير.
اڱڻ 'بيدل' جي عيهہ تي، ڀـريـن پـاتـو آ ڀـيـر.

منصوري اها مام، عاشق ٻاجهون ٻيو ڪير سمجهي،
خيال خوديءَ جا عاشق ٽوڙن، مرڻ ڪنون سي منهن نه موڙن،
ڪسي تين قتلام.

ازل جي حسن جو نظريو، جيتوڻيڪ يونانين جي فلسفي جي روشنيءَ ۾ دنيا ۾ آيو، پر صوفين ۾ پهريون شخص، جنهن ازل جي حسن جي ڪيفيت ۽ شرح اسلامي تصوف ۾ آندي، اهو 'منصور' هو. محي الدين ابن العربي ان جي وڌيڪ تحقيق ڪئي. سندس نگاهه ۾ حسن جا ڪئي درجا تي سگهجن ٿا، پر سڀ جو بنياد اهو ئي حسن مطلق آهي. ابن العربي تصوف اندر وحدت الوجود ۽ هماوست جو پيغام ڏنو. انگلنڊ جي مشهور شاعر ڪيٽس جو قول آهي ته "هر حسين شيءِ ابدي خوشي آهي". ورڊسورٿ به اهڙيءَ ريت چيو آهي:

"آها روشني، جا زمين ۽ سمنڊ تي نه آهي، آها شاعر جي ذهن ۽ خوابن ۾ بيدار رهي ٿي".

شاهه ڀٽائي فرمائي ٿو:

وڃڻ تت ٻيو، جت هلڻ نا هم حسن ريءَ.

حسن ۽ عشق جي هن موضوع تي صوفي شاعرن جا بياض پريا پيا آهن. فقير بيدل به ساڳئي ميخاني جو رند آهي:

حسن هر جاءِ هاديءَ جو، نظر ۾ نور آيو سين.
جاڏي تاڏي ڏسان جاني، پسي سو پاڪ پيشاني.
ڀهري آيو پوش سلطاني، جنهن جي گهور گهايو سين.

هماوست جي دانا جي لاءِ حسن ازل اهو سرچشمو آهي، جو انساني قلب مان ڦٽي نڪري ٿو، جنهن جون شاخون، عشق ۽ آرزو آهن. پر ان چشمي تائين پهچڻ ڪا آسان ڳالهه نه آهي. عشق پنهنجي انتهائي قربانين سان ئي ان کي حاصل ڪري سگهي ٿو:

اوکو عشق اديون آفات آهي،
هيءَ راند رڻ مان ملهي ڪو ملهائي.

اهڙيءَ ريت فقير صاحب جي سموري ڪلام ۾ قلبي واردات جي فراواني جا واهڙ پيا وهن. سندس ڪلام ۾ اهي اشارا علمي نه آهن، پر عملي به آهن. سندس زندگيءَ جو هر پل ان قلبي واردات مان پئي گذريو، جنهن جو ذڪر اهو ئي صاحب دل ڪري سگهي ٿو. جو ان ۾ روحانيت جي مقامن ۽ منزلن ڪان گذريو هوندو.

فقير صاحب جي ڪلام جي پهرين خوبي ٻوليءَ جي سادگي آهي، جنهن کي نقاد سلاست سڏين ٿا. هو ڏيهاڙي جي زبان ۾ پنهنجي ڪلام کي ٻڌائي ٿو، ان ڪري سندس ڪلام لوڪ پسند بڻجي پوي ٿو.

# منهنجي لکڻ جو فن

## سمرسيٽ ماھم

نجم عباسي

### 1. ادب ۽ سياست

هيءَ نه منهنجي آتم ڪهاڻي آهي، ۽ نه منهنجي گذريل حياتيءَ جي واقعن جو بيان. مون پنهنجي لکڻين ۾ انهن حادثن ۽ حقيقتن کان ڪم ورتو آهي، جي سچ پچ مون تي ٿي گذريون آهن. ڪڏهن زندگيءَ جي ڪنهن تجربي کي مرڪزي خيال بڻائي، ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون اٿم. ڪڏهن ڪن ماڻهن کي، جن سان منهنجو ٿورو يا گهڻو واسطو پيو آهي، تن کي پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار بڻايو اٿم؛ منهنجي فن ۾ حقيقت ۽ خيالي ڳالهيون اهڙي نموني گڏيل سڏيل آهن، جو اڄ اهي پڙهڻ سان اهو پروڙڻ مشڪل ٿيو پوي، ته ڪهڙي حقيقت هئي ۽ ڪهڙي ڪهاڻي. منهنجي حياتي ڏاڍي رنگين ۽ دلچسپ رهي آهي، پر جوکن ۽ جانبازين کان خالي. منهنجو حافظو ڏاڍو خراب آهي. ڪابه سٺي آکاڻي ايستائين ياد نه ايندي اٿم جيستائين اها وري نه ٻڌان؛ ۽ اها وري ٻئي کي ٻڌائڻ کان اڳ ئي وساري ويهندو آهيان. مان پنهنجا چرچا به ياد ڪري ڪونه سگهندو آهيان، ان ڪري هر دفعي نوان چرچا ٺاهڻا پوندا اٿم. انهيءَ وڏ- ڪري مان ڪچهريءَ جو ڪوڏيو بڻجي نه سگهيو آهيان.

مون ڪڏهن به روزنامچو نه رکيو آهي، پر دل چاهي ٿي ته جنهن زماني ۾ مون ناٽڪ نويس جي حيثيت ۾ پهرين ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، ان زماني ۾ جيڪر ڊائري لکان ها. ان وقت منهنجي وڏن ماڻهن ۽ مشهور هستين سان ملاقات ٿي ۽ انهن ملاقاتن جو بيان هوند هڪ دلچسپ دستاويز بڻجي پوي ها. اميرن ۽ جاگيردارن ڏکڻ آفريڪا ۾ جو ڪجهه گند ڪيو هو، ان ڪري ماڻهن جو منجهن ڀروسو پور پور ٿي چڪو هو. پر اميرن ۽ جاگيردارن کي اڃا ان ڳالهه جو احساس نه ٿيو هو ۽ هنن ۾ اڳين خوداعتمادي هينئر به موجود هئي. ڪن هنڌن تي مون ڏٺو ته هنن ائين پئي ڳالهايو، ڄڻ ته انگريزي شهنشاهيت هلائڻ هنن جو شخصي معاملو هو. چونڊن جي زماني ۾ هو اول ئي پنهنجي لاءِ سفيريءَ ۽ وزيريءَ جا عهدا مقرر ڪري ڇڏيندا هئا. ان وقت جي ناولن پڙهڻ سان پتو پئجي سگهي ٿو، ته مٿين طبقي وارن جي من ورتي ڪهڙي هئي؟ ناول نويسن جي ذهن ۾ اهائي ڳالهه ويٺل هئي ته هنن کي صرف اميرن، سرمايدارن ۽ جاگيردارن بابت لکڻو آهي. پيا ته ڇڏيو پر اهڙا ليکڪ جن ڪڏهن ڪو امير يا جاگيردار ڏٺو به ڪونه هو ۽ نه هن سان ڪو واسطو پيو هون، سي به ان طبقي جي

باري ۾ لکڻ لازمي سمجهندا هئا. ناٽڪن ۾ به اميرانا قصا هوندا هئا. ناٽڪن جي مالڪن ۽ ۽ خود ويسڌارين جو به اهو خيال هو ته اوچي طبقي جون ڪهاڻيون ڪُٽ خلق کي پسند آهن. پر جيئن جيئن اميرشاهيءَ جي سياسي اهميت گهٽبي ويئي، تيئن تيئن عام جنتا جو هنن جي ڇهڇٽن ۾ چاهه به جهڪو ٿيڻ لڳو. هاڻي تماشبين پنهنجي طبقي وارا ڪردار پسند ڪرڻ لڳا هئا. هنن ناٽڪي ٿلهي (Stage) تي به واپارين ۽ هنر وارن جا قصا ڏسڻ ٿي چاهيا، ڇو ته هنن جو پنهنجي عام زندگيءَ ۾ انهن ماڻهن سان ئي گهڻو واسطو پوندو هو. ضرورت ڪان سواءِ مٿين طبقي جي ڪردار کي اُٿڻ بُري نظر سان ٿي ڏٺو ويو.

پر اهڙا هيٺين طبقي وارن لاءِ عام خلق ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ ناممڪن هو. جن به ناٽڪن ۽ ناولن ۾ انهن جو ذڪر ٿي آيو، انهن کي نيچ سمجهيو ٿي ويو.

هاڻي جڏهن عوام سياسي طاقت حاصل ڪري چڪو آهي تڏهن هو پنهنجي زندگين ۾ اوتروئي چاهه وٺي ٿو، جيترو اڳ هو اوچي طبقي وارن ۾ وٺندو هو.

ان عرصي ۾ مان اهڙن ماڻهن سان مليس جن پنهنجي ماڻ مرتبي، شان شوڪت ۽ شهرت ڪري سمجهيو ٿي ته هو اڳتي هلي نامور تاريخي شخصيتون بڻبا؛ پر مون جهڙو هنن کي ذهين سمجهيو هو، تهڙو ذهين ثابت ڪونه ٿيا. انگريز هڪ سياسي قوم آهي. مون کي گهڻو ڪري اهڙن گهرانن ۾ دعوت ملندي هئي، جن جو لاڳاپو سياسي حڪمران طبقي سان هو. مون هنن ملڪي مدبرن ۾ ڪابه غيرمعمولي قابليت ڪانه ڏٺي. ان مان انومان ڪيم، جو ممڪن آهي ته منهنجو اپهرو انومان هجي، ته قوم تي حڪومت ڪرڻ لاءِ ڪنهن خاص قابليت جي ضرورت ڪانهي. ان ڪان پوءِ مون دنيا جي جدا جدا ملڪن جي سياستدانن کي جاچيو آهي، جي وڏن عهدن تائين پهتا آهن. هن جو رواجي دماغ ڏسي مان سدائين منجهي پوندو آهيان. هنن کي زندگيءَ جي معمولي مسئلن جو به پورو پتو ڪونه هوندو آهي. مون کي هنن ۾ نه تيز فهمي نظر آئي ۽ نه ويچار شڪتي. هڪ وقت مون کي خيال آيو ته هنن کي هي اوچو مرتبو زبان جي جادوءَ ڪري حاصل ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ جمهوري ۽ سجاڳ قوم جي ماڻهن جي دلين کي فتح ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، ته هنن جي ڪنن تائين اثرائتو آواز پهچايو وڃي. اهو به ظاهر آهي، ته جنهن شخص وٽ تقرير ڪرڻ جي قابليت آهي، سو ويچار شڪتيءَ کان به خالي نه هوندو آهي؛ پر جيئن ته مون اهڙا سياستدان به ڏٺا جي منهنجي نگاهه ۾ ذهين ڪونه هئا؛ پر اهي عوامي معاملن کي ڏاڍو ڪاميابيءَ سان نبائيندا هئا، تڏهن مون کي احساس ٿيو ته مان ئي غلط هوس. ائين هجي ته قوم تي حڪومت هلائڻ لاءِ اهڙي ذات جي ضرورت آهي، جنهن جو انسان جي عام قابليت سان واسطو ڪونهي.

ان ريت مون پيا به اهڙا ماڻهو ڏٺا آهن جي پنهنجي ڌنڌي ۾ ڪاميابيءَ جي آسمان تي پهتا هوندا، ۽ لکين رپيا ڪمايا هوندائون، پر ڪنهن ٻئي ڌنڌي ۾ يا زندگيءَ جي عام مسئلن ۾، هو بلڪل ڏڏ نظر ايندا. منجهن رواجي عقل به موجود نه هوندو آهي.

هنن راڄنيتي مدبرن جي گفتگوءَ ۾ بہ هوشياري نظر ڪانہ ايندي. هنن ڪابہ ڳالهہ اهڙي ڪانہ ٿي چئي جا دماغ ۾ ڇهنڊڙيون پائي، ستل خيال سجاڳ ڪري يا نون خيالن کي جنم ڏئي. سندس گفتگو اپاتري ۽ منافقت سان پريل هئي، پر ڳالهائين ڪلمڪ ڍنگ ۾ پيا. گنڀير موضوعن کي بحث هيٺ ڪونہ ٿي آندو ويو، ڇو تہ ڪين خوف هو، تہ بسندن دڪانداريءَ جا ڳجهہ ڳالهين ۾ پين ڪي نہ معلوم ٿي وڃن.

گهڻو ڪري هڪبئي سان شاناٽتو ڪل پوڳ ٿي ڪندا هئا. انهن مان ڪن جي حاضرجوابي واقعي وري وري پڌائڻ جهڙي هوندي هئي.

سندن ڪچهريءَ ۾ ائين محسوس ٿيندو هو، تہ تهذيب جو مطلب اهوئي آهي تہ سٺاهين درجي جي پوڪپائيءَ کي ڳالهہ پولهہ جو موضوع بڻايو وڃي.

## 2- ناموَر ۽ گمنام انسان

ناموَر هستين سان ملڻ لاءِ ماڻهن جو جنون ڏسي، مون کي ڏاڍو اچرج لڳندو آهي. هو پنهنجن دوستن کي اهو پڌائڻ ۾ فخر ٿا سمجهن، تہ هو فلاڻي وڏي ماڻهوءَ سان ملي چڪا آهن. ان سان ثابت ٿو ٿئي، تہ هو پنهنجو پاڻ کي تمام هيچ ٿا سمجهن.

ناموَر شخص، اهڙن ملندڙن سان منهن ڏيڻ لاءِ، هڪ خاص قسم جو ڍنگ اختيار ڪرڻ سکي ويندا آهن. هو دنيا جي سامهون منافقت جو نقاب پهري ايندا آهن، جيئن سندن اصليت لڪل رهي. ماڻهو جنهن نموني ۾ هنن کي ڏسڻ جي اميد رکن ٿا، هو بہ اهڙوئي ڍونگ رچائين ٿا، ۽ تجربي سان هو ان ڍونگ جا ماهر بڻجي وڃن ٿا، پر توهان جي اها احمقائي آهي، جو توهين انهيءَ ظاهري ڪردار سان سندن اصلي شخصيت کي پرکڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا.

مون کي ڪن شخصن سان بيحد گهرو لڳاءُ رهيو آهي: پر هنن سان منهنجي دلچسپي سندن شخصيت جي وڏائيءَ ڪري نہ، پر پنهنجي ڪم ڪري رهي آهي. مون هر انسان کي اهڙو مواد سمجهي جاچيو آهي، جو مون کي ليکڪ جي حيثيت ۾ ڪتب اچي سگهي. مون کي مشهور ماڻهن کان وڌيڪ گمنام انسانن جي ڳولا رهي آهي. هو هميشهہ اصلي حالت ۾ هوندا آهن. دنيا تي اثر وجهڻ لاءِ ڪين نہ ڍونگ رچائڻ جي ضرورت پوندي آهي، ۽ نہ منافقت ڪرڻ جي. پنهنجي دائري اندر رهندي، فطري نموني هنن جو سڀاءُ نهندو رهي ٿو. جيئن تہ هو عام خلق لاءِ اهم نہ آهن، عام خلق جي نگاهہ ۾ بہ نہ آهن، ان ڪري هنن کي ڪابہ ڳالهہ لڪائڻ جي ضرورت ئي ڪانہ ٿي پوي. هو پنهنجون وڏون بہ ظاهر ڪيو ڏين، ڇو تہ هنن کي اهو احساس ئي ڪونہ هوندو آهي تہ هو ڪي گهٽ آهن.

عام انسان ئي اسان ليکڪن واسطي اهميت رکن ٿا، انهن بابت ئي اسان کي لکڻو آهي. اسان جي نقطي نگاهہ کان بادشاهہ، ڊڪٽيٽر ۽ لکاپتي سرمايي دار خاطرخواهہ ڪردار نہ آهن، ۽ نہ مقبول موضوع. ڪن ليکڪن اهڙن ماڻهن بابت لکڻ جو جوکو کنيو، پر هنن کي جيڪا

ناڪاميابي نصيب ٿي آهي، ان مان صاف ثابت آهي ته اهڙن وڏن ماڻهن ڪي فن جو موضوع بڻائڻ ٺيڪ ڪونهي. ادب ۾ سندن ڪردار اصلي نه، پر نقلي لڳندو.

هڪ "رواجي انسان" ئي ليکڪ لاءِ پلي زمين آهي. هن ۾ طرح طرح جا روپ آهن، هن ۾ قسمين قسمين عادتون آهن، هن ۾ نت نواڻ آهي، هن ۾ پُراسراريت آهي، هن جون دلچسپيون عجيب غريب آهن، هن جا مشغلا مزيدار آهن، جنري رهڻ لاءِ ڪيس قدم قدم تي جفاڪشي ڪرڻي پوي ٿي. هو اسان اديبن لاءِ اڻ کٽ خزانو آهي، هو اسان واسطي بهترين مواد پيش ڪري ٿو. هرهڪ رواجي انسان ۾ نيون نيون ڳالهيون ملنديون: پر وڏا ماڻهو چڻ ته سڀئي هڪ سانچي مان نڪتل آهن، منجهن ايتري هيٺاهين مٿاهين ۽ لهرون لوڏا ڪونه هوندا آهن.

مان وڏي وزير سان گڏ رهڻ کان، هڪ وارياسي پٽ ۾ جانورن جي ڊاڪٽر سان گڏ گذارڻ کي وڌيڪ پسند ڪندس.

## 3- منهنجا خيال

زندگيءَ ۾ جي مسئلا منهنجي دلچسپيءَ جو مرڪز رهيا آهن، تن تي پنهنجي خيالن جي مان هن ڪتاب ۾ چنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس: پر جن نتيجن تي مان پهتو آهيان، سي منهنجي دل اندر ائين پئي لُڙهيا آهن، جيئن پڏل جهاز جا تختا طوفاني سمنڊ ۾ لڙهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن خيال آيو اٿم، ته جي مان انهن خيالن کي سهڻي سلسليوار ۽ سٽاءُ سان وٺي لکان، ته شايد مختلف خيالن جون ڪڙيون پاڻ ۾ ملائي، انهن کي وڌيڪ سمجهي سگهان. ڪيترائي ڀيرا ارادو به ڪيو اٿم، خاص ڪري وڏين مسافرين تي وڃڻ وقت، ته مون کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي. موقعو به مناسب هوندو آهي: پر ان وقت مون ڏٺو آهي، ته منهنجي دماغ ۾ خيالن جو ايڏو هجوم هوندو آهي، ايتريون ته عجيب چيزون ڏٺيون اٿم، دماغ ۾ طوفان پيدا ڪندڙ ايترن انسانن سان مليو آهيان، جو اهي سڀ ڳالهيون ڪنهن سٽاءُ سان لکڻ، اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي.

مون پنهنجا خيال، پنهنجي ناولن جا ڪردار بڻائي ظاهر پئي ڪيا آهن. ان طرح پنهنجا خيال بيان ڪرڻ تي مان اهڙو ته هري ويو آهيان، جو منهنجي لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ تہ آسان آهي، ته منهنجا تخليق ڪيل ڪردار ڇا ٿا سوچين: پر اهو فيصلو ڪرڻ تہ مان پاڻ ڇا ٿو سوچيان، سو مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. پهرين ڳالهه ته منهنجي لاءِ سدائين خوشيءَ جو باعث بڻي رهي آهي، پر ٻي ڳالهه مون واسطي اهڙو بوجو ٿيو پوي، جنهن کان هميشه جند ڇڏائيندو رهيو آهيان - پر هاڻي مان ان چيز کي وڌيڪ ترسائي نہ ٿو سگهان.

جوانيءَ جي بيفڪريءَ ۾ وقت گذرڻ جو احساس ئي ڪونہ ٿو ٿئي. وچينءَ عمر ۾ به ماڻهو سياڻي تي ڪم رکڻ واري سستي ڪري ٿو: پر نيٺ اهڙو وقت اچي ٿو، جو ڪيس موت ويجهو ڏسجي ٿو. هيتان هُتان ساٿين ۽ همعصرن جي وفات جون خبرون اچڻ لڳن ٿيون. ان ڪري به

زندگيءَ جو ڪو ذڪر نہ ڪيو آهي. مان پڙهندڙن کي ايتري قدر پنهنجو رازدار بڻائڻ نہ ٿو چاهيان. ڪن ڳالهين ۾ پنهنجي خلوت ۾ مان ڪنهن ٻئي کي ڀاڱي ڀائيوار بڻائڻ نہ ٿو پسند ڪريان، ڇو تہ ڪوبہ انسان پنهنجو پاڻ بابت سو سيڪڙو سچ ڳالهائي نہ ٿو سگهي.

جن پاڻ بابت سچي سچ ٻڌائڻ جو ارادو ڪيو آهي، تن کي صرف هٺَ ائين ڪرڻ کان نہ روڪيو آهي. خود غرضي بہ ان جو ڪارڻ آهي. ٽيون ڪارڻ آهي هنن جي پنهنجي پاڻ سان ناڪامي: اهو ان طرح تہ هو اهڙا ڪم بہ ڪري وهندا آهن، جن کي هو پُٺا ڪم سمجهندا آهن. هر انسان جي ڇوٽيءَ ۽ ڪرٽيءَ ۾ فرق ٿيندو آهي.

ڪن شخصن کي وري پنهنجي اوڻن لکڻ جو اهڙو خيال اچي وهندو آهي، جو هو پنهنجا گڻ غيراهم سمجهي لکندا ئي ڪونہ آهن. نتيجي ۾ سندن شخصيت بيءاصول، ڪوڪلي ۽ ڪمزور محسوس ٿيندي آهي.

## 5- ٻين جا رايا

ڪي خيال منهنجي ذهن ۾ هلچل مچائيندا رهيا آهن. انهن خيالن کان ذهن کي صاف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ مان هيءُ ڪتاب لکان. مون کي استادي ڪرڻ يا ليڪچر ڏيڻ جو شوق اصل ڪونهي. دماغ ۾ ڪو نئون خيال پيدا ٿيندو اٿم، تہ اهو ٻين تائين پهچائڻ لاءِ مان بيتاب ڪونہ ٿي ويندو آهيان. جيڪڏهن ٻيا منهنجا همخيال بڻبا آهن تہ مان ڦونڊ ۾ پرجي ڪونہ ويندو آهيان. منهنجا خيال صحيح هوندا آهن. ٻيا جي انهن سان اختلاف ڪن ٿا تہ هو غلط آهن. پر مون کي هنن جي ان غلطيءَ تي ڪاوڙ ڪونہ ايندي آهي. نہ مون کي ان ڳالھ جي ڳڻتي ٿيندي آهي، تہ ڪو منهنجي راءِ اڪريت جي ابتڙ آهي. مون کي پنهنجي اندروني طاقتن ۾ پورو پورو ڀروسو هوندو آهي.

مون کي ائين لکڻ گهرجي جڻ تہ مان وڏي اهم شخصيت آهيان، ۽ سچ پڇ تہ مان اهم آهيان بہ، پر پاڻ واسطي. مان پنهنجي لاءِ دنيا جو اهم‌ترين شخص آهيان. جيتوڻيڪ مان اهو ڪونہ ٿو وساريان تہ هن اٿاهہ دنيا ۾ منهنجي حيثيت ئي ڪهڙي آهي، ۽ جي مان پيدا ئي نہ ٿيان ها تہ ان ۾ ڪهڙو فرق پوي ها!

مان پنهنجي لکڻين کي وقتي اهميت ضرور ڏيان ٿو. مان سمجهان ٿو تہ گهڻير ليکڪ ڪڏهن بہ اهو ڪونہ سوچيندا آهن، تہ سندن تحريرن جي سندن موت کان پوءِ ڪهڙي گت ٿيندي. ليکڪ لاءِ اهو خيال بہ ڏاڍو خوش ڪندڙ آهي، تہ ڪجھ نسل سندس ڪتاب کي دلچسپيءَ سان پڙهندا ۽ ملڪ جي ادبي تاريخ ۾ هن جو نالو بہ شامل ڪيو ويندو. مون کي تہ ايتري مقبوليت حاصل ٿيڻ ۾ بہ شڪ آهي. ڇو تہ مون پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي اهڙا اديب ڏٺا آهن، جن مون کان وڌيڪ ادبي دنيا ۾ ٿرٿلو مچايو هو: پر اڄ هو ڪنهن کي بہ ياد ڪونہ آهن.

جڏهن مان ننڍو هوس تڏهن جارج ميريڊٿ (George Meredith) ۽ ٿامس هارڊي (Thomas Hardy) جا ڪتاب ڏاڍي شوق سان پڙهيا ويندا هئا: پر اڄڪلھ جي نئين ٽهيءَ

اما جي مرڻ کان پوءِ هن جي نوڪريائيءَ مون کي پاليو. ان کان اڳ منهنجي سنپال فرينچ داين جي حوالي هئي. ان ڪري مان فرينچ ۽ انگريزي گاڏڙ ساڏڙ ڳالهائيندو هوس. بابو سٺي سڀاءَ وارو انسان هو، اونهاري ۾ رهڻ واسطي جڳهه جوڙايائين. هي گهر ٻهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي هو ۽ وڻندڙ نظارن جي وچ ۾. ٻري کان پئرس نظر ايندو هو، پرسان ندي ٿي وهي، جنهن جي ڪناري تي هڪ سهڻو ڳوٺ هو. گهر ڏاڍو عمدي سامان سان سينگاريل هو. ان ۾ ٻين ملڪن مان آندل قديم شيون به رکيل هيون. انهن ۾ بدنظر کان بچڻ لاءِ هڪ نشان به هو، جو هن ڪتاب جي پوش تي ڇپيل آهي.

## 8- لکڻ سکڻ

مون کي فرينچ اسڪول مان ڪڍي، انگريزي سکڻ لاءِ هڪ پادريءَ وٽ ڇڏيو ويو. هن جو مون کي انگريزي سيکارڻ جو طريقو اهو هو، جو هو مون کي اخبار مان ماراماري رتوڇاڻ واريون دلچسپ خبرون پڙهي ٻڌائڻ لاءِ چوندو هو. پوءِ مان اسڪول ۾ داخل ٿيس. اتي ڪلاس ۾ شاگرد منهنجي انگريزي لفظن جي اچارن تي وڏا ٽهڪ ڏئي کلندا هئا.

مون کي اسڪول ۾ تہ صحيح نموني جملا لکڻ جي هدايت ڪنهن ڪانہ ڪئي، پر زندگيءَ ۾ مون بہ پيرا انگريزيءَ جو سبق حاصل ڪيو آهي: پر اهو سبق ايترو دير سان حاصل ٿيا اٿم، جو شايد مان ان مان فائدو وٺي نہ سگهان.

پهريون سبق ڪجهہ سال اڳ مليم. مان لنڊن ۾ ڪجهہ وقت ترسيل هوس. هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي پنهنجو سيڪريٽري مقرر ڪيو هوم. هوءَ لڄاري ۽ سوچاري هئي، ۽ هڪ پرڻيل شخص سان عشقبازي پئي ڪيائين. مان هڪ ڇنڇر تي هن کي پنهنجي ڪتاب Cakes and Ale جو ٽائيپ ٿيل مسودو ڏنو، تہ آچر ڏينهن پنهنجي گهر ۾ ان کي درست ڪري اچي. منهنجو مطلب هو تہ Typist جي هجي ۾ غلطيون ڪيون هجن، تہ انهن جي هجي صحيح ڪري لکي، پر هن منهنجي چوڻ جو مطلب ٻيو ڪڍيو. سومر ڏينهن صبح جو جڏهن هوءَ آئي تہ مسودي سان گڏ درستين جا اٺ وڏا صفحا بہ ڳنڍيل هئا. پهرين تہ ٿوري چڙ آيم، پر پوءِ خيال آيم تہ ممڪن آهي تہ ڇوڪريءَ جيڪا محنت ڪئي آهي ان مان، مان ڪو فائدو وٺي سگهان. ويهي اهي درستيون پڙهيم. مان سمجهان ٿو تہ هن ڪنهن ڪاليج ۾ باقاعدي انگريزيءَ جي تعليم حاصل ڪئي هئي، ۽ گرامر کي ڏيان ۾ رکي منهنجون غلطيون ڪڍيون هئائين، جئن سنڌس پروفيسرن هن جي مضمون مان چڪون ڪڍيون هونديون.

هن ڇوڪريءَ جو خيال هو تہ هڪ ئي صفحي تي ساڳيو لفظ ٻہ دفعا استعمال نہ ڪيو وڃي. ان ڪري هر اهڙي لفظ لاءِ ٻيو هم معنيٰ لفظ ڏنو هئائين. منهنجا ڪي جملا ڏهن-ڏهن قطارن ۾ لکيل هئا. انهن لاءِ لکيو هئائين، تہ انهن کي ڀڃي ننڍا ننڍا جملا لکڻ گهرجن. ڪٿي مون اڌ دم ڏنو هو، تہ ان لاءِ لکيو هئائين، پورو دم هڻڻ جڳائي. ڪٿي مون ٻيهڪ جي

جنهن تي هو سستيءَ سببان، يا نااهليت ڪري وڌيڪ ويچاري ڪونہ سگهندو آهي. ان ڪري اهو خيال هو خود بہ صاف طرح سُلجهائي ڪونہ سگهندو آهي. ظاهر آهي اهڙيءَ حالت ۾ هو پنهنجو اهو خيال صحيح ۽ چڱي نموني ڪيئن پيش ڪري سگهندو!

گهڻا ليکڪ لکڻ کان اڳ نہ، پر لکڻ وقت سوچيندا آهن. قلم مان ٿي هنن جا خيال اُڀرن ٿا. ڪوبہ هڪ پيرو پٺي تي اچي وڃي ٿو، تہ پوءِ ان ۾ ڦيرڦار ڪرڻ ڏکيو ٿيو پوي. لکيل لفظن ۾ جادو ٿيندو آهي. لکندڙ ان ۾ عجيب چِڪ ۽ خوشي محسوس ڪندو آهي.

ڪي اديب وري سوچيندا آهن، تہ ”اسين ڪو جهڙا تهڙا ليکڪ تہ ڪونہ آهيون، جو اسان جي لکڻي هرڪو ڪوري موچي سولائيءَ سان سمجهي وڃي.“ جيتوڻيڪ سچ اهو آهي، تہ وڏَ سندن دماغ ۾ ٿي هوندي آهي، جو هو پنهنجن خيالن جي بہ چِٽِي تصوير چٽي ڪونہ سگهندا آهن. بيوقوف انسان ٿي لفظن ۾ ظاهري ۽ باطني معنا الڳ ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

## 12- سادگي

سادگي، چٽائيءَ وانگر پڌرو ڳڻ نہ آهي. جيئن تہ مون وٽ لفظن جي ذخيري جي اثاث آهي، ان ڪري سادگيءَ وارو ڳڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو رهيو آهيان. جن وٽ لفظن جي گهڻائي ۽ سونهن آهي، تن ڪي ساراهڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي. هنن جا چونڊ چونڊ لفظ استعمال ڪرڻ ائين ٿا لڳن، جيئن لڙيءَ ۾ موتي پوئجن. انهن جي پڙهڻ سان ڪنن کي موسيقيءَ وارو مزو ملندو آهي؛ پر انهن جو اثر دماغ کان وڌيڪ موجي حواسن تي پوي ٿو. لفظن جي موسيقيت ۾ ڪر ٿي وڃڻ ڪري، ماڻهو انهن جي معنا ۽ مطلب طرف گهٽ ڌيان ڏئي ٿو؛ پر لفظ بہ تکا تير آهن، انهن جو وجود انهن جي معنا ڪري آهي، جيڪڏهن معنا طرف ڌيان ڏنو نہ ويو، تہ لفظن جو هئڻ بيڪار ٿي ويندو.

خسيس خيالن کي لکڻ لاءِ سهڻن لفظن جو لباس نہ ٿو سونهي.

هرڪو ليکڪ لفظن جي ذخيري سان مالامال ٿي نہ ٿو سگهي، پر هو پنهنجي جفاڪشي ۽ جاکوڙ سان پنهنجي تحريرن ۾ سادگي پيدا ڪري سگهي ٿو.

منجهيل دماغ وارو منجهيل نموني لکندو، پورالو اديب پورالي نموني لکندو، تيزفهم اديب جي دماغ ۾ لکڻ وقت ايترا تہ خيال اچي ڪٺا ٿيندا آهن جو، جي هن ضابطي سان نہ لکيو تہ سندس ساري لکڻي مثالن ۽ تشبيهن سان پُرجي ويندي.

## 13- اُچارن جي سهڻائي ۽ سولائي

لفظ اهڙا ڪتب آڻجن، جن جو آواز ڪنن لاءِ وڻندڙ هجي. گهڻا ليکڪ توڙي پڙهندڙ ان ذوق کان خالي هوندا آهن.

شاعر حرف تجنيس (Alliteration) ڏاڍي ڪتب آڻيندا آهن؛ پر منهنجي خيال ۾ نثر ۾ ان جو استعمال سٺو نہ ٿو لڳي.

لفظن کي وزن آهي، آواز آهي ۽ صورت آهي. جڏهن لفظن جون اهي ڳالهيون ڳڻي کڻي ٿيون، تڏهن ئي اهو جملو ڏسڻ ۾ وڻندو ۽ پڙهڻ ۾ مزو ڏيندو.

انگريزي نثر جا ڪيترائي ڪتاب پڙهيا اٿم، پر انهن مان ڪو لاڀ حاصل ڪري ڪونه سگهيو آهيان، ڇو ته مصنفن پنهنجو مطلب چٽيءَ طرح بيان نه ڪيو هو.

Fowler's Dictionary of Modern English Usage هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن مان هرڪو گهڻو ڪجهه سکي سگهي ٿو. هن جي لکڻيءَ ۾ سادگي ۽ چٽائي آهي. هن ڏاڍا موزون اصطلاح ۽ محاورا استعمال ڪيا آهن، پر هن لفظن جي آواز طرف ذرو به توجهه ڪونه ڏنو آهي. اهي ڪڏهن ڪڏهن ڪنن تي بوجو محسوس ٿين ٿا.

لکڻ ۾ گرامر جو خيال رکڻ بيحد لازمي آهي: پر گرامر کي ڇهڻي پوڻ سان لکڻيءَ ۾ مزو نه رهندو. مان اُنين نه لکندو آهيان، جيئن لکڻ چاهيندو آهيان، پر اُئين لکندو آهيان، جيئن لکي سگهندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن مون کي هڪ صفحي، هڪ جملي يا هڪ لفظ لکڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ مٿو مارڻو پوندو آهي.

فرينچ ليکڪا ڪاليٽ (Collette) جا ڪتاب پڙهي مان سمجهندو هوس، ته هن جي لکڻي اهڙي سياويڪ آهي، جو هن کي لکڻ ۾ نه محنت ڪرڻي پوندي هوندي ۽ نه وقت ضايع ٿيندو هوندو: پر مون کي ڪانئس اهو ٻڌي اچرج لڳو، ته هن کي هرچيز ڪيترائي ڀيرا وري وري لکڻي پوندي هئي، ۽ هڪ صفحي لکڻ ۾ پورو ڏينهن خرچ ٿي ويندو هو.

## 14- هر دور جي ٻولي

مون ٻڌو آهي ته اناطول فرانس (Anatole France) سترهين صديءَ جي جن ليکڪن جو مداح هو، انهن جي لفظن ۽ لکڻيءَ جي طرز جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. شايد ان ڪري ئي هن جي سهڻي ۽ سليس فرينچ ۾ اثر گهٽ آهي.

ٻولي ڪٿي سادي هجي، پر جي اها خاص انداز ۾ نه لکي ويندي ته ان ۾ زور نه رهندو. هر دور ۾ لکڻ جو انداز الڳ ٿيندو آهي، ۽ ان دور جي مروج انداز ۾ ئي لکڻ گهرجي. ٻولي هڪ جيئري وٿ آهي ۽ هميشه ڦرندي گهرندي رهي ٿي. تمام گهڻو اڳ ٿي گذريل مصنفن جي نموني ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪري، لکڻيءَ ۾ تصنع پيدا ٿي پوي ٿو. مان کي اهڙا لفظ يا اصطلاح استعمال ڪرڻ ڪان نه هٻڪندس، جي ظاهري طرح بازاري ۽ هلڪا هجن: پر جن ذريعي مان پنهنجو مطلب چٽائيءَ سان بيان ڪري سگهان ٿو، ۽ پڙهندڙ کي حقيقتن سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي.

جيڪڏهن لکڻ جو طريقو سٺو آهي، ته پوءِ ان ۾ نوان لفظ ۽ چالو اصطلاح برا نه لڳندا. مان نازڪ خياليءَ کان وڌيڪ رواجي ڳالهيون لکڻ پسند ٿو ڪريان. نيٺ به ته زندگي رواجي ڳالهين سان ڀريل آهي ۽ اديب جو واسطو زندگيءَ سان آهي.

● مهراڻ جي ايڊيٽر کي اجرت به ملي ٿي ۽ اها ادبي بزرگي ۽ اهميت به ملي ٿي، جنهن جو هو پاڻ کي اهل ثابت ڪري ٿو. جيئن جناب جويي ۽ جناب گراميءَ جي حالت ۾ ٿيو آهي.

● سنڌي زبان ۾ فقط ٻه اهڙا رسالا نڪرن ٿا، جن جو سڄو خرچ سرڪاري گرانٽن يا بجيٽن مان پورو ڪيو ٿو وڃي ۽ مهراڻ ٻه اهڙوئي هڪ رسالو آهي.

● نئين زندگيءَ جي موجودگيءَ ۾ مهراڻ جو مطلب آهي بهتر ڪارڪردگي، حسن ڪرداري، وسيع تر مقصدن جي پوئواري، وڌيڪ ادبي شرڪت، بهتر ادبي خدمت، بهتر اهليت، وڏي ادبي عظمت ۽ 'سنڌ شناسي'.

● ادبي بورڊ ۾ آهو جذبو ڪارفرما رهيو آهي، جنهن ۾ اهليت ۽ بي‌لوث خدمت کي باقي سڀني ڳالهين تي فوقيت حاصل رهي آهي ۽ جيئن توهان کي معلوم آهي، سنڌي زبان جي ترقيءَ ۾ انهيءَ جذبي جو وڏو هٿ آهي، جيڪو مهراڻ ۽ ادبي بورڊ جي معرفت ڪارفرما آهي (ڪن حالتن ۾ هن جذبي تي حرف به آيو آهي).

● هن دور ۾ مهراڻ کي اڙدوءَ، انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جي ٻين رسالن جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي نه رڳو زنده، پر سدا سلامت ۽ تازو توانو به رکيو آهي.

● توهان کان اها ڳالهه به ڳجهي ناهي، ته اسان جي ملڪ ۾ خودمختار علمي ۽ ادبي ادارن جو وڏو بحران رڳو هڪڙي شيءِ جي موجودگيءَ جي سببان آهي ۽ آها شيءِ آهي "نااهليت". نااهليت ڪا جسماني بيماري نه آهي. نااهل ماڻهو مست مگن رهي ٿو، مڇون مروٽيندو ۽ سينڊ تي سارئي ڳائيندو وتندو آهي. نااهل ماڻهو 'گورو' ۽ 'وزندار' هوندو آهي. هُن جا هٿ "ڊگها" به هوندا آهن ۽ پاڻ به قد کان بي‌نياز، پر هوندڻ سماجي طور تي "قداور" هوندو آهي. ڪٿي هو "قداور" اديب آهي، ته ڪٿي بااثر آفيسر ۽ اختيار جو صاحب ته ڪٿي هلنديءَ پڄنديءَ وارو مڙس امير. نااهليت هڪ سماجي بيماري آهي، جا سفارش ڪرڻ سان پکڙجي ٿي، گلم تي بندوقن چوڙڻ سان وڌي ٿي ۽ پوءِ سياسي حڪمت عمليءَ جو هڪ جزو بڻجي ٿي وڃي ۽ "ٿڌي ظلم" (Cold injustice) جي ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ٿي ڪري. اِهائي آها بيماري آهي، جا اڄڪلهه اسان جي انهن ادارن ۾ به پڄي وئي آهي، جن جو نالو لفظ "سنڌ" يا "سنڌي" سان شروع ٿئي ٿو. ان بيماريءَ انهيءَ پوري ۽ ڪوڙي تقدس سان قوت حاصل ڪئي آهي، جيڪو نااهليت کي اپارڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جو هڪ اهم وسيلو رهيو آهي. ادارا بورڊن لڳائڻ ۽ جاين ۽ عمارتن اڏائڻ ۽ باغيچن رکڻ سان تعمير ڪري نه ٿا سگهجن. ادارو انهيءَ ڪرسيءَ کي نه ٿو چئجي، جنهن ۾ صاحبِ اختيار پينڪيون ٿو ڪائي. ادارو انهيءَ چيمبر کي به نه ٿو چئجي، جنهن ۾ صاحبِ اختيار ڪم جي وقت ننڊون ٿو ڪري ۽ ننڊ جي وقت ۾ جاڳي ٿو، توڙي جو آهو چيمبر انهيءَ مقصد لاءِ ناهيو ويو هجي، ته اهليت انهيءَ جاءِ تي ٿوري وقت لاءِ ترسندي ۽ اداري کي قوت فراهم ڪندي.

● ترقي پسند ادب جي باري ۾ چنڊڇاڻ ڪرڻ جي لاءِ نمائنده اديبن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي ۽ ادبي بورڊ ان جو انتظام ڪري.

● عظيم ۽ بين الاقوامي اهميت جي شخصيتن مان، ڪنهن نه هڪ تي هر پرچي ۾ هڪ مضمون ڏنو وڃي (ترجيح اديبن ۽ دانشورن کي ڏني وڃي).

● باصلاحيت ليکڪن جي تحريرن کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي؛ پر سچائيءَ ۽ زندگيءَ جي ادبي نظرئي کان هٽي لکڻ وارن کي، باصلاحيت تصور ڪرڻ سان نقصان نه ٿي سگهي ٿو.

● ادبي تنقيد جي سوال کي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ، هر مهيني هڪ نظم يا هڪ مضمون کي تنقيد سميت شايع ڪيو وڃي. (ڪهاڻي يا ننڍڙو ناٽڪ به شامل ڪجي).

● مهراڻ ۾ تصويرن ۽ ليکڪن جي فوٽن کي به جاءِ ڏني وڃي.

● سرورق جي پراڻن ۽ بار بار آيل نمونن کي وڌيڪ نه دهرايو وڃي ۽ هاڻي اڳتي ڪنهن نه ڪنهن آرٽسٽ جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن.

● آزاد ۽ غيرجانبدار راءِ جي لاءِ "فورم" قائم ڪيو وڃي ۽ ان جي لاءِ صفحا مقرر ڪيا وڃن.

● بين الاقوامي اهميت جي واقعن ۽ مسئلن تي مضمون لکائي شايع ڪيا وڃن. ان باري ۾ اقتصاديات، نفسيات، بين الاقوامي معاملات، سماجيات ۽ ٻيا اهڙا مضمون اچڻ گهرجن. تعليم کي به پوري اهميت ڏني وڃي (ماهرن جي خدمتن حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن).

● سنڌ ۽ پاڪستان تي هر دفعي هڪڙو جامع مضمون ڏنو وڃي.

● بين الاقوامي اهميت جي هڪڙي ڪتاب تي هر دفعي مڪمل تعارف ڏنو وڃي.

● نظم جي حصي ۾ هڪڙي شاعر جو رڳو هڪڙو نظم شايع ڪيو وڃي، پر اهو نظم هر لحاظ کان معياري هجڻ گهرجي.

● ٻني، ڇپائي ۽ ايڊيٽنگ جي طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي.

— الهداد ٻوهيو

●

سڄڻ جي سارين، سي نَڪي رُوَن نه ڇُون ڪي.

— شاهه

# سُجاڻ (ادارا)

## سنڌي ڊپارٽمينٽ، ڪراچي يونيورسٽي

ون يونٽ واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي پرائمري ليول تائين واڙيو ويو: جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي حقن جي ڳالهه ڪئي ويئي، تڏهن صوبائي ڪنرپٽن جو ريڊيو ميڊ الزام هنيو، سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجيءَ گهر مان تڙڻ جي ست سٽي ويئي. ڪراچي سنڌ جي گادي هئي، اتي اهو هاڃو وڌيڪ ٿيو. سنڌي ميڊيم اسڪول ٿاڌارجي ويا ۽ ڪراچي يونيورسٽي، جتي پرڏيهي ٻولين جا کاتا هئا، اتي سنڌي ٻولي ميساريل رهي.

سنڌ جي ڪُڇيءَ مان ون يونٽ جو ڳاٽي پڪو ڳٽ لٿو ته ڊسمبر 1971ع ۾، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي کاتو کليو. هاڻ پنج استاد آهن. ڀهرين رڳو ايم. اي جا ڪلاس شروع ٿيا ۽ بي. اي. آنرس جا ڪلاس 1973-74ع کان شروع ٿي سگهيا.

آنرس ۽ ايم. اي تي رڪمل ڪورس جي ڪتابن جي اڻاٺ پئي رهي آهي. ڪجهه ڪتابن کي ڇڏي ٻيا اهڙا ڪتاب آهن، جيڪي ادبي گهٽ ۽ نصابي وڌيڪ آهن. ڪيترا ڪورس جا ڪتاب اڻلڀ آهن. هڪ-اڌ لائبريريءَ ۾ هجن ته هجن ۽ شاگردن جو انهن تائين پهچڻ به مسئلو آهي. سنڌي کاتي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي استادن ان کوٽ کي پرڻ لاءِ، پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي، هڪ اشاعتي اداري "ورسٽي سنڌي پبليڪيشن" جي پيڙهه رکي آهي. هي ادارو جتي نوان ادبي ڪتاب ڇپائي رهيو آهي، اتي پراڻا ۽ اڻلڀ ڪتاب پڻ ڇپائي رهيو آهي. هيلتائين هيٺيان ڪتاب ڇپائي چڪو آهي:

| | |
|---|---|
| 1- هُڳار (چونڊ مضمون) | سهيڙيندڙ: نوازعلي "شوق" |
| 2- پشو پاشا | جمال ابڙو |
| 3- مقدمہ لطيفي | ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي |
| 4- نورجهان | " |

اهي چارئي سنڌيءَ جا اهم ڪتاب آهن، جيڪي شاگردن توڙي عام پڙهندڙن لاءِ پڻ ڪارائتا آهن. ادارو "ڪلاچي" مئگزين پڻ ڪڍي چڪو آهي. هن وقت ورسٽي سنڌي پبليڪيشن جا ٽي ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ آهن:

1. روح رهاڻ: ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي.
2. بلو دادا: اياز حسين قادري.
3. شبنم شبنم ڪنول ڪنول: نسيم احمد کرل.

'مهراڻ' جي پڙهندڙن کي "ورسٽي سنڌي پبليڪيشن" جا اهي ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ کپن ۽ ان اداري سان عملي سهڪار ڪري پنهنجو فرض پورو ڪرڻ کپي.

عيبن کي دور ڪري سگهي ٿو، جيڪي اجا هُن ۾ آهن. بلڪ وڏو عيب تبصري نگارن ۽ دوستن جون پوزيون هونديون آهن. انهن کان آجو ٿيڻ جي ڪوشش ڪجي. اسين اوهين ڏسون پيا، ته اڪثر دوست 'نئين ٽهيءَ' کي هرو ڀرو اجايا چاڙهه ڏين ٿا ۽ جيڪي نئين ٽهيءَ جا ننڍي ڳجهيءَ وارا يار آهن، سي اهڙين گهٽترين کي پڙي ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي بالڪل ٻڌجي ويهي رهن ٿا ۽ رڳو واڪاڻيندڙن جي پنيان نائب ٿيو هلندا وتن. ائين پاڻ کي ڇيهو ٿا رسائين. اميد آهي تہ ذوالفقار ائين نائب ٿيڻ کان بدران پنهنجو وقت اڀياس ۾ سجايو ڪندو، جيڪو هڪ شاعر لاءِ تمام ضروري آهي.

هي ڪتاب 'سنڌي اڪيڊمي' حيدرآباد ڇپايو آهي، قيمت سادي ڪاپي 6 رپيہ ۽ اوچي ڪاپي 8 رپيا اٺس ۽ صفحا 108.

[ڇپائيندڙ: سنڌي اڪيڊمي، حيدرآباد. سائيز: ڊيمي. صفحا 108.
قيمت: (سادي ڪاپي) ڇهه رپيا، (اُچي ڪاپي) اٺ رپيا].

— عبدالجبار جوڻيجو

## شعر فارسي در بلوچستان.

پاڪستان جي سرزمين کي اهو فخر حاصل آهي جو آها فارسي زبان جي ادب ۽ ايراني فرهنگ و هنر سان صدين کان بهره ور ٿيندي پئي رهي آهي ۽ اڄا تائين ايران ۽ پاڪستان جا ادبي ۽ فرهنگي ناتا نهايت نزديڪ تر آهن ۽ فارسي زبان، ادب ۽ فرهنگ و هنر جا نقش هتي جي سڀني صوبن ۾، پاڪستان ۽ ايران جي اتحاد ۽ يڪانگيءَ جو مظهر آهن. هتي فارسي زبان ۾ سڀني صنفن جي شاعري، نثر ۾ علم طب، تصوف ۽ تاريخ تي ڪتاب تصنيف ٿيل آهن ۽ انهيءَ علمي ذخيري تي محقق عالمن ۽ ادبين وقت جي حالتن پٽاندڙ ڪم ڪيو آهي ۽ ڪيترائي فارسي زبان ۾ تصنيف ٿيل ناياب ڪتاب شعر، ادب، تاريخ، تصوف ۽ طب وغيره تي شايع ٿيا آهن.

ايران جي شهنشاهہ آريا مهر رضا شاهہ پهلوي ۽ اسلاميا جمهوريا پاڪستان جي تعاون سان علم، ادب ۽ فرهنگ و هنر جي فروغ لاءِ اسلام آباد ۾ "انتشارات مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان" جي نالي سان ادارو وجود ۾ آيو. ان ئي اداري جي ڪوشش سان، هتي جي فارسي زبان جي سڀني صنفن جي ڪتابن تي تحقيق ۽ تدوين جو ڪم ٿي رهيو آهي. بلوچستان ۾ فارسي شاعريءَ جو تذڪرو بہ ان اداري جي نگرانيءَ هيٺ ڇپيو آهي. ان ڪتاب جو مؤلف ڪُهنہ مشق اديب، شاعر ۽ محقق محترم پروفيسر ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر آهي. فاضل مؤلف ڪتاب جي سموهڻ ۽ سهيڙڻ ۾ جيڪا ڪوشش ڪئي آهي، سا ساراهہ جوڳي آهي، جو تہ بلوچستان جي وسيع ترين ۽ دشوار ترين علائقي ۾ فارسي شعر جو ٽڙيل پکڙيل مواد ڏورانهن هنڌن تي وڃي هٿ ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ ڏس ۾ مؤلف وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. هي فارسي شاعرن جو تذڪرو محترم ڊاڪٽر ڪوثر صاحب جي ڏهن سالن جي تحقيق ۽ تدوين جو نتيجو آهي.

حيدرآباد ۾ رهڻ واري هن ئي عرصي ۾، هو تنوير جي ننڍي ڀاءُ جي حيثيت سان نہ؛ ۾ الطاف عباسيءَ جي حيثيت سان اڀري رهيو هو. ادبي دنيا ۾ توڙي ٻاهر الطاف سوگوار دوستن جو هڪ وسيع حلقو ڇڏيو آهي.

الطاف جي نظم "منهنجو ڏيئو" جون هي آخري سٽون، الاهه ڇو هرو ڀرو هانءَ تي هُري آيون آهن:

جي منهنجو رت ڦڙو ڦڙو نڪتو
سو اُن ۾ تيل بڻجي پرلدو
جي ديپ اَجهائڻ چاهين ٿو
ڪو سورج روشن ڪر تہ مڃان

— امداد حسيني

---

●

اونهي ۾ اوهري، جنڌهن ويئڙا جهي،
موٽي مايڪ نہ آئيا، ماهه! سامونڊي سهي،
ڪلرو تنين ڪي، جهڪس وَهُ وَري وِنو.

اوڙاهہ وٺا، نہ وَرِئا، آئون تنه ماري وِيڻَ،
ڪري سامونڊي سيڻَ، جُسهي جارُ ٻرائيو.

سامونڊي ساري، مٿي تڙَ ڪناريان،
مون ڪي ٿي ماري، آئين سندي ڪالهڙي.

سامونڊيڪو سڱُ، آهي ڪولدرَ ڪاڏئون،
آنکهن چاڙهي آگَ، وٺو وڻجارو اوهري.

— شاهہ

# پهچ

1. "سچ تيريءَ هيٺان"
شاعري
تنوير عباسي
نذر سنز
ڪوٺڙي والا چيمبرس
جنرل هوش محمد شهيد روڊ
حيدرآباد سنڌ.
صفحا: 112، ڪچو جلد قيمت 00-10 رپيا
۽ پڪو جلد قيمت 00-15 رپيا

2. "زندگيءَ جو وهڪرو"
ڪهاڻيون
ممتاز مهر
نئون دور پبليڪيشن، سکر سنڌ.
صفحا: 112، قيمت 20-4 رپيا.

3. "سيتا هرن"
ناول
ليکڪا: قرة العين حيدر
ترجمو: ولي رام ولڀ
آگر پبلشنگ ايجنسي
پ. ب نمبر 238، حيدرآباد سنڌ.
صفحا: 280، قيمت 00-8 رپيا.

4. "پاتال ۾ بغاوت"
طويل ڪهاڻي
ليکڪ: ماڻڪ
آگر پبلشنگ ايجنسي
پ. ب نمبر 238، حيدرآباد سنڌ.
صفحا: 90، قيمت 00-4 رپيا.

5. "نڪور لکيون"
ڪهاڻيون
مرتب: اسلم لغاري
سنڌي اڪيڊمي 474، حيدرآباد سنڌ.
صفحا: 98، قيمت: 00-5 رپيا.

6. "لطيفيات"
شاهه جي سوانح ۽ ڪلام جي ببلوگرافي
سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ.
صفحا: 256 قيمت: 00-8 رپيا.

7. "سنڌي ٽائيپ رائيٽنگ"
سنڌي ٽائيپ رائيٽنگ جي سکيا
ليکڪ: عنايت الله عباسي
سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ.
صفحا: 160 قيمت: 00-20 رپيا.

8. "قرآن جا موتي"
قرآني آيتن جو ترجمو
از: سيد گل محمد شاهه رضوي
ٽنڊو الهيار، سنڌ.
صفحا: 24 هديو: 25-1 رپيا.

9. "ميان مِٺُو"
(تنقيدي جائزو)
ليکڪ: شيخ نيازمحمد 'نياز'
گورنمنٽ ٽريننگ اسڪول
لاڙڪاڻو، سنڌ.
صفحا: 60 قيمت: 00-1 رپيو.

10. "انسان جي تاريخ"
ليکڪ: محمد عثمان ڏيپلائي
پ. ب نمبر: 152، حيدرآباد سنڌ.
صفحا: 56 قيمت: 00-4 رپيا.

11. سنڌي ادب (ششماهي)
علامه اقبال نمبر
سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، سنڌ.
صفحا: 120 قيمت: 00-3 رپيا.

['پهچ' لاءِ هڪ ۽ تبصري لاءِ ٻه ڪاپيون موڪلڻ گهرجن.]

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪتاب

## سنڌي ڪتاب

| ڪتاب جو نالو | مصنف | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 1- آفتاب ادب | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 216 | 5-00 |
| 2- حيات النبي | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 280 | 10-00 |
| 3- سيرت مصطفيٰ | مولوي محمد عظيم شيدا | 546 | 12-00 |
| 4- ٽلسمن عرف غازي صلاح الدين | ساڌو هيرانند ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي | 214 | 5-00 |
| 5- گل | ڪيولرام سلامتراء آڏواڻي | 110 | 2-00 |
| 6- گل ڦل | پرمانند ميوارام | 414 | 12-00 |
| 7- چندن هار | مرزا قليچ بيگ | 600 | 12-00 |
| 8- دلارام | مرزا قليچ بيگ | 88 | 2-00 |
| 9- زينت | مرزا قليچ بيگ | 254 | 6-00 |
| 10- فيروز دل افروز | مرزا قليچ بيگ | 160 | 4-00 |
| 11- گليور جو سير ۽ سفر | مرزا قليچ بيگ | 126 | 2-50 |
| 12- تحفة النسوان | مرزا قليچ بيگ | 194 | 5-00 |
| 13- مقالات الحڪمت | مرزا قليچ بيگ | 236 | 3-50 |
| 14- ٽي ديوَ يا راڪاس | مرزا قليچ بيگ | 32 | 1-00 |
| 15- وامق عذرا | مرزا قليچ بيگ | 28 | 1-00 |
| 16- سائو پن يا ڪارو پنو | مرزا قليچ بيگ | 300 | 7-00 |
| 17- انڪوائري آفيسر | مرزا قليچ بيگ | 76 | 2-00 |
| 18- حسنا دلدار | مرزا قليچ بيگ | 150 | 4-00 |
| 19- سنڌي وياڪرڻ (3 ڀاڱا) | مرزا قليچ بيگ | 588 | 11-00 |
| 20- ايرڪ | مرزا قليچ بيگ | 456 | 6-50 |
| 21- جولئن هوم | مرزا قليچ بيگ | 402 | 6-00 |
| 22- مصيبت ماريا سائين سنواريا | مرزا قليچ بيگ | 226 | 5-00 |
| 23- حاجي بابا اصفهاني | مرزا قليچ بيگ | 420 | 6-50 |
| 24- عجيب طلسم | مرزا قليچ بيگ | 30 | 1-00 |

| قيمت | صفحا | مصنف | ڪتاب جو نالو |
|---|---|---|---|
| 1-00 | 44 | مرزا قليچ بيگ | 25- لباخان درزي ۽ خليفو ڪھنگ |
| 1-25 | 60 | مرزا قليچ بيگ | 26- شهزادي محبوب جي آکاڻي |
| 1-50 | 76 | مرزا قليچ بيگ | 27- رستم |
| 1-00 | 36 | مرزا قليچ بيگ | 28- پٽيل اکيون پوريل اکيون |
| 1-50 | 56 | مرزا قليچ بيگ | 29- ٻائي وائي ٻائي وزو |
| 1-00 | 50 | مرزا قليچ بيگ | 30- قدم برگ شهزادي |
| 2-00 | 76 | مرزا قليچ بيگ | 31- عجيب جواهر |
| 14-00 | 444 | مرزا قليچ بيگ | 32- آملھ ماڻڪ |
| 2-50 | 98 | مرزا قليچ بيگ | 33- حشرات الارض |
| 5-00 | 142 | مرزا قليچ بيگ | 34- گنن جي نوڪري |
| 5-00 | 204 | مرزا قليچ بيگ | 35- شاھ ايليا |
| 2-00 | 100 | مرزا علي نواز بيگ | 36- اخلاق حميده |
| 10-00 | 280 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 37- لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو 2) |
| 14-00 | 516 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 38- جامع سنڌي لغات (ڀاڱو 1) |
| 14-00 | 812 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 39- ڳيچ |
| 17-00 | 1018 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 40- ٽيھ اکريون (ٻہ ڀاڱا) |
| 10-50 | 752 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 41- مناظرا |
| 20-00 | 757 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 42- ڏور |
| 12-00 | 541 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 43- بيت |
| 7-00 | 436 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 44- هفتي ڏينهن ۽ راتيون |
| 9-00 | 500 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 45- واقعاتي بيت |
| 16-00 | 430 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 46- مومل - راڻو |
| 8-00 | 446 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 47- لوڪ گيت |
| 22-00 | 925 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 48- ڳجھارتون |
| 6-00 | 232 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 49- مورڙو ۽ مانگر مڇ |
| 40-00 | 1300 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 50- دودو چنيسر (ٻہ ڀاڱا) |
| 15-00 | 585 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 51- سسئي پنهون |
| 12-50 | 360 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 52- عمر مارئي |
| 10-00 | 260 | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 53- سورٺ راءِ ڏياچ |
| 5-00 | 282 | لطف الله بدوي | 54- ڪليات خادم |

| ڪتاب جو نالو | مصنف | صفحا | قيمت |
| --- | --- | --- | --- |
| 55- چار درويش | لطف الله بدوي | 240 | 5-00 |
| 56- ڪلام حسن بخش | عارف المولا | 100 | 2-00 |
| 57- ڪليات حسين ديدڙ | عبدالڪريم سنديلو | 297 | 12-00 |
| 58- ڪليات شاهه محمد ديدڙ | عبدالڪريم سنديلو | 214 | 15-00 |
| 59- سپا جو سينگار | سوڀراج آڏواڻي | 600 | 5-00 |
| 60- بلو ڪوڪر | ديوان صاحب سنگهه شاهاڻي | 284 | 4-00 |
| 61- نالي ماتر آزادي | ذوالفقار علي ڀٽو | 328 | 7-00 |
| 62- ايسپ جون آکاڻيون | ديوان ننديرام ميراڻي | 258 | 10-00 |
| 63- راسيلاس | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | 248 | 5-00 |
| 64- تاريخ ريگستان (ڀاڱو 1) | رائچند | 300 | 20-00 |
| 65- تاريخ ريگستان (ڀاڱو 2) | رائچند | 681 | 24-00 |
| 66- خوش خصلت خاتون | بيگم بادام ناتوان | 118 | 3-00 |
| 67- ڪاميابي | غلام حسين جلباڻي | 120 | 3-25 |
| 68- سلامان و ابسال | غلام حسين جلباڻي | 120 | 2-00 |
| 69- تذڪره مشاهير سنڌ | سيد حسام الدين راشدي | 382 | 20-00 |
| 70- تذڪره اميرخاني | سيد حسام الدين راشدي | 372 | 14-00 |
| 71- چچنامه (سنڌي) | مخدوم امير احمد | 684 | 20-00 |
| 72- سنڌ بلوچستان جو سير | محمد حنيف صديقي | 424 | 20-00 |
| 73- سنڌ جي درٻار | محمد حنيف صديقي | 200 | 6-00 |
| 74- سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون | رچرڊ برٽن | 390 | 12-00 |
| 75- سنڌ جي مدنيت | سيد منظور نقوي | 250 | 12-00 |
| 76- آهي ڏينهن آهي شينهن | پير علي محمد راشدي | 544 | 20-00 |
| 77- تاريخ ڪلهوڙا سنڌي (ٻه حصا) | ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري | 1288 | 26-00 |
| 78- سنڌ جي اقتصادي تاريخ | سراج | 314 | 6-00 |
| 79- آمريڪي مختصر افسانا | سراج ۽ رباني | 476 | 6-00 |
| 80- آمريڪا جو سياسي سرشتو | شمشيرالحيدري | 254 | 3-00 |
| 81- ابن بطوطه جو سفر | محمد ابراهيم عباسي | 396 | 15-00 |
| 82- وحشي جيوت جا نشان | محمد ابراهيم جويو | 236 | 8-00 |
| 83- اقتصادي انصاف | غلام رضا ڀٽو | 282 | 5-00 |
| 84- سير ۽ سفر | سيد غلام مصطفيٰ شاهه | 260 | 5-50 |

| كتاب جو نالو | مصنف | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 141- روضة السلاطين ـ جواهرالعجائب | سيد حسام‌الدين راشدي | 438 | 28-00 |
| 142- هو ڏوڻي هو ڏينهن | سيد حسام‌الدين راشدي | 466 | 50-00 |
| 143- ديوان عظيم | ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان | 266 | 8-50 |
| 144- مثنوي هير و رانجها | حفيظ هوشيارپوري | 400 | 7-00 |
| 145- تاريخ تازه نواي معارڪ | آقاي عبدالحي حبيبي افغاني | 1140 | 30-00 |
| 146- ڪليات مائل | محمود احمد عباسي | 542 | 17-00 |
| 147- ديوان محسن | حبيب الله رُشدي | 500 | 22-00 |
| 148- فتح نامه | شيرمحمد نظاماڻي | 224 | 12-00 |
| 149- ديوان صنعت | لطف الله بدوي | 252 | 12-00 |

## عربي ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 150- دراسات اللبيب | مرتب: مولانا نعماني | 618 | 17-00 |
| 151- ذب الذبابات (حصه اول) | مرتب: مولانا نعماني | 1000 | 22-00 |
| 152- ذب الذبابات (حصه ثاني) | مرتب: مولانا نعماني | 1016 | 22-00 |
| 153- مقدمه ڪتاب التعليم | مرتب: مولانا نعماني | 360 | 22-00 |
| 154- ديوان ابي عطا | مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 32 | 4-50 |
| 155- المتانة في مرامة الخزانة | مرتب: غلام مصطفيٰ قاسمي | 898 | 17-00 |
| 156- بذل القوة | مرتب: مخدوم اميراحمد | 540 | 22-00 |
| 157- التمهيد | مولانا: عبيدالله سنڌي | 522 | 30-00 |

## انگريزي ڪتاب

| | Pages | Price |
|---|---|---|
| 158- Sind-A General Introduction by H. T. Lambrick | 274 | 45/00 |
| 159- Sind-Before Muslim Conquest by H. T. Lambrick | 240 | 35/00 |
| 160- Shah Abdul Latif-An Introduction to his Art by Allama I. I. Kazi | 56 | 5/00 |
| 161- Casual peeps at Sophia by Allama I. I. Kazi | | 12/00 |
| 162- A Physical & Economic Geography of Sind by Dr: M. B. Pithawalla | 390 | 35/00 |

سنڌي ادبي بورڊ جا هيٺ ڄاڻايل ڪتاب
ختم ٿي ويا آهن ۽ هن وقت وڪري
لاءِ موجود نہ آهن.

## سنڌي ڪتاب

| ڪتاب جو نالو | مصنف | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 1- قديم سنڌ | پيرومل مهرچند آڏواڻي | 500 | |
| 2- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ | پيرومل مهرچند آڏواڻي | 364 | |
| 3- گل شڪر | ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي | 274 | |
| 4- ڪليات امين | محبوب علي چنا | 328 | |
| 5- ڪليات ڪمال | اظهر گيلاني | 212 | |
| 6- هدايت الانشاء | هدايت الله مشتاق | 450 | |
| 7- ديوان قليچ | مرزا قليچ بيگ | 426 | |
| 8- ٿي گهر | مرزا قليچ بيگ | 360 | |
| 9- سچي محبت | مرزا قليچ بيگ | 342 | |
| 10- نيڪي ۽ بدي | مرزا قليچ بيگ | 142 | |
| 11- موتين جي دهلي | مرزا قليچ بيگ | 266 | |
| 12- خود ياوري | مرزا قليچ بيگ | 352 | |
| 13- دلپسند قصا | مرزا قليچ بيگ | 384 | |
| 14- باغ ۽ باغباني | مرزا قليچ بيگ | 414 | |
| 15- شهزادو بهرام | مرزا قليچ بيگ | 240 | |
| 16- لغات لطيفي | مرزا قليچ بيگ | 382 | |
| 17- لطائف الطوائف | مرزا قليچ بيگ | 287 | |
| 18- قديم سنڌ جا شهر ۽ ماڻهو | مرزا قليچ بيگ | 515 | |
| 19- تحريرون ۽ تقريرون | مرزا قليچ بيگ | 288 | |
| 20- شيطان جي ناني | مرزا قليچ بيگ | 40 | |
| 21- سنڌي وياڪرڻ (ڀاڱو 1) | مرزا قليچ بيگ | 130 | |
| 22- غلاميءَ مان مٿي چاڙهو | مرزا قليچ بيگ | 386 | |

| ڪتاب جو نالو | مصنف | صفحا | قيمت |
|---|---|---|---|
| 23- عجيب ڳالهيون | مرزا قليچ بيگ | 214 | |
| 24- نيلو نڪي | مرزا قليچ بيگ | 48 | |
| 25- ٻه جاڙا ڀائر | مرزا قليچ بيگ | 42 | |
| 26- رسالو سچل سرمست (سنڌي) | عثمان علي انصاري | 476 | |
| 27- سچل جو سرائڪي ڪلام | محمد صادق رانيپوري | 510 | |
| 28- سيف الملوڪ (سرائڪي) | محمد صادق رانيپوري | 176 | |
| 29- ميين شاهه عنات جو ڪلام | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 300 | |
| 30- ڪلام فقير ولي محمد لغاري | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 490 | |
| 31- ڪليات حمل | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 376 | |
| 32- ڪليات سانگي | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 568 | |
| 33- پروليون ۽ ڏٺون | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 322 | |
| 34- لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو 1) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 558 | |
| 35- لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو 3) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 310 | |
| 36- لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو 4) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 306 | |
| 37- لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو 5) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 418 | |
| 38- لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو 6) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 254 | |
| 39- لوڪ ڪهاڻيون (ڀاڱو 7) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 328 | |
| 40- مداحون ۽ مناجاتون | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 530 | |
| 41- معجزا | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 390 | |
| 42- مناقبا | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 390 | |
| 43- مولود | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 480 | |
| 44- ٽڙ جا بيت | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 433 | |
| 45- عشقيه داستان - سنڌي قصا (ڀاڱو 2) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 310 | |
| 46- عشقيه داستان - ٻاهريان سنڌي قصا (ڀاڱو 7) | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 710 | |
| 47- ڍول مارو | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 268 | |
| 48- سهڻي-ميهار ۽ نوري-ڄام تماچي | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 280 | |
| 49- ليلان-چنيسر | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 264 | |
| 50- خليفي صاحب جو رسالو | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 308 | |
| 51- ديوان بيدل | عبدالحسين شاهه موسوي | 276 | |

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

### مولائي شيدائي جي لافاني تصنيف "جنت السنڌ" مان ڪوريل

● ...سنڌو ندي، جنهن تي هن صوبي جي زندگيءَ جو مدار آهي، سا دنيا جي وڏين ندين مان سترهون نمبر آهي. مسلمانن جي روايتن، توڙي هندن جي ڌرم ڪتابن ۾، هن نديءَ جي گهڻي تعريف ڪيل آهي. مسلمانن جي روايت موجب جنت مان چار درياهه — (1) نيل، (2) فرات، (3) جيحون، ۽ (4) سيحون — نڪرن ٿا، جن مان سيحون "سنڌو ندي" آهي. انهن درياهن جي وجود ڪري مصر، عراق، ماوراءالنهر ۽ سنڌ، دنيا ۾ "ارض معموره" سڏجن ٿا. اهڙيءَ طرح رگ ويد جي ڏهين منڊل ۾ هن نديءَ جي تعريف پنجهتر سلوڪن ۾ بيان ڪيل آهي... (ص 11)

● ...علامه ابن الفقيه همداني سن 330 هجري ڌاري لکي ٿو، ته "الله تعاليٰ سنڌ کي هيءَ خصوصيت بخشي آهي، جو منجهس هر قسم جون شيون، جهڙوڪ جواهرات، ياقوت، الماس، خوشبودار مصالا، عنبر، عاج، عمارتي ڪاٺ، ريشمي ڪپڙو، سوٽي ململيون، 'سنڌو' ۽ ٻيا اهڙا سامان ڌارين ملڪن ڏانهن وڪري لاءِ ويندا هئا."... انهن قيمتي شين ڪري، ٻيروني دنيا "جنت السنڌ" اڳيان محتاج هئي. ان سبب، هن ملڪ جي دولت کي لٽڻ لاءِ ڌارين قومن وقت بوقت مٿس ڪاهون ڪيون هيون، ۽ اهو سلسلو هر صدي جاري رهيو ۽ قومي يا ملڪي اتحاد ڪڏهن به قائم نه ٿي سگهيو... (ص 33)

● ...شاهه جو رسالو جهوني سنڌي ٻوليءَ جي خزاني سان لبريز آهي، ۽ سنڌي ادب جو قابل فخر شاهڪار آهي، جنهن کي الهامي حيثيت حاصل آهي، ۽ جنهن جهڙو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا پيدا ٿي نه سگهيو آهي. فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ معانيءَ جي جن قانونن کي دنيا ڪلام جو حسن ۽ بيان جو زيب مقرر ڪيو آهي، سو شاهه جي ڪلام ۾ موجود آهي... (ص 569)

● ...مياڻيءَ جي جنگ جو ذڪر ڪندي ڪئپٽن پوسٽنس پنهنجي ڪتاب 'پرسنل آبزرويشن آف سنڌ' ۾ لکي ٿو، ته "سنڌ جا باشندا هتي انگريز حمله آورن خلاف ائين وڙهيا، جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي اهڙيءَ شيءِ لاءِ وڙهندو آهي، جا کيس زندگيءَ کان بدرجها عزيز هجي." سنڌ جي باشندن انگريزن خلاف حيدرآباد جي ٻاهران مياڻيءَ جي جنگ ۾ پنهنجي آزاديءَ لاءِ جيڪو شاندار مقابلو ڪيو، اُن جو مثال قومن جي تاريخ ۾ هڪ شاندار يادگار آهي...

(ص 741-742)